# سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جو
# لاڙي لهجو

علي نواز آريسر

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# سنڌي ٻوليءَ ان جو لاڙي لهجو

سهيڙيندڙ
علي نواز آريسر

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ
2018ع

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| • ناشر پاران | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ | 5 |
| • پنهنجي پاران | علي نواز آريسر | 7 |
| • مقدمو | علي نواز آريسر | 9 |
| • سنڌي ٻوليءَ ۾ اُن جو لاڙي لهجو | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 19 |
| • لاڙي محاوري جو لساني جائزو | ڊاڪٽر داد محمد 'خادم' بروهي | 56 |
| • سنڌي زبان جي لاڙي محاوري جا ڪي پهلو | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 79 |
| • لاڙي ۽ اترادي لهجي جو تقابلي جائزو | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ | 98 |
| • لاڙ جي لوڪ ادب جو جائزو | ڊاڪٽر اسد جمال پلي | 112 |
| • لاڙ جي ٻوليءَ ۾ لهجو | خادم ٽالپر | 128 |
| • لاڙ جا مقامي لفظ ۽ انهن جي معنيٰ | عبدالجبار جوڻيجو | 144 |
| • لاڙ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر جو مختصر تاريخي جائزو | مشڪور ڦلڪارو | 155 |
| • سنڌي لسانيات ۾ محمد سومار شيخ جون خدمتون | هدايت پريم | 164 |

- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جون سنڌي ٻوليءَ ادب لاءِ
  ڪيل خدمتون — ڊاڪٽر تهمينہ مفتي 172
- مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جي وسيع
  تناظر ۾ — ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ 186
- خليفي نبي بخش 'قاسم' جي شاعريءَ ۾ لاڙي لهجي جو
  استعمال — ڊاڪٽر قادر بخش مگسي 198
- پهرين سنڌي شاعره مرڪان شيخڻ — غلام فاطمہ پير 208

# ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جي ڏس ۾ ٻوليءَ سان لاڳاپيل هر موضوع تي ڪتاب ڇپايا ويندا آهن ۽ مختلف ڪانفرنسون ۽ سيمينار ڪرايا ويندا آهن. ان سلسلي هيٺ اداري پاران 10 مئي 2016ع تي، لاڙي لهجن تي هڪ سيمينار ڪوٺايو ويو هو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ناليوارن اسڪالرن مقالا ۽ مضمون پيش ڪيا. ان وقت اهو فيصلو ڪيو ويو تہ سيمينار ۾ پڙهيل مقالن ۽ موضوع سان لاڳاپيل ٻيو مواد گڏ ڪري ڪتاب ڇپائجي. اهو مواد سنڌي ٻولي ۽ ان جي لاڙي لهجي بابت آهي، جنهن جو ڪم محترم علي نواز آريسر پنهنجي هٿ ۾ کنيو ۽ موضوع سان لاڳاپيل مواد گڏ ڪري هيءَ ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ان جو لاڙي لهجو" جي نالي سان ترتيب ڏنو آهي، جيڪو پبليڪيشن ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻي مورخہ 29 آگسٽ 2016ع ۾ منظور ٿيو. هن مهيڙ ۾ شامل مقالا ۽ مضمون نهايت ئي معياري آهن، جن ۾: 'سنڌي ٻولي ۽ اُن جو لاڙي لهجو'، 'لاڙي محاوري جو لساني جائزو'، 'سنڌي لسانيات ۾ محمد سومار شيخ جون خدمتون'، 'سنڌي زبان جي لاڙي محاوري جا ڪي پهلو'، 'لاڙ جا مقامي لفظ ۽ اُنهن جي معني'، 'لاڙي ۽ ترادي لهجي جو تقابلي جائزو'، 'لاڙ جي لوڪ ادب جو جائزو'، 'لاڙ جي ٻولي ۽ لهجا'، 'مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جي وسيع تناظر ۾'، 'خليفي نبي بخش 'قاسم 'جي شاعريءَ ۾ لاڙي لهجي جو استعمال'، 'ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جون سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ خدمتون'، 'محمد سومار شيخ جون سنڌي ٻوليءَ لاءِ خدمتون'، 'لاڙ ۾

سنڌي ٻوليءَ جي آوسر جو مختصر تاريخي جائزو'، 'ٻهرين سنڌي شاعره مرڪان شيخ 'شامل آهن.

هي سڀئي مضمون/مقالا موضوع جي لحاظ کان ڪارائتا آهن. ڇاڪاڻ جو هن ۾ لاڙي لهجي، لاڙ جي مقامي لفظن، لاڙي محاوري ۽ لساني جاگرافي تي ڪم ٿيل آهي، ان ڪانسواءِ مرڪان شيخ کان وٺي مولوي حاجي احمد ملاح تائين، خليفي نبي بخش 'قاسم' کان وٺي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي تائين، محمد سومار شيخ کان وٺي موجوده دور جي مشاهيرن تائين سڀ سنڌي ٻوليءَ جا محافظ رهيا آهن.

هيءَ ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ان جو لاڙي لهجو". لاڙي لهجي تي ڪم ڪرڻ لاءِ تحقيق جا بنياد وجهندو ۽ اسان جا اسڪالر چڱو لاڀ حاصل ڪندا.

10 سيپٽمبر، 2018ع
حيدرآباد سنڌ

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمئن

# پنهنجي پاران

لاڙ سنڌ جو اُهو خطو آهي، جتي قدرتي نعمتن جا اڻکُٽ ذخيرا موجود آهن. هن خطي کي ٻوليءَ جو محافظ خطو چئجي ته ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو. تاريخي حقيقتن کي مدِ نظر رکندي ڏٺو وڃي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي تشبيهون، استمارا ۽ ترڪيبون استعمال ٿيون آهن، اُهي سڀ کان پهرين لاڙ جي عالمن ۽ شاعرن ڪيون آهن. هيءَ ڪتاب 'سنڌي ٻولي ۽ ان جو لاڙي لهجو' ان حوالي سان ڪافي رهنمائي ڪندو. چاڪاڻ جو هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن شاعرن جي ٻوليءَ جو اڀياس ۽ لاڙي لهجي متعلق مقالا شامل ڪيا ويا آهن، جن ۾: 'سنڌي ٻولي ۽ اُن جو لاڙي لهجو'، 'لاڙي محاوري جو لساني جائزو'، 'سنڌي لسانيات ۾ محمد سومار شيخ جون خدمتون'، 'سنڌي زبان جي لاڙي محاوري جا ڪي پهلو'، 'لاڙ جا مقامي لفظ ۽ اُنهن جي معنيٰ'، 'لاڙي ۽ اترادي لهجي جو تقابلي جائزو'، 'لاڙ جي لوڪ ادب جو جائزو'،'لاڙ جي ٻولي ۽ لهجا'، 'مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جي وسيع تناظر ۾'، 'خليفي نبي بخش 'قاسم' جي شاعريءَ ۾ لاڙي لهجي جو استعمال'، 'ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جون سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ خدمتون'، 'محمد سومار شيخ جون سنڌي ٻوليءَ لاءِ خدمتون'،'لاڙ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي آوسر جو مختصر تاريخي جائزو'، 'پهرين سنڌي شاعرا مرڪان شيخڻ' شامل آهن.

اٿارٽيءَ پاران 10 مئي 2016ع تي 'لاڙ جي ٻولي ۽ لهجا' عنوان سان 'ايوانِ صحافت هال' بدين ۾ هڪ سيمينار ڪرايو ويو جنهن ۾

چئن اسڪالرن پنهنجا پيپر پڙهيا هُئا. اُن بعد اثارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرمئن محترم سرفراز راجڙ پاران هن ڪتاب جي تياريءَ جي ذميواري مون کي سونپي وئي، ۽ مون اُنهن مقالن کان علاوه موضوع سان لاڳاپيل ٻيا مقالا گڏ ڪري ڪتاب جي صورت ڏني آهي. هيءُ ڪتاب لاڙ جي عالمن ۽ شاعرن تي تحقيق ڪندڙ اسڪالرن لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو.

آءٌ ٿورائتو آهيان ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ صاحب جو، جنهن هيءُ ڪتاب اثارٽيءَ پاران ڇپائڻ ۾ سهڪار ڪيو ۽ پڻ ٿورا پبليڪيشن بيورو ۾ ڪم ڪندڙ دوستن جا، جن ذميوارين کي نڀائيندي، هي ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو.

علي نواز آريسر

20 سيپٽمبر، 2018ع
حيدرآباد، سنڌ

# مقدمو

ٻولي، انسان جي جذبن، احساسن، اُمنگن جي ترجمان ۽ انساني اظهار جو ذريعو هوندي آهي. شروعاتي دَور ۾ جڏهن انسان اِشارن جي زبان ڳالهائڻ شروع ڪئي هُئي، تڏهن اظهار جي ڏاڪڻ جو اُهو پهريون ڏاڪو هو اُن بعد آهستي آهستي مختلف ڏاڪا چڙهندي، انسان موجوده حالتن تائين پهتو ۽ سُڌريل سڏجڻ لڳو آهي ته انهيءَ ۾ ٻوليءَ جو وڏو دخل آهي. ٻين قومن ۽ سماجن جيان سنڌي قوم ۽ سماج به مختلف دورن مان گذري، سُڌريل سماج ڏانهن وڌيو آهي. اُن حوالي مان سنڌي ٻوليءَ جو ناليوارو عالم سراج ميمڻ لکي ٿو ته:

”ٻين سماجن جيان سنڌي سماج به ڪيترن ئي دورن مان لنگهندو رهيو آهي ۽ آخرڪار هي سماج به جڏهن ٻوليءَ جو مالڪ بڻيو، تڏهن هن ڪي به فطري ماحول سان واقفيت ٿي وئي. سنڌ جي انسان جي طبعي ماحول سان لهه وچڙ ۾ اُن جي مختلف نمونن سان لڳ لاڳاپو (Interaction) هن جي لاءِ وڏيڪ تجربن جو سبب بڻيو ۽ هن طرح هي سنڌي ماڻهو اُنهن تجربن ڪي، جيڪي جدا جدا آوازن جي صورتن ۾ هئا، پنهنجي انهي ٻوليءَ ۾ شامل ڪندو رهيو ۽ هن طرح سنڌ جو ماڻهو هڪ سڌريل زبان جو مالڪ بڻيو.“

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت موهن جي دڙي کان آڳاٽي معلوم ٿئي ٿي، يعني پنج هزار سالن کان آڳاٽي هن زبان ۾ اُهي سڀ خوبيون موجود آهن، جيڪي هڪ قدرتي ٻوليءَ ۾ هونديون آهن. هن زبان کي پنهنجا نِج محاورا ۽ اصطلاح آهن، پنهنجون خصوصيتون، حُسناڪي

۾ نج پنهنجا آواز آهن. سنڌي ٻوليءَ جي فطري خوبين جي حوالي سان سراج صاحب جي هيءَ راءِ نهايت ئي اهميت لائق آهي ته:

”هڪ نظريو جنهن تي اڪثر ماهر متفق آهن، پر جنهن جو ثبوت ملڻ مشڪل آهي، سو آهي فطري آوازن جو نظريو. آءٌ ذاتي طرح اُن نظريي کي ئي نسبتاً صحيح نظريو سمجهان ٿو ۽ ٻين ٻولين ۾ اُن جو ثبوت مِلي نه مِلي، سنڌي ٻوليءَ ۾ اُن جا ڪافي ثبوت ملن ٿا ۽ اسان جي ٻوليءَ مان اُن نظريي کي ڪافي تقويت ملي ٿي.“ (سنڌي ٻولي)

سنڌي ٻولي جيتوڻيڪ مختلف مرحلن مان گذري هڪ سُڌريل ٻولي بڻي آهي، پر اِها مڃيل حقيقت آهي ته اُها آڳاٽي زبان آهي. اسلام جي آمد کان به اڳ، سنڌ جا ماڻهو وسيع تعلقات رکندڙ هُئا ۽ ڪيترن پاڙيسري مُلڪن سان واپاري ۽ تجارتي لاڳاپا رکندا پئي آيا. اهڙيءَ ريت ٻوليءَ ۾ لفظن جي مٽا سٽا ٿيندي رهي، اها سنڌي ٻوليءَ جي خوبي آهي، جنهن ٻين ٻولين جي لفظن کي پنهنجايو ۽ ترقي پذير بڻجندي وئي. ٻوليءَ ۾ تبديلي، مٽا سٽا ۽ ڦير گهير جي حوالي سان ناليوارو دانشور محمد ابراهيم جويو لکي ٿو ته:

”جيڪڏهن ڪا ٻولي، ڪنهن وڏي ايراضيءَ ۾، يا لڏپلاڻ سبب، گهڻين الڳ الڳ ايراضين ۾ ڳالهائي وڃي ٿي ته اُن ٻوليءَ ۾ جُدا جُدا هنڌن تي، جُدا جُدا انداز ۽ نموني سان ڦير گهير واقع ٿيندي.“ (مهاڳ: سنڌي ٻولي)

پروفيسر ائن مورا، سنڌ ڌرتيءَ کي 'مذهبن جي ماءُ' سڏيو آهي ۽ ٻين ڪيترن مؤرخن سنڌ کي 'تهذيبن جي ماءُ'سڏيو آهي، ساڳيءَ طرح سنڌي هڪ 'ماءُ ٻولي' آهي. دنيا جون ڪيتريون تهذيبون، سنڌ جي سگهاري تهذيب مان ڦُٽي نڪتيون آهن. ان ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته دنيا جي ڪيترين ٻولين جو جنم سنڌي ٻوليءَ جي ڪُک مان ٿيو آهي.

سنڌ جيئن تہ وسيع پکيڙ ۽ وسيع پسمنظر رکندڙ ڌرتي آهي، ان ڪري هتي مختلف نسلن، قبيلن ۽ قومن جا ماڻهو رهن ٿا، ۽ هر ڪنهن جي رهڻي ڪهڻي، لباس، کاڌو اُٺڻي ويهڻي، ڪلچر ۽ ٻولي جُدا جُدا آهي، پر اُهي سيئي سنڌي تهذيب جا مختلف قسم ۽ نمونا آهن. جيڪي گڏجي جامع سنڌي تهذيب جي رنگارنگيءَ کي قائم رکن ٿا. اهڙيءَ ريت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائي ويندڙ سنڌي ٻوليءَ کي اُتان جا مقامي لهجا (dialects) سڏيو ويو آهي، جن کي پنهنجا نِج لفظ ۽ محاورا آهن.

## سنڌي ٻوليءَ جو لاڙي لهجو:

لاڙ سنڌ جو هڪ خوبصورت خطو آهي، هن خطي ۾ ڳالهائجندڙ ٻولي، سدا شاهوڪار مِٺڙي ۽ وڻندڙ آهي. تاريخي حوالن سان ڏٺو وڃي تہ هتي جي ٻولي آڳاٽي آهي، ۽ معياري سنڌيءَ جي بلڪل ويجهو آهي. جتن جي ٻوليءَ جي حوالي سان ڊاڪٽر **نبي بخش خان بلوچ** پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ ۾ لکيو آهي تہ: "سنٽاءَ جي لحاظ سان 'جتن جي ٻولي' ۽ 'موجوده سنڌيءَ' ۾ ڪو فرق ڪونهي." ڊاڪٽر صاحب جي هن دليل جي روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي تہ: جت قبيلي جا ماڻهو لاڙ ۾ گهڻي تعداد ۾ موجود آهن ۽ اُنهن جي ٻولي لاڙي آهي. لاڙي لهجو معياري سنڌيءَ کي گهڻو ويجهو آهي. لاڙ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت ڊاڪٽر **غلام علي الانا** پنهنجي ڪتاب 'لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ' ۾ لکيو آهي تہ:

"اسلام جي آمد کان اڳ، لاڙ جا هندو واپاري ۽ تاجر ايران، عربستان، زابلستان، بلخ ۽ بخارا تائين بہ ويندا هئا. انهيءَ اچ وڃ ۽ واپاري ڏي وٺ جو اثر، جيئن ملڪ جي اقتصادي حالت تي ٿيو تيئن هن خطي جي ثقافت ۽ ٻوليءَ تي پڻ ٿيو. ڪيترن ئي لفظن جي ڏي وٺ

ٿي، ۽ ڪيترائي سنڌي لفظ، فارسي ۽ عربي لغتن ۾ داخل ٿي ويا. اهڙيءَ طرح هزارن جي تعداد ۾ عربي ۽ فارسي زبان جا لفظ محاورا ۽ اصطلاح، سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي ويا."

## پهرين سنڌي شاعرا مرڪان شيخڻ:

پهرين سنڌي شاعرا مرڪان شيخڻ جو تعلق بہ لاڙ سان آهي، هوءَ سنڌي ٻوليءَ جي پهرين شاعرا مڃي وئي آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو **'ڪلام مرڪان شيخڻ'** جي نالي سان، محمد سومار شيخ 1971ع ۾ بدين مان ڇپرائي پڌرو ڪيو هو. مرڪان شيخڻ 'گيچ' جي وڏي شاعر هُئي، هن جي شاعريءَ جي ٻوليءَ تي لاڙي ۽ ڪڇي لهجن جو وڏو اثر آهي، جيڪي ٻئي لاڙ جا لهجا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا، مرڪان جي شاعرانِي ٻوليءَ بابت لکيو آهي تہ: "مائي مرڪان جا جوڙيل پيراٽا، سنڌي ٻوليءَ جو اَمُلهہ سرمايو آهن."

اُن ڪري سنڌي شاعريءَ جي وسيع پسمنظر ۾ ڏسجي، ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي آوسر گهڻي ڀاڱي لاڙ ۾ ٿي آهي.

## شاهہ لطيف جو ڪلام ۽ لاڙي لهجو:

سنڌ جي سرتاج شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ لاڙي لهجي جو وڏ ۾ وڏ استعمال آهي. اُن حوالي سان الهہ بخش سرشار عُقيلي لکي ٿو تہ:

"عربن جي فتح ڪيل سنڌ جي حدن ۾ جيڪي بہ مڪاني ٻوليءَ جا قسم هن خطي ۾ ڳالهايا ويندا هئا، تن سڀن جي ڀاڱي ڀٽيءَ ڀٽاندر شاهہ جي رسالي ۾ نمائندگي ٿيل آهي. رسالي جي عام ٻولي، وچولي ۽ لاڙجي ٻولي آهي، جي سماٽ قومن [قبيلن] جا اصلي مرڪز

هٿا، ۽ انهيءَ ڪري اُچارن، لهجن ۽ پڻ گرامر جي قاعدن ۽ نحوي ترڪيبن ۾ انهي کي ٿي اختيار ڪيو ويو آهي، شاهه صاحب جي ٿي دڳ لائڻ جي آڌار تي اهي ٿي نمونا، اسان جي ڄاڻو تعليمي ماهرن درسي ڪتابن ذريعي رائج ڪيا، ۽ اهڙيءَ طرح اسان جو وڏندڙ ادبي ذخيرو صحيح ڏس ۾ هلڻ لڳو. اجا ٿي ڪجهه نيٺ لاڙي لفظ ۽ لفظن جون آڳاڙيون، ڪي سندن اصلي ميناج سبب ۽ ڪي گرامر جي جُزي هجڻ سبب شاهه صاحب جيئريون رکيون، جن کي پوءِ جي تعليمي نصاب وارن نامعلوم سببن ڪري ترڪ ڪري ڇڏيو جيئن ته: ڇا جي بدران ڳڇاڙو نه ڇڏ جي بدران مَ ڇڏ وغيره."

سنڌ جو هڪ ٻيو اديب ۽ محقق تاج جويو اُن حوالي سان لکي ٿو ته: "سنڌ جي ڪلاسيڪي ۽ اساسي شاعريءَ جي مضبوط روايت جي شروعات لاڙ کان ٿي آهي، ميين عنات رضوي، لُطف الله قادري ۽ شاهه لطيف جي شاعريءَ جي ٻوليءَ تي هن خطي جو وڏو اثر آهي. جيڪڏهن اسان شاهه لطيف جي شاعريءَ مان لاڙي اُچار ۽ لهجو ڪڍي ڇڏينداسون ته اُن جو سمورو حُسن ۽ هڳاءُ ختم ٿي ويندو."

### لاڙ جي شاعرن جي ٻولي:

شاهه سائينءَ کان پوءِ ويهين صديءَ جي لاڙ جي وڏي شاعر مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعريءَ تي بہ لاڙي لهجي جو اثر نمايان آهي. مولوي حاجي احمد ملاح معياري ٻوليءَ ۾ بہ شاعري ڪئي آهي، پر اُن جي باوجود هُن پنهنجي خطي جي ٻوليءَ کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي ۽ لاڙي لهجي جا تمام گهڻا لفظ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم آڻي، ٻوليءَ جي ضخامت کي وڌايو آهي، نہ فقط ايترو پر هن سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۾ بہ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا هي لفظ سندس فڪر کي اُجاگر ڪن ٿا: "آءَ

سنڌي لُغت کي تيستائين مڪمل نہ ٿو ڪري سگهان، جيستائين مولوي حاجي احمد ملاح جيئرو آهي، هُو روز نوان نوان لفظ شاعريءَ ۾ ڪتب آڻيندو رهي ٿو ۽ سنڌي لغت ۾ اضافو ڪندو رهي ٿو.“

حاجي احمد ملاح لاڙ جي ٻوليءَ جو محافظ شاعر هو پر بدقسمتيءَ سان کيس مذهبي شاعر سمجهي سيني نظر انداز ڪيو آهي. هن جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو’قرآن پاڪ‘ جو سنڌي منظوم ’ترجمو‘ آهي، ۽ مُنهنجي دعويٰ آهي تہ مولوي حاجي احمد ملاح کي مذهبي شاعر قرار ڏيندڙن، سندس قرآن پاڪ جي منظوم سنڌي ترجمي ’نُورالقرآن‘ جو مطالعو ئي نہ ڪيو آهي، جي اُنهن ڪيو هُجي ها تہ اهڙي ڳالهہ ئي نہ ڪن ها. ڇاڪاڻ تہ مولوي ملاح ’نُورالقرآن‘ ۾ جيڪا ٻولي ڪم آندي آهي ۽ جيڪي لفظن، تشبيهن ۽ ترڪيبن جا واهڙ وَهايا آهن، سي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ انمول خزانو آهن. علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي هي راءِ اُن سلسلي ۾ اهميت رکي ٿي تہ: ”هن ترجمي ۾ سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي جي سنڌي لفظن جو چوليون ڏيندڙ درياهہ سمايل آهي.“ مولوي حاجي احمد ملاح جهڙي شاعر کي نظر انداز ڪرڻ بيحسيءَ جي انتها آهي، وري بہ جس لهڻي ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ، ٽنڊي باڳي وارو جنهن مولوي احمد ملاح جي ’نُورالقرآن‘ تي پي.ايڇ.ڊي ڪري، ڪنهن حد تائين ساڻس انصاف ڪيو آهي.

لاڙ جي سرزمين کي سڏيو ئي شاعريءَ ۽ شاعرن جي سرزمين ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ شاهہ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ نہ رُڳو لاڙ جا نيم تاريخي داستان ڳايا آهن، پر لاڙي لهجي کي امرتا بخشي آهي. مولوي احمد ملاح لاڙ جو رُومي هو. خليفي نبي بخش ’قاسم‘ کان وٺندي، عبدالمبين ٻِنائيءَ تائين، محمد خان مجيدي، سرويچ سجاولي،

شمشيرالحيدري، ابراهيم منشي، غلام حسين رنگريز مريم مجيدي، محمد علي مانجهي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ۽ موجوده ٿهيءَ جي فراق هاليپوٽي تائين ڪيترا اهڙا شاعر آهن، جن سنڌي شاعريءَ جي آسمان تي ڪيئي انڊلٺي رنگ اُڀاريا آهن، پر اها هڪ حقيقت آهي ته لاڙ جي ڌرتيءَ تي خليفي نبي بخش جو جمڻ ڀاڳ جي نشاني آهي. خليفو اُهو پهريون شاعر آهي، جنهن پنهنجي ڌرتيءَ جو ڪرڙيءَ جي جنگ بابت ڪيڏارو لکيو. نه فقط اِهو پر خليفي جو 'سُر سارنگ' به سنڌي ٻوليءَ جو اَمُلهه خزانو آهي. سُر سارنگ جي حوالي سان پروفيسر ڊاڪٽر قادر بخش مگسيءَ لکيو آهي ته:

"سچ پچ ته خليفي نبي بخش 'قاسم' جو 'سُر سارنگ' فنِ شاعريءَ جو بيمثال مظهر آهي، ڇاڪاڻ ته اُن سُر ۾ موسم جي ڪيفيت، ڪڪرن جي آڪاش تي سنبت ۽ مينهن وسڻ جي سميي ۽ جماليات کي، جنهن نموني سان خليفي بيان ڪيو آهي، سو نهايت دلفريب انداز آهي."

لاڙ جديد دَور ۾ رومانوي ۽ مزاحمتي شاعر عبدالمبين ٻنائي پيدا ڪيو آهي، پر هن فقير شاعر کي ڪڏهن به ڪنهن ياد نه ڪيو آهي، لاڙ جي ماڻهن جي اهڙي بيحسي سچ ته ڏاڍي ڏُکوئيندڙ آهي.

**لاڙ جا ٻه هاڪارا عالم: سومار شيخ ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو:**

لاڙ پٽ جي شاعرن جي ذڪر ڪانپوءِ هتان جي اُنهن عالمن کي به ياد ڪرڻ فرض بنجي ٿو جِن سنڌي ٻوليءَ سان 'ماءُ' جهڙي محبت ڪئي آهي، اُنهن ۾ جيڪو پهريون نالو اسان جي سامهون اچي ٿو سو آهي محمد سومار شيخ، هيءُ لاڙ جو اُهو عالم ٿي گذريو آهي، جنهن سوَن جي تعداد ۾ ڪتاب لکيا. لاڙ ميوزم جو بنياد رکندڙ به هيءُ ماڻهو هو ته پهرين سنڌي شاعره مرڪان شيخڻ کي دريافت ڪري، سندس ڪلام ڇپائي، اُن کي منظر

تي آڻڻ بہ هن شخص جو ڪارنامو آهي. 'لطيف جا لاڙ تان پيرا' جهڙو ڪتاب لکڻ ۽ لاڙ جي تاريخي، ثقافتي ۽ لساني اُهڃاڻن کي نروار ڪرڻ وارو هيءُ يگانو انسان محمد سومار شيخ، مادي طرح ڪو ايڏو خوشحال ماڻهو بہ نہ هو پر هن جي اندر ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو عشق ڏيرو ڄمائي ويٺو هو جنهن هِن کي ويساهين نہ ٿي ڏني. هنن ماڻهن ڪهڙين حالتن ۾ ڪم ڪيو اهو سوچي اکيون آشڪبار ٿيو ٿيون وڃن. مولائي شيدائيءَ کي هڪڙي ڀيري، پير حسام الدين راشدي خط لکيو هو تہ: "مولائي! سکر جي تاريخ لِک!" اُن خط جي جواب ۾ مولائيءَ فقط ايترو لکيو هو تہ "پير صاحب! هڪڙي قميص وٺي موڪل تہ آنگ ڍڪي، سکر جي تاريخ تي ڪم شروع ڪريان." اِهي آهن اُهي ماڻهو جيڪي پنهنجي ذات ۾ خود ادارا هُئا، نہ تہ جنهن ماڻهو وٽ انگ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو نہ هُجي، اُن کي ڪهڙي ضرورت آهي قومن جي تاريخ لکڻ جي! محمد سومار شيخ بہ ساڳين حالتن مان گذري سنڌ، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪئي. هونئن تہ شيخ محمد سومار ڪيترن موضوعن تي لکيو ۽ جاکوڙ ڪئي آهي، پر سندس لسانيات جي حوالي سان ڪيل ڪم اهم جاءِ والاري ٿو جنهن ۾: 'ڪچين جا قول'، 'آريائي زبانون'، 'سنڌي ٻولي 5 هزار ورهيہ اڳ'، 'سنڌي ۽ پراڪرت'، 'سنڌي ۽ سنسڪرت' ۽ 'سنڌيءَ ۾ آوازن جا تبادلا' سندس اهم ڪتاب آهن. سندس لسانياتي خدمتن جي حوالي سان ناليواري محقق هدايت پريم لکيو آهي تہ:

"شيخ محمد سومار جون سنڌي لسانيات ۾ ڪيل خدمتون بيحد اهم آهن ۽ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سدائين يادگار رهنديون. خاص ڪري 'سنڌي ۽ پراڪرت' ۽ 'سنڌي ۽ سنسڪرت' ڪتاب ۾ ڏنل وڏا تفصيل (exhaustive data) سنڌي، سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظن جو هڪ ڀنڊار آهي، آئينده تحقيق لاءِ هڪ مفيد

بنياد فراهم ڪري ٿو. سنڌس اڻ ڇپيل ڪتابن کي ڇپائڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي، بلڪ سنڌس نظرين کي اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرڻ گهرجي."

محمد سومار شيخ کان پوءِ لاڙ جو ٻيو وڏو عالم ۽ محقق ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو آهي، جنهن پڻ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي لاءِ وڏو ڪم ڪيو آهي، سنڌس ڪيترائي تحقيقي مقالا سنڌي ٻوليءَ جي وسيع پسمنظر ۾ لکيل آهن ۽ هن لاڙ جي لهجن ۽ محاورن تي بہ ڪافي لکيو آهي، منهنجي نظر مان سنڌس هڪ اهم مقالو "لاڙ جا مقامي لفظ ۽ انهن جي معنيٰ" گذريو جيڪو هن اُن وقت لکيو هو جڏهن هُو ايم.اي جو شاگرد هو. هن لاڙ جي مقامي لفظن واري مقالي ۾ ڪيترا اهڙا لفظ سامهون آندا آهن، جيڪي اجا تائين سنڌي لُغت جو حصو نہ ٿي سگهيا آهن. آءٌ هتي فقط هڪڙي لفظ 'ڄُوڄڻ' جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، ڇاڪاڻ تہ هيءُ لفظ پهريون ڀيرو 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا' جي چوٿين جُلد ۾ جڏهن ڇپيو هو تہ ڪيترن ماڻهن اُن وقت خوشيءَ جو اظهار ڪيو هو تہ 'ڄ' اکر کي پنهنجو آواز ملي ويو پر هيءُ لفظ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي مقالي 'لاڙ جا مقامي لفظ ۽ اُنهن جي معنيٰ' ۾ 1968ع ۾ اسان جي سامهون آندو هو پر خبر ناهي ڇو اُن وقتِ اِن کي نظرانداز ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح ٻيا بہ کوڙسارا اهڙا لفظ سنڌس هن مقالي ۾ موجود آهن، جن جو خبر ناهي تہ ڪڏهن قدر ٿيندو ۽ اُهي سنڌي ٻوليءَ جي لُغت جو حصو ڪڏهن بڻبا!

لاڙ هر لحاظ کان سنڌ جو خوشحال خطو رهندو آيو آهي، تاريخي، تهذيبي، ثقافتي ۽ لساني پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي تہ هِن خطي کي اَبديت حاصل آهي. فطري طرح هتان جي ماڻهن ۾ محبت وارو عنصر موجود آهي، جنهن ڪري مختلف علائقن جي ماڻهن جو لڳ لاڳاپو هتان جي ماڻهن سان گهرو رهيو آهي، ۽ جهڙيءَ ريت ماڻهن جا پاڻ ۾

باهمي لاڳاپا قائم ٿيندا آهن. اهڙيءَ ريت ٻوليون بہ هڪبئي سان ناتا قائم ڪنديون آهن، ۽ هڪبئي کان لفظ اُڌارا وٺنديون ۽ ڏينديون آهن. اهڙيءَ ريت ڪيترين ٻولين جا لفظ، سنڌي ٻولي ۽ اُن جي لهجن ۾ داخل ٿيا. جن کي سنڌي ٻوليءَ صدين جي سفر ۾ پنهنجو ڪيو آهي، ۽ ڪيترا لفظ ٻين ٻولين کي فراخدليءَ سان ڏنا آهن.

ڪِن عالمن جو اهو چوڻ دُرست ناهي تہ سنڌي ٻولي، عربن جي آمد کانپوءِ اُسري ۽ سڌري آهي، بلڪ سنڌ تہ عربن جي آمد کان گهڻو گهڻو اڳ واپاري مرڪز رهندي آئي آهي، جنهن جي شاهدي حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي هن راءِ مان مِلي ٿي:

"تاريخ جي ورق گرداني ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ديس جي اوائلي رهاڪن جا عربن جي سنڌ ۾ آمد کان بہ اڳ پنهنجي پاڙيسري ملڪن ايران، افغانستان ۽ عربستان سان تجارتي تعلقات قائم هُئا. اهڙيءَ ريت ايران ۽ عربستان جا واپاري بہ عراق، بندر عباس ۽ بصري کان سنڌ جي سامونڊي ۽ درياهي بندرن، وسندڙ شهرن ۽ واپاري منڊين تائين ايندا ويندا رهندا هُئا. انهن تجارتي تعلقاتن سبب ملڪن جي ٻولين توڙي تهذيب ۽ تمدن جا اثرات هڪ ٻئي تي پوڻ فطري هو. (آفتابِ ادب)"

هيءَ ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ان جو لاڙي لهجو" سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس جي لحاظ کان هڪ نئين وِک آهي. لاڙ جي مشاهيرن، سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۾ پنهنجو وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ لاڙ جي لهجن کان سواءِ لاڙ جي شاعرن جي ٻوليءَ ۽ تخليقي استعمال جو بہ جائزو ورتو ويو آهي.

05_10_2018

ـ علي نواز آريسر

# سنڌي ٻولي ۽ اُن جا لاڙي لهجو

-ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي هڪ وسيع ۽ شاهوڪار ٻولي آهي. سنڌ صوبي ۾، اولهه طرف، بلوچستان جي ايرندي حصي يعني قلات، سبي، ٻاگناڙيءَ وارين حدن ڪانسواءِ، بلوچستان ۾، ڏکڻ اولهه ۽ اوڀر وارن خطن ۾، سبي، لس ٻيلي ۽ جدگال واري خطي ۾ ٻه، سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي ڏکڻ- اوڀر ۾، ڪڇ جو رڻ پار ڪري، ڪاٺياواڙ تائين، ۽ اتر- اوڀر ۾ مارواڙ ميواڙ جوڌپور ۽ جيسلمير تائين، ۽ اتر ۾ رحيم يار خان، صادق آباد، رحيم آباد ۽ ماڇڪي واري خطي تائين، سنڌي ٻولي، ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي آهي[1]. آزاديءَ کان پوءِ، سنڌيءَ ٻوليءَ کي هندستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ وڌڻ ۽ ويجهڻ جو وجهه مليو آهي. هند سرڪار جي آئين جي شيڊيوئل ائين موجب، سنڌي ٻوليءَ کي، قومي زبان تسليم ڪيو ويو آهي، جنهنڪري هن ٻوليءَ جو مستقبل گهڻو روشن پيو نظر اچي. ان ڪانسواءِ، سنڌي ٻوليءَ کي، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾، هتان لڏي ويندڙن اٽڪل پنجويهه لک ماڻهن، پنهنجن گهرن ۾ قائم رکيو آهي.

## (الف) لاڙ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جا اُهڃاڻ:

تاريخ جي ورق گردانيءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ جا ماڻهو اسلام جي آمد کان به اڳ، پنهنجن پاڙيسري ملڪن- راجستان، گجرات، عربستان، ايران، ۽ افغانستان وغيره- سان واپاري ۽ تجارتي

[1] Grierson, J.A., 1919. Linguistic Survey of India, Vol: VIII, Part I, Calcutta: p: 5.

ڳنڍ۔ سنڌ رکندا هئا[2]. سنڌ جي الهندي طرف وارن ملڪن جا واپاري، بندر عباس ۽ بصري کان، سنڌ جي سامونڊي ۽ دريائي بندرن تي ڊاهو ڪندا، گجرات پاسي، سامونڊي ڪناري تي وسندڙ شهرن ۽ واپاري منڊين تائين ويندا هئا. اهڙيءَ طرح، اسلام جي آمد کان اڳ، لاڙ جا هندو واپاري ۽ تاجر ايران، عربستان، زابلستان، بلخ ۽ بخارا تائين بہ ويندا هئا. انهيءَ اچ۔ وڃ ۽ واپاري ڏي۔ وٺ جو اثر، جيئن ملڪ جي اقتصادي حالت تي ٿيو تيئن هن خطي جي ثقافت ۽ ٻوليءَ تي پڻ ٿيو. ڪيترن ئي لفظن جي ڏي۔ وٺ ٿي، ۽ ڪيترائي سنڌي لفظ، فارسي ۽ عربي لغتن ۾ داخل ٿي ويا. اهڙيءَ طرح هزارن جي تعداد ۾ عربي ۽ فارسي زبان جا لفظ، محاورا ۽ اصطلاح، سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي ويا.

عرب سياحن جي سفر نامن، ۽ تازين کوجنائن مان ثابت ٿيو آهي تہ سنڌ ۾ عرب حڪومت جي ابتدائي زماني ۾ بلڪ ان کان بہ اڳ، سنڌي زبان، عام ماڻهن جي روزمره واري ۽ تجارت توڙي وڻج واپار جي استعمال واري ٻولي هئي. اسلامي حڪومت جي ابتدائي دور ۾، عربي، سرڪاري ۽ دفتري زبان جي حيثيت ورتي، پر تنهن هوندي بہ سنڌي ٻولي، سنڌ جي عام ماڻهن، واپارين ۽ اديبن، شاعرن ۽ عالمن وٽ مقبول هئي. هن دعوا جو دليل عرب سياحن جي هيٺ ڏنل بيانن مان ملي ٿو:

مسعودي (957ع) لکي ٿو:

"سنڌ جي زبان، هندستان کان مختلف آهي. سنڌ، اسلامي ممالڪ سان قريب تر آهي. مهانگر، يعني 'وليراءِ'

[2] قاضي اطهر مبارڪپوري: 1965ع. عرب و هند عهدِ رسالت مين، ندوة المصنفين، جامع مسجد، دهلي 6: ص ص 19 ـ 32

جي سلطنت جي تخت گاھ جي ٻولي 'ڪڙي' آهي. هيءَ انهيءَ طرف ۽ پسگردائيءَ جي زبان آهي، مگر ثقيل آهي"[3].

اصطخري بيان ٿو ڪري:

"منصوره، ملتان ۽ ان جي مضافات جي ماڻهن جي ٻولي، سنڌي ۽ عربي آهي"[4]

بشاري المقدسي (985ع) لکي ٿو:

"ديبل، هڪ سامونڊي شهر آهي. هن سان هڪ سؤ ڳوٺ مليل آهن. هتي جا رهاڪو زياده تر هندو آهن. سمنڊ جو پاڻي، طغيانيءَ جي وقت شهر جي ديوارن سان اچي لڳندو آهي. هتي جا باشندا، واپاري آهن. سنڌي ۽ عربي زبانون ڳالهائين ٿا. صوبي جو بندرگاھ، گهڻي آمدني وارو شهر آهي"[5]

انهن بيانن مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان، عربي دور ۾ بہ هڪ معياري ۽ روزمره واري زبان هئي، جيڪا عرب واپارين کي بہ سکڻي پوندي هئي.

## (ب) اسلام کان اڳ واريءَ سنڌي ٻوليءَ جو سڃاڻ:

عرب سياحن جي سفرنامن مان، نہ فقط سنڌي ثقافت، وڻج واپار، علم ادب ۽ ٻين ڳالهين جي باري ۾ لکت ۾، معلومات ملي ٿي، پر انهن سفر نامن مان، سنڌي ٻوليءَ، ۽ اُن لاءِ ڪم ايندڙ رسم الخطن جي نمونن بابت پڻ پتو پوي ٿو. ايندڙ صفحن ۾، قديم رسم الخط جي

---

[3]. ابوالحسن مسعودي: 1960ع. مروج الذهب و معادن الجوهر، اردو ترجمو هندستان عربو ڪي نظر مين، جلد اول، دارالمصنفين، اعظم گڑه: ص ص 288 ۽ 289

[4]. اصطخري ۾ المسالک والممالک، ايضاً، 375

[5]. بشاري مقدسي: احسن التقاسيم في معرفت، ايضاً، ص ص 385_386

بيان ۾ انهيءَ موضوع تي بحث ڪيو ويو آهي، ۽ مختلف سياحن جا حوالا ڏيئي، اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ اسلام جي آمد وقت، سنڌي زبان نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر اُها (سنڌي زبان)، ڌار ڌار رسم الخطن ۾ لکي بہ ويندي هئي.

**(ت) قديم سنڌي رسم الخط:** ڀنڀور جي دڙي جي تازيءَ کوٽائيءَ مان مليل ثابتين، عرب سياحن جي راست بازيءَ ۽ حق گوئيءَ جي ساک پري آهي. ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان جيڪي ٺڪريون هٿ آيون آهن، انهن تي لکيل اکرن جي باري ۾، آثار قديمہ جي ڊائريڪٽر جو رايو آهي تہ:

"اهي اکر جيڪي رواجي ڪاريءَ مس سان لکيل آهن، سي ثابت ٿا ڪن تہ مٽيءَ جي برتنن جون اُهي ٺڪريون، ڪٿان ٻاهران هرگز گهرايون نہ وئيون هيون، پر اُهي ديسي ئي هيون. انهن ٺڪرين تي لکيل اکرن جون تصويرون، هيٺ ڏجن ٿيون.[6]"



[6] Khan, F.A., Bhambhore Excavations, Op. Cit., pp. 28 & 29.

آثار قديم جي محڪمي طرفان، ڀنڀور جي باري ۾ شايع ڪيل 'خبر نامي' ۾ ٺڪر ٺار ٺار ٺڪرين جون تصويرون ڏنل آهن. اُنهن مان، 9 ۽ 11 نمبر وارين تصويرن هيٺ ڏنل لڪرين تي، هڪ جهڙو رسم الخط، يعني ارڏناگري خط لکيل آهي، پر نمبر 10 واريءَ تصوير، يعني وچينءَ ٺڪريءَ تي لکيل اکر، ارڏناگري رسم الخط جا نہ آهن، پر انهيءَ تصوير تي 'لوهاڻڪي' رسم الخط ۾ اکر، لکيل آهن. انهن اکرن ۾ جيڪي ڪجهہ لکيل آهي، تنهن جي باري ۾ اڳتي وضاحت ڪئي وئي آهي. قديم سنڌي رسم الخط جا اهي ٻئي نمونا، عرب سياحن جي بيانن کي سچو ثابت ٿا ڪن، ۽ آثار قديمہ کاتي جي ڊائريڪٽر جي راءِ کي بہ سچو ثابت ٿا ڪن. اهي ٻئي رسم الخط، سنڌ ۾، اسلام جي آمد کان اڳ واري دور ۾ رائج، سنڌي ٻوليءَ جا اُهڃاڻ ڏين ٿا. مذڪور وچينءَ ٺڪريءَ تي جيڪي اکر لکيل آهن، اُهي هي آهن:



انهيءَ تصوير (مٿي ڏنل تصوير) ۾ ڏنل لکت جي پڙهڻي آهي: 'ٻُجر هَيدر'. پهرينءَ سٽ ۾ 'ٻُجر' لفظ لکيل آهي، ۽ ٻيءَ سٽ جي پڙهڻي 'هَيدر' آهي. هر هڪ اکر جي ڌار پڙهڻي آهي:

[illegible] = ب [illegible] = ج، [illegible] = ، [illegible] = ه ۽ 3 = ذر يعني 'هيذر'.

'هيدر' لفظ جو هاڻوڪو اُچار 'هيڊ' آهي. 'ٻُجر هَيڊ'، هڪ پسارڪو وکر آهي. 'هيڊ' جو هيءَ اهو قسم آهي، جنهن تي ٻُج ٻُج ٿيندا آهن. جيڪا گسائي، ڪنهن ڏڪ، سوڄ يا سور واريءَ جاءِ تي لڳائيندا آهن.

ٽِڳل ٺڪريءَ تي لکيل اهي اکر، اصل ۾ مٽيءَ جي 'ٿَس' (برتن) تي لکيل ٿا ڀانئجن. جيڪو ڪنهن 'هَٽ' جو ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته اڄ به سنڌ جي ڳوٺن ۾ هَٽائِي، ٺڪر جي ٿسن يا دٻن ۾ وکر وجهي، انهن ٿسن تي اُن وکر جو نالو لکي ڇڏيندا آهن.

هن راءِ مان ٻي نتيجا ٿا نڪرن: پهريون نتيجو هي ته: سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط (لکت) جا نمونا ملن ٿا. يعني ته مذڪور ٺڪرين تي لکيل اکرن مان ثابت ٿو ٿئي ته اسلام جي آمد کان به اڳ، سنڌي ٻولي، جدا جدا لکتن ۾ لکي وبندي هئي، جنهن کي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ رسم الخط هئا.

ٻيو نتيجو هي ٿو نڪري ته سنڌي ٻولي، واپاري ڏي– وٺ ۽ عام استعمال واري ٻولي هئي، جيڪا اُن وقت به شاهوڪار، معياري ۽ وسيع ٻولي هئي. هن ۾ علم نجوم، علم هئيت، علم طب ۽ ٻين علمن توڙي وڻج واپار، تجارت، پسارڪي شين ۽ روزانه استعمال جي شين کانسواءِ، مختلف قسمن جي ڪپڙن ۽ دوائن وغيره لاءِ لغوي خزانو موجود هو[7]. هن دعوا مان اهو به ثابت ٿو ٿئي ته اڄ کان 1400 سو سال

[7]. هن سلسلي ۾ مقدمي ۾ به حوالا ڏنا ويا آهن، ۽ پڻ ڏسو:
جاحظ: رسالة فخر السودان علي البيضان، حوالو اڳ ۾ ڏنو ويو آهي، ص 5

اڳ بہ پسارڪي وڪرن جا اُهي ئي نالا هئا جيڪي اڄ بہ لڳ ڀڳ ساڳيا ئي آهن.

تيون نتيجو هي ٿو نڪري تہ 'بجر هيدر' فقرو (Phrase)، وياڪرڻ جي لحاظ کان، توڙي صرف ۽ نحو جي نقطہ نگاھہ کان قابل توجهہ آهي. هي هڪ 'صفتي فقرو' آهي، جنهن جي اڀياس ۽ وياڪرڻي ڇنڊ ڇاڻ کان پوءِ، ڇٽي سگهجي ٿو تہ اڄ کان 1400 سال اڳ بہ، سنڌي ٻوليءَ جي فقرن جي ساخت ۽ سٽاء، ساڳي هئي. صرفي لحاظ کان، هي صفتي فقرو آهي. هن صفتي فقري ۾، لفظ 'بجر' صفت آهي، جيڪو 'هيدر' اسم جي اڳيان آيو آهي، ۽ ان اسم (هيدر) جي صفت بيان ڪري ٿو يعني تہ لفظ بجر، ٻڌائي ٿو تہ ڪهڙي قسم جي هيڊ؟ هن فقري ۾، 'هيدر' لفظ، 'بنيادي لفظ' (Head) آهي، ۽ لفظ بجر، اُن جو مددي لفظ (Attributive) آهي. مذڪوره فقري جي صرفيائي ساخت، موجوده وقت بہ ساڳي ئي آهي. اڄ بہ صرفيائي اصولن موجب، اهڙن صفتي فقرن جي ساخت لاءِ، مددي صفت، بنيادي لفظ (اسم) جي اڳيان ڪم آڻبو آهي؛ مثال طور:

| صفت | + اسم | = فقرو | صفت | + اسم | = فقرو |
|---|---|---|---|---|---|
| لُنڊا | + اکر | = لُنڊا اکر | تيلي | + ٻج | = تيلي ٻج |
| پُچر | + تارو | = پُچر تارو | پڪل | + ميوو | = پڪل ميوو |

(ت) **قديم سنڌي رسم الخط:** سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط جي باري ۾ سڀ کان آڳاٽا احوال، عرب تاريخي ماهرن ۽ سياحن ڏنا آهن. هن ڏس

ڇ پيغ ڏسو: بزرگ بن شهريار عجائب الهند، ص 201

۾ ابن نديم (وفات 955ع) ۽ محقق البيرونيءَ جا بيان، سنڌي زبان جي، تاريخي پهلوءَ تي روشني وجهن ٿا.

ابن نديم لکي ٿو:

"سنڌ جي ماڻهن جون ٻوليون ۽ مذهب، باهم مختلف آهن، ۽ رسم الخط متعدد آهن. سنڌ ۾ ويندڙ هڪ سياح مون کي ٻڌايو ته سنڌي ٻوليءَ جا تقريباً 200 رسم الخط آهن. ان ساڳئي سياح ٻڌايو ته سنڌ جي ماڻهن ۾ عموماً، 9 رسم الخط رائج آهن.[8]"

محقق البيرونيءَ جو بيان ته هن بيان کان به وڌيڪ وضاحت وارو آهي، هو لکي ٿو:

"سنڌ جي ڏاکڻئين خطي ۾، سامونڊي ساحل تائين، 'مالوشائو' (Malwashau) نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، ان کي 'مالواڙي' (Malwari) چيو ويندو آهي. ٻهمنوا (المنصوره) ۾ 'سئنڌو رسم الخط' ڪم ايندو هو. لاڙي خط لاڙديس ۾ ڪم ايندو آهي. ارڌ۔ ناگري خط ڀاٽيا ۽ ٻين خطن ۾ گهٽ ڪم اٿيو هو.[9]"

عرب سياحن جي مٿي ڏنل تفصيل مان ظاهر آهي ته سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ، توڙي اسلامي حڪومت جي ابتدائي دور ۾ به، سنڌي زبان، ڌار ڌار رسم الخطن ۾ لکي ويندي هئي. عرب سياحن جي

[8] ابن نديم: 1962ع الفهرست، اردو ترجمه هندستان عربون کي نظر مين، جلد دوم، دارالمصنفين، اعظم گڙهه: ص ص 3 _ 4

[9] Edward, C. Sachau, Dr. 1910, Alberuni's India, Kegan Paul, Trench, Trubner, London: p 173.

راستگوئيءَ جو ثبوت پنهنجي ڪوتائيءَ مان لڏل نڪرين تي لکيل اکرن مان ملي ٿو.

خواجڪا اکرن جي پٽي:




[illegible] (diphthongs) [illegible]

(۱) [illegible]

ينيور جي ڪوٺائي، سنڌي ٻوليءَ جي هن باب جي اڀياس ۾ ڪافي مدد گار ثابت ٿي آهي. ينيور مان لڌل نڪرين مان هڪ تي لکيل اکرن جي باري ۾، اڳين صفحن ۾ روشني وڌي وئي آهي، ۽ انهيءَ لکت جو نمونو پڻ ڏنو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي مختلف رسم الخطن جو اڀياس ڪندي، اهو معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته اسلام جي ابتدائي زماني ۾، سنڌ جا مسلمان، عام طور ڪهڙو رسم الخط ڪم آڻيندا هئا. هن ڏس ۾ اڳتي هلي، لاڙ ۾ 'خواجڪو سنڌي خط' ملي ٿو جيڪو اسماعيلي داعيءَ، سيدنا پير صدرالدين (1290ع ـ 1409ع)، ۽ هن کان پوءِ داعين جي جي تبليغ هيٺ، اسماعيلي فڪر کي قبول ڪندڙ نوان اسماعيلي مسلمان (خواجه اسماعيلي)، مذهبي ڪرياڪرمن ۽ واپاري ڳالهين لاءِ ڪم آڻڻ لڳا[10]. اهڙيءَ طرح ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي گرامر ۾ 'ميمڻڪو خط' به ڏنل آهي[11]. ڪئپٽن اسٽئڪ جي گرامر ۾ ٻيا به ڪيترائي رسم الخط، نموني طور ڏنل آهن، جيڪي غير مسلم واپاري (لوهاڻا، ڀاٽيا وغيره) ڪم آڻيندا هئا[12] انهن جو نمونو هيٺ ڏنل چارٽ ۾ ڏجي ٿو:

---

[10]. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1993ع. سنڌي صورتخطي، چوٿون ڇاپو حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

[11]. Stack, G., 1849. Grammar of Sindhi Language, American Press, Bombay: pp. 3_8

[12]. Stack, G., pp. 3_8


a
ā
i
ī
u
ū
ē
ai
au
अ
आ
उ
ऊ
ए
ऐ


Roman characters
Devanāgarī
Khudāwādī
Shikārpurī
Sakhar
Thattai
Luhānās
Bhātiās
Lārāi
Wangāi
Lojjās
Khwājās
Maimons
Thattāi
Haidarabādī
Sewhānī Bhabrās
Southern Lahndā
ka
kha
ga
gga
gha
ṅa
cha
chha
ja
jja
jha
ña
ṭa
ṭra
ṭha
ḍa
ḍḍa
ḍra
ḍha
ṇa

# سنڌي رسم الخط:



## 2. لاڙي لهجو:

سنڌي ٻوليءَ کي ڌار ڌار هيٺين لهجن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو:

(i) سريلي يا اُترادي، (ii) وچولي، (iii) لاڙي، (iv) ٿري، (v) ڪوهستاني، (vi) ڪڇي، (vii) لاسي، (viii) ياڳناڙي، (ix) فراقي (x) جدگالي ۽ (xi) ميمڻي (ڪاٺياواڙي).

لاڙ جيئن ته مختلف قومن جو رهائشگاهه رهيو آهي، تنهنڪري جدا جدا قومن جي جدا جدا ٻولين جا جدا جدا لفظ، لاڙي لهجي ۾ گڏجي ويا آهن. اهڙين ٻولين مان ڪن جو مختصر جائزو هن ريت پيش ڪجي ٿو:

### (الف) آسٽرو- ايشيائڪ ٻولين جا لفظ:

ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهر، انهيءَ راءِ جا آهن ته آرين جي اچڻ کان گهڻو اڳ، سنڌ ۾ ڪا قوم آبادي هئي[13]. ماهر انهيءَ راءِ جا به آهن ته اول اول جنهن قوم ٻاهران اچي، لاڙ ۾ اتر - سنڌ کي آباد ڪيو سا ڪا آسٽرو - ايشيائڪ قوم هئي[14]. انهيءَ دعويٰ جي آڌار تي، انهن ڪولن، ڀيلن ۽ سنٿالن جي ابن ڏاڏن کي، هن ملڪ جا، آرين ۽ ٻين مغربي قومن جي اچڻ کان اڳ جا، قديم رهاڪو مڃيو آهي[15]. سنڌ ۾ آباد ٿيل، انهن ماڻهن ۾ ڪي 'منڊا' قوم جا ماڻهو به هئا. انهن قومن جي ٻولين کي گڏيل ڪوليريئن (Kolarian) ۽ 'منڊا' (Munda) ٻوليون چيو وڃي ٿو[16]. انهن ٻولين جا ڪي لفظ هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي اڄ به لاڙي لهجي ۾ موجود آهن:

---

13. John Marshall, 1931. Mohen_jo_Daro and Indus Civilization, Arthur Probsthain, London: p.33

14. Ibid., pp. 106_107 & 109
Also see: Grierson, J.A., 1919. Linguistic Survey of India, Vol: VIII, Part I, Calcutta: p.5.

15. Grierson, J.A., Vol: I, Part, I, pp. 35 & 132.

16. Ibid., Op. Cit., Vol: I, Part I, pp. 35 and 132.

(i) ڪوڙي = لاڙ جي ڳوٺن ۾ ويهُون ويهُون ڪري انگن جي ڳڻپ جو رواج اڃا تائين عام آهي، سٺ بدران چون ٽي ويهون يا ٽي ڪوڙيون[17].

(ii) هيٺيان لفظ به انهن ٻولين جا ئي آهن:

| | |
|---|---|
| مور < ميوَلَ | (سنٿالي)[18] |
| ٻاڻ < بانَ | (آسترو–ايشياٽڪ)[19] |
| ڄنگهَ < جنگهه | (مان ڪِمير)[20] |
| ناريل < ناري ڪيل | (ملئي)[21] |

## (ب) دراوڙي ٻولين جون نشانيون:

ڪن ماهرن جي راءِ موجب آسترو- ايشياٽڪ نسل کان پوءِ، جنهن ٻئي نسل سنڌ کي اَچي آباد ڪيو سو ڪو پونوچولو نسل هو جنهن کي دراوڙي نسل ڪوٺيندا آهن[22]. هي نسل به آرين کان گهڻو اڳ، سنڌ ۾ اچي آباد هو[23]. هن سلسلي ۾ مون جيڪو اڳتي هلي پوءِ رايو ڏنو آهي سو سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد ڪتاب ۾ ٻئي ڇاپي ۾ پڙهي سگهجي ٿو. انهن (دراوڙي) ٻولين جا ڪيترائي لفظ اڄ به 'ديسي لفظ' ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيا ويندا آهن. اهڙا لفظ هي آهن:

---

17. Grierson, J.A., Op.Cit., Vol: I, Part I, pp.35 & 132.

18. Chakaravarti, Literary History of Ancient India, Calcutta: 6, p.70.

19. Ibid., p.70.

20. Chakaravarti., Op.Cit.

21. John Marshal, Op.Cit., p.33.

22. Ibid., p.33

دراوڙي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڏسو: الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2002ع، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ٻيو ڇاپو. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي

23. Ibid., p.33

(i)

| سنڌي | دراوڙي | سنڌي | دراوڙي | سنڌي | دراوڙي |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪتڻ | ڪتڻ (ڪپھ) | ڪَت | ڳٽ[24] | ارٽي (پيلو) | آرٽي[25] |
| نيرِ | نير[26] | ڪلا | ڪلا | پشپا | پشپ[27] |
| ڪوُر | ڪوُر | ٻرُ | ٻلَ | روپ | روپَ |
| ڪوُر | ڪوُر | | | | |

(ڪتي کي سڏڻ لاءِ آواز) (ڪتو)

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ٻج | ٻج[28] | سون | سونم[29] | ٿڦي | تِپي[30] |

(ii)

| سنڌي | تيليگو | سنڌي | تيليگو | سنڌي | تيليگو |
|---|---|---|---|---|---|
| پَتڻ | پَتنَ[31] | ڳهَڻ | ڪوسِن[32] | رَتل | رَتل[33] |
| پَتي | پَت[34] | | | | |

[24]. Chakaravarti, Op. Cit., p. 70.

[25]. Ibid., p. 70.

[26]. Ibid., p. 70.

[27]. Ibid., p. 70.

[28]. Ibid., p. 70.

[29]. Ibid., p. 70.

[30]. Ibid., p. 70.

[31]. Kennedy, M., 1908. Criminal Classes in Bombay Presidency, p. 145.

[32]. Kennedy, M., Op. Cit., p. 145.

[33]. Ibid., p. 145.

[34]. Ibid., p. 145.

## (ٻ) داردي ٻولين جا نشان؛

سر گريئرسن جي بيان مان معلوم ٿو ٿئي تہ داردي قومن جو اثر لاڙ تائين ڦهليو هو[35]. لاڙي لهجي ۾ اڄ بہ داردي ٻولين جا اهڙا گهڻا اُهڃاڻ ملن ٿا[36]. اهڙن اهڃاڻن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

(i) داردي ٻولين ۾ 'وسرگ وينجن آواز' (aspirated consonants) ڪونہ ٿين، يعني داردي ٻوليءَ جي آوازن ۾، وسرگائي ٿئي ٿي ڪانہ، انهيءَ ڪري داردي ماڻهو وسرگ آوازن کي 'اَوِسَرگ' ڪري اُچاريندا آهن، مثال طور:

وسرگ آوازن [ڀ، ڌ، ڍ، جهہ، گهہ، لهہ ۽ ٺهہ] کي اوسرگ ڪري [ب، د، ڊ، ج، گ، ل ۽ ڻ] اُچاريندا اهن. اهو اثر لاڙي لهجي ۾ اڃا تائين قائم آهي[37]، مثلاً:

| | | |
|---|---|---|
| گهہ[38] > گ | ڏگهو | ڏگو |
| | گهر | گر |
| | گهوڙو | گوڙو |
| ڌ > د | ڌيءَ | ديءَ |
| | لَڌو | لَدو |
| | پَنڌ | پَند |
| ڍ > ڊ | ڍِڳو | ڊِڳو |
| | ننڍو | ننڊو |
| جهہ > ج | جهرڪي | جرڪِي |

[35]. Grierson, J.A., 1927. Op. Cit., Vol: I, Part I, pp. 109_112

[36]. Ibid., pp. 109_112.

[37]. Ibid., pp. 10 and 109

[38]. > نشان مان مراد آهي بدلجي ٿئي ٿي/ٿو.

| | | |
|---|---|---|
| | جهُڙ | جُڙ |
| پ > ٻ | پاءُ | ٻاءُ |
| | پيڻ | ٻيڻ |
| | پِٽ | ٻِٽ |

(ii) گِلگت، چترال ۽ هنزا جا رهاڪو ڪنهن کي سَڏُ ڪرڻ مهل 'لي' لفظ حرف ندا طور ڪم آڻيندا آهن. لاڙ جا ماڻها بہ 'لي' (اڙي، ڙي) لفظ حرف ندا طور ڪم آڻيندا آهن.

(iii) چترال، گلگت ۽ هنزا جا، 'کووار' (Khowar)، 'شينا' (Shina) ۽ 'بروشسڪي' ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو ڳالهائڻ مهل، لفظ ۾ هر ٻئي پَدَ تي [اَ] سُر ڪم آڻيندا آهن. لاڙ جي ماڻهن جي بہ اها ئي عادت عام آهي، مثلاً

| معياري اُچار | لاڙي اُچار | معياري اُچار | لاڙي اُچار |
|---|---|---|---|
| ڇوڪِري | ڇوڪَري | هِڪِڙو | هيڪَڙو |
| ٻولِڙو | ٻولَڙو | نينگِري | نينگرِي |
| ٻڪِري | ٻڪَري | رَلڪو | رَلِڪو |

## (ب) لاڙي ٻوليءَ تي عربيءَ جو اثر:

712ع ۾ عربن جي سنڌ تي فتح کان پوءِ، عربي ٻوليءَ جو اثر، سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجڻ لڳو. سنڌ وارن اسلام، اسلامي تهذيب ۽ عربي زبان کي قراني زبان سمجهي، اَن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي لفظي خزاني ۽ لغت ۾، عربي ٻوليءَ جا بيشمار لفظ داخل ٿي ويا. گفتگو ۽ مذهبي معرڪن ۾ بہ، عربي ٻوليءَ جا نوان نوان

لفظ ڪم اچڻ لڳا. انهيءَ ڪري عربي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جو لغوي روپ ئي بدلجي ويو. لاڙ تہ تجارت، واپار، مذهبي پرچار علم ادب ۽ سياسي لحاظ کان، عربن جي ابتدائي زماني ۾ مرڪزي خطو هو. هن خطي ۾ انتظاميہ، سياست، حديث، فقہ ۽ ٻين اسلامي علوم و فنون جا بيشمار لفظ، لاڙي لهجي ۾ داخل ٿي ويا. مثال طور: شهيد، مجاهد، ڪفر، اسلام، ڪرسي، مومن، ملڪ، مسجد، ايمان، شيطان، حج، والي ۽ ڪلمو وغيره.

### 3. لاڙي لهجي جو لسانياتي جائزو:

(الف) صوتياتي جائزو (Phonentical analysis): لاڙي لهجي جو صوتياتي نظام، سنڌي ٻوليءَ جي عام صوتياتي نظام جهڙو آهي. هن ۾ بہ ٻچپوان، ڏنداوان، مهاروان، موڙني، سخت تارونءَ وارا ۽ نرم تارونءَ وارا آواز اُچاريا ويندا آهن. اُهيَ آواز وري ڌوڪڻا، چوسڻا، گسڻا، گهڻا (نڪانوا)، ڦڙڪڻا، گول روان ۽ نيم- سرن جي قسمن ۽ گروهن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. لاڙ جا ماڻهو عربي زبان تان اُڌارن ورتل آوازن جهڙوڪ: [ف، ز ق، خ، غ.] کي پنهنجي ڏيهي عادت موجب بدلائي [ڦ، ج، ڪ، ک ۽ گ] اُچاريندا آهن. البت ڪي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو [ف، خ ۽ غ] جي اچار ڪرڻ مهل خبردار رهندا آهن.

لاڙ جي سامونڊي ساحل ۽ ماڇر واريءَ ايراضيءَ وارا ڪي اصلوڪا رهاڪو اچارن ۾ تبديليون بہ ڪندا آهن. مثال طور:

/ ش / جي بدران / ڇ / ڪم آڻيندا آهن    شال > ڇال

/ ي / جي بدران / ج / ڪم آڻيندا آهن    ياد > جاد

يتيم > جتيم

يوسف > جوسب

(ب) آصواتي (Phonological) جائزو: مختلف آوازن جي استعمال جي جائزي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪيترائي آواز لفظن جي ڌار ڌار صورتن۔ ابتدائي، وچين ۽ آخري صورت ۾، معياري لهجي يا ٻين لهجن جي عام استعمال کان ٻيءَ طرح اُچاريا ويندا آهن. مثلاً:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو | تبديل | معياري لهجو | لاڙي لهجو | تبديل |
|---|---|---|---|---|---|
| پيءُ | پي | /اِي/ > /اي/ | جَن | جِن | اِ > آ |
| ڇوَن | ڇُون | /وَ/ گم ڪيو ويو آهي ۽ /آ/ > /اُو/ | ساوا | سا | / وا / حذف ٿي ويو |
| | | | ٻاوا | ٻا | ايضاً |
| ڇوان | ڇوُئان | ايضاً ۽ /آ/ > /اوُ/ | ڳهاوَ | ڳها | / وَ / حذف ٿي ويو |
| اوهان | آن | / وهہ / حذف ٿي ويو | ياءُ | يا | / ءُ / حذف ٿي ويو |
| توهين | توين | /هہ/ ايضاً | يائر | يارَ | ايضاً |
| | | | پاوَ | پا | /و/ حذف |
| | | | توا | تا | /و/ حذف |

(ii) جيڪي لفظ معياري اُچار موجب / اُ / صوتيہ ۾ ختم ٿين ٿا، لاڙي لهجي ۾ اُنهن جي اُچار ۾، / اُ / کي بدلائي / اِ / اُچاريو آهي، جيئن:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو | معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|---|---|
| پٽُ | پُٽِ | چوڪرُ | چوڪرِ |
| اَڄُ | اَڄ | گِدڙُ | گِدڙِ |
| هَٿُ | هَٿِ | اُٺُ | اُٺِ |

(iii) سنڌي ٻوليءَ جي ٻين اڪثر لهجن ۾ ڪن لفظن جي ابتدائي سُرن کي حذف ڪيو ويو آهي، پر لاڙي لهجي ۾ اُنهن ابتدائي صورت وارن سُرن جو اُچار قائم رکيو ويو آهي، مثال طور:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو | معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|---|---|
| لَهڻ | اُلهڻ | پَٽڻ | اُپٽڻ |
| لَتي مهل | اُلتي مهل | ٻيٺو | اُٻِٺو |
| ڪولڻ | اُڪولڻ | تي | اُتي[39] |

(iv) / هہ / صوتيہ جو حذف ٿيڻ: لاڙي لهجي ۾ لفظ جي وچينءَ صورت ۾ ڪيترن ئي لفظن ۾ / هہ / کي حذف ڪبو آهي، مثال طور:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو | معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|---|---|
| توهِين | توين | جَهڙو | جيڙو |
| پنهنجو | پانجو | ٿهڙو | تيڙو |
| پُهتو | پوتو | ڇُهتو | چوتو |
| آهيان | آيان | آهي | آئي |

(ت) ويا ڪري جائزو:

(i) عدد ـ لاڙ ۾ انگن جي اُچار ۾ بہ فرق ڪندا آهن، مثلاً:

---

[39]. پاڻيءَ اُتي جهوپڙا موڙک اُڄ مرن (شاهہ ڪريم)

| معياري اُچار | لاڙي اُچار: ٺٽي ضلعي جو | لاڙي اُچار: بدين ضلعي جو |
|---|---|---|
| يارهن | اِگيارَ يارو | ڪارهن[40]، يارَ يارون |
| ٻارهن | ٻارو | ٻار ٻارون |
| تيرهن | تيرو | تير، تيرون |
| چوڏهن | چوڏو | چوڏَ، چوڏون |

(ii) **ضمير خالص:** سنڌي ٻوليءَ جي ڏار ڏار لهجن ۾ ضمير خالص جي اُچار ۾ يڪسانيت ڪانهي. لاڙ ۾ انهن جو استعمال هن ريت آهي:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو | معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|---|---|
| آءٌ، مان | آءٌ[41] | اسين | اسِين |
| تون | تون، تو | توهين، اوهين، اوهان | توين، اوين، آئِين |
| هوُ هوءَ | اُو اُوءَ | اُهي | اوءِ |

(iii) **ضمير مشترڪ:** ضمير خالص وانگر ضمير مشترڪ ۾ ٻ، لاڙي اُچار ۾ هڪجهڙائي نہ آهي. لاڙي لهجي ۾ ضمير مشترڪ هي آهن:

[40] خواجہ غلام علي الانا: 3_1966ع مقالو سنڌي سماهي مهراڻ 3_4، ص 108

[41] / آءٌ / جو بنياد / آهم / معلوم ٿئي ٿو. انهيءَ لفظ جي تاريخي تبديل جو مطالعو ڪندي معلوم ٿو ٿئي تہ جن لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ / م / صوتيہ هئي، انهن ۾ / م / بدلجي / اُون / ٿي آهي. يعني / آهم > آهون/. سنڌيءَ ۾ / آءٌ / ۽ گجراتي ٻوليءَ ۾ / هوُن / ٻئي / آهون / جون بدليل صورتون آهن. سنڌي اُچار موجب / هہ / صوتيہ حذف ڪئي وئي، ۽ ابتدائي سر / آ / بدلجي / آ / ٿيو ڏسو:

خواجہ غلام علي الانا: 1966ع مقالو سنڌي سماهي مهراڻ 3_4، ص 109

| معياري | لاڙي |
| --- | --- |
| پنهنجو | پان جو |
| مُنهنجو | مؤن جو |
| تُنهن جو | توجو، تونجو |

ضمير مشترڪ جي مثالن ۾، 'مون جو' ۽ 'تو جو' صورتون، قابل توجهه آهن. معياري لهجي ۾، انهن صورتن جي بدران 'منهنجو' ۽ 'تنهنجو' صورتون ڪم اينديون آهن. معياري اُچار وارا لفظ، تاريخي لسانيات جي روشنيءَ ۾ ٻنڍٻاڻ گهرن ٿا. اُهي 'مـ جو'، 'تـ جو' جي ميلاپ سان جڙن ٿا.

اُنهن ۾ 'جو' لفظ (صورت)، حرف اضافت جو مفهوم ادا ڪري ٿو. انهن جي برعڪس، 'مُون جو' ۽ 'تو جو' ۾ 'مون' ۽ 'تو' ڌار ڌار ضمير متڪلم واحد ۽ ضمير حاضر واحد آهن، ۽ اُنهن جي حالت، فاعلي (Nominative Case) نـ، پر حالت 'اضافت' (Possessive Case) آهي، مثال طور:

| حالت فاعلي | حالت اضافت |
| --- | --- |
| مان | مون |
| تون | تو، تون |
| اسين | اسان |

معياري سنڌيءَ ۾، 'مان جو' ۽ 'تُون جو' يا 'اسين جو' چوڻ نيڪ نٿو لڳي، پر 'منهنجو'، 'تنهنجو' ۽ 'اسان جو' چئبو آهي. جنهن صورت ۾ 'اسان' ضيمر جي پويان 'جو' حرف اضافت ملايو ويندو آهي، تنهن اصول موجب لاڙ وارا 'مون' ۽ 'تون' ضيمرن جي پويان، 'جو' حرف اضافت ملائيندا آهن، ۽ 'مون جو' ۽ 'تو جو' چوندا آهن. اها ترڪيب گرامر جي لحاظ کان غلط نـ چئبي.

(iv) **ضمير استفهام:** لاڙ ۾ جيڪي صورتون، ضمير استفهام طور ڪم اينديون آهن، اُهي سنڌيءَ جي ٻئي ڪنهن ٻہ لهجي ۾ ڪم نٿيون اچن، مثال طور:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| ڇو | ڪو، ڪوهہ |
| ڇا | ڪُڇا، ڪُڇاڙو[42] |

(v) **زمان ماضي:** لاڙي لهجي ۾ ڪن ڪن فعلي ڌاتن جا ماضي، معياري لهجي ۾ ڪم ايندڙ ماضي فعلن کان مختلف هوندا آهن، مثلاً:

| ڌاتو | معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|---|
| وَس | وَٺو | وَسيو |
| اُڪر | اُڪتو | اُڪريو اُڪتو |
| ڀانءِ | ڀانيو | ڀانتو |
| وَٺُ | ورتو | وٺيو |

(vi) **زمان مضارع:** / هُو ـ / ڌاتوءَ جو زمان مضارع ۾ گردان فقط لاڙي لهجي ۾ ملي ٿو، مثال طور:

| معياري | لاڙي |
|---|---|
| — | (آءٌ) هُئان |
| — | (اسين) هُئون |
| — | (تون) هو هُئين |
| — | (توهين) هو هئو |
| — | (اُهي) هُونِ |

[42] ڪڇا ۽ ڪڇاڙو ... استعمال ٺٽي ۽ ٺاريڻ جي شهر ۾ بہ عام آهي. لطيف سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ اهي ضمير بہ ڪم آندا آهن.

لاڙ ۾ نہ فقط انهيءَ ڏاتوءَ (هُو_) جو زمان مضارع ۾ بيان ڪيل نمونو جڙندو آهي، پر اڪثر فعلن جي ڏاتن جا زمان، مضارع ۾ ساڳئي نموني جڙندا آهن، مثال طور:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو | معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|---|---|
| چوان | چان، چوُئان | چَئون | چُون |
| چئو | چو چُئين | چئو | چو |
| چئي | چي | چَوَن | چوُنِ |

(vii) حالت آپادان: معياري لهجي ۾ حالت آپادان (Ablative case) جي صورت ۾، اسم جي پويان، / آن / پڇاڙي ملائي ويندي آهي، لاڙ ۾ / آن / جي بدران / آ / پڇاڙي ملائيندا آهن.

مثال طور: 'گهر' ۽ 'هنڌ' اسمن جا ڦيرا، حالت اپادان ۾ ملاحظ ڪريو:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| گهران | گرا (گهرا) |
| هَنڌان | هندا (هنڌا) |

(viii) ضميري نشانيون: سنڌي ٻوليءَ جي ٻين لهجن وانگر، لاڙي لهجي ۾ بہ متصل ضمير جي نشانين جي استعمال ڪرڻ جو رواج گهٽ آهي. اُهي نشانيون، ڪن اسمن، سيني فعلن ۽ حرف جرن سان ملايون وينديون آهن. البت فعلن سان متصل ضميرن جي نشانين جي ملائڻ کان پوءِ، لفظن جون صورتون تبديل ڪيون وينديون آهن. مثال طور:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| ٻُڌَوَ (اوهان ٻڌو) | ٻُڌان |

| | |
|---|---|
| تيس | تيوس |
| ٻوڙيس | ٻوڙيوس |
| لکيم | لکيوم |

(ix) **تمنائي صيغو** (Potential or Optative mood): سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل جي تمنائي صيغي بنائڻ لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ جي پٺيان، واحد فعل لاءِ / جہ / ءِ جمع فعل لاءِ / جو / پڇاڙيون ملايون وينديون اهن. لاڙي لهجي ۾ جمع جي حالت ۾ / جو / جي بدران / جا / پڇاڙي ملائي ويندي آهي، مثال طور:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| آڇجو | اڇجا |
| وڃجو | وڃجا |
| لکجو | لکجا |

(x) **حرف جر سان ضمير متصل جو استعمال**: هيٺ ڏنل مثالن ۾ حرف جر سان ضمير متصل جو استعمال بہ توجهہ طلب آهي، جيئن:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| ساڻِن | سيڻان، ساڻِن |
| مون کي | ڪڻم |
| تو کي | ڪڻي |
| کيس | ڪڻسِ |
| اسان کي | ڪڻئون |
| کين | ڪڻن، ڪِيڻانِ |
| توهان کي | ڪڻان |
| ڪانئن | ڪڻانِ |

(xi) اِضافتي متصل ضمير- لاڙ ۾ 'پُٽم'، 'چاچُم'، 'پيٽس' ۽ 'پٽس' وغيره لفظن جو استعمال، اتر سنڌ جي پيٽ ۾ وڌيڪ عام آهي. هيٺيون صورتون فقط لاڙي لهجي ۾ ئي ممڪن آهن:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| پِٽهين | پِياءِ |
| ماٽهين | ماءِ |

### 4. ٻين ٻولين ۽ لهجن تي، لاڙي لهجي جو اثر:

(i) ڪڇيءَ تي اثر: لاڙ ۽ ڪڇ جو قديم زماني کان ويجهو واسطو پئي رهيو آهي[43]. لاڙيءَ ۽ ڪڇيءَ جي ميل جول سان، هڪ نئين لهجي صورت ورتي جيڪو لسانياتي خصوصيتن، لب لهجي، لفظن جي اُچارن ۽ صوتياتي نظام جي لحاظ سان، لاڙي لهجي کي گهڻو ويجهو آهي[44]. هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا:

| معياري | لاڙي | ڪڇي | معياري | لاڙي | ڪڇي |
|---|---|---|---|---|---|
| هُو | اوُ | اوُ | هِي | اِي | اِي |
| هُنَ | اُنَ | اُنَ | ٻِيهه | ٻِي | ٻِي |
| آهي | آئي | آئي | جڏهن | جڏين | جڏين |
| چَوندو | چُوندو | چوندو | تنهنجو | توجو | توجو |
| جتان | جِٿان | جِٿان | | | |

هيٺيان لفظ، لاڙي ۽ ڪڇي لهجن ۾ ساڳيءَ معنيٰ وارا آهن:

---

[43]. Grierson, J.A. Op. Cit., Vol. VIII, Part1, P. 183

[44]. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: 1964ع. مهراڻ جو موجون ڪتاب ۾ مقالو پاڪستان پبليڪيشنس، ڪراچي: ص ص 295_240

| لاڙي | ڪڇي | لاڙي | ڪڇي | لاڙي | ڪڇي |
|---|---|---|---|---|---|
| گولو(ٻانهو) | گولوٻانو | ڳتا (گراهه) | ڳتا | جوڙو(جتي) | جوڙو يوڙو |
| پوتارو | پوتارو | وانگي (ٻهريدار) | وانگي | ڄيرو(ٽانئو) | ڄيرو |

(ii) عربي ٻوليءَ ۾ لاڙي لهجي جا لفظ: لاڙ جي بندرن تي ٻين ملڪن جي واپارين ۽ تاجرن وانگر، عرب واپارين جي به آمدرفت رهندي هئي، انهيءَ ڪري لاڙي لهجي جا ڪيترائي لفظ، عربي لغت ۾ داخل ٿي ويا[45]. اُنهن مان ڪي لفظ هي آهن:

| لاڙي (سنڌي) لفظ[46] | عربي لفظ | لاڙي (سنڌي) لفظ | عربي لفظ |
|---|---|---|---|
| ڪتڻ (ڪپهه) | قيطُون | سنڌڻ (ڪپڙي جو قسم) | سندن[47] |
| سنداڻ (لوهار ڪو لفظ) | سَنداِن | ڪنڊ | قَند |
| ڪک (طب جو لفظ) | ڪَخ | جَت | زُط |
| چندن | صندل | واڻيا | بنيانه |
| سڙهه | شرعه | آڪرو | عاڪره |

[45] سيد سليمان ندوي: عرب و هند ڪے تعلقات، حوالو مٿي ڏنو ويو آهي ص ص 63

[46] ايضاً

[47] سر جان مارشل لکي ٿو:

"This discovery, which is one of the most interesting of the minor discoveries made at Mohen_jo_Daro, dispose finally of the idea that the fine Indian Cotton known to the Babylonians as Sindhum and to the Greeks as Sindon was a product of the cotton – tree and not a true Cotton; see John Marshall 1931. Mohen_jo_Daro and the Indus Civilization, Arthur Probsthain, London: p.33

| | | | |
|---|---|---|---|
| پلنگ (جهاز رانيءَ جو لفظ)[48] | بلنج | ڪپُور | ڪافُور |
| هندول[49] | هِندول | ڇيٽ (ڪپڙي جو قسم)[50] | شِيت |
| ڪرمچ | قرمز | نِير، نيل[51] | نَيلَج |
| ڪرڻ ڦُول (طب جو لفظ)[52] | قرنفل | جاءِ ڦل | جاءِ فول |
| ٿُوتيو | ٿُوتيہ | مِڪ (هڏن جي) | مِخ |
| ڀِتِ | ڀهط | | |

**5. لاڙي لهجي ۾ ٻين ٻولين جا لفظ:**

(i) **ملباري لفظ:** واپاري ناتن جي ڪري ڪيترائي ملئي، ملباري ۽ تيليگو لفظ، لاڙي لهجي ۾ گڏجي ويا آهن، جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

(ii) **پورچوگيزي لفظ:** سنڌيءَ جي ٻين لهجن وانگر، لاڙي لهجي ۾ بہ، ڪيترائي پورچوگيزي لفظ شامل ٿي ويا آهن، انهن مان ڪي هي آهن[53]:

---

48. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ايضاً، ص 63، ۽ پڻ ڏسو:
بزرگ بن شهريار، 1960ع عجائب الهند، اردو ترجمو جلد اول، ص 202

49. حوالو پهريون، ص 7

50. ايضاً، ص 70

51. ايضاً، ص 70

52. حوالو پهريون، ص 70

53. Anthony Xavier, 1936: Portuguese Vocables in Asiatic Languages, Oriental Institute of Baroda, p. 496

| پورچوگيزي لفظ | لاڙي اچار | پورچوگيزي لفظ | لاڙي اچار |
| --- | --- | --- | --- |
| Ambār | انبار | Bafo | ٻاڦ |
| Batel | ٻتيلو | Bucha | ٻوڄ، ٻُڄي، ٻُڄو |
| Chāhi | چاھ، چا (لسي) | Limano | ليمو |
| Leilāno | نيلام | Pagār | پگھار |
| Fālto | فالتو | Fita | ڦِيٽ |
| Pipa | پيپ | Pistola | پِستول |
| Recibo | رسيد | Sabano | صابڻ |
| Tabāco | تماڪ | Tronco | ترنگ |

اهڙيءَ طرح بيشمار ترڪي ۽ منگولي لفظ پڻ لاڙي لهجي ۾ عام ملن ٿا.

## 6. لاڙي لهجي جون انوکيون ڳالهيون:

مٿي ويا ڪرڻ جي بيان ۾، لاڙي لهجي جون انوکيون خصوصيتون بيان ڪيون وئيون آهن. انهن کانسواءِ، لاڙي لهجي جا خاص خاص لفظ، پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ آهن. هيٺ انهن مان چند، مثال طور ڏنا وڃن ٿا تہ جيئن پڙهندڙن کي انهن جي اهميت جي خبر پوي:

### (الف) لفظن جون لڙهيون:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| اُجهي | دل ۾ اچڻ | آرا | تکو وهڪرو | اَرٿ | سمجهاڻي | اوسڙ | انتظار ڪر |

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| آڪارڻ | هڪلڻ (جانور کي) | آڪرڻ | قبول ڪرڻ | آڙيڪو | ڳنبو | لوسيڙو | انتظار |
| آنو | صاف نہ ٿيل | اُٺاڳ (آڳاٺ) | آڳٺ | پٽون | وڇون | پلهت | نصيحت |
| جاڙ | هميشہ | چاچر | تانگهوپاٽي | آئي | ٻڪري | ميهہ | ٿينهن |
| ڪوٽي | رڌ | آلو | لسي | | | | |
| واڻرو | اولهہ | ساتاٺو | اُٺر | نڪٽي | ٻنهبلڪل | مڇڻ | متان |
| پيال | اوير | ڪاچڻيل | ڏکڻ | | | | |
| مانڊ(مهندا) | اڳيان | ڪنا | ڪان | جابڻ | ٻڇڻ | | |

## (ب) لاڙ جا عام پهاڪا:

سنڌي ٻوليءَ جي ٻين لهجن وانگر، لاڙي لهجي ۾ بہ ڪيترائي پهاڪا، هن خطي جي ثقافت جا آئينہ دار آهن. انهن پهاڪن مان ڪي هي آهن:

1. انسان ڪاري مٽي جو ڏٿي آهي.

هن پهاڪي مان مراد هيءَ آهي تہ انسان گنهگار آهي. گناهن کان ڪوبہ انسان آجو ڪونهي.

2. اڄ تہ دودي جي ڳالهہ ڪٿي وينو آهين.

هن پهاڪي جو مقصد آهي تہ اڄ ڳالهہ ڪرڻ ۾ اينگهہ ڪٿي اٿيئي.

3. اهوئي رنبو اهوئي ڪتو اهائي ڪوڏر اهوئي ڳن.

جڏهن ڪو ماڻهو ترقي ڪرڻ لاءِ محنت نہ ڪندو آهي، ۽ ڪافي زمانو گذري وڃڻ کان پوءِ بہ جڏهن سندس دوست، احباب ۽ پاڙي وارا ترقي ڪري ويندا آهن، ۽ هُو ساڳئي ئي حال ۾ هوندو آهي، تڏهن اهو پهاڪو ڏبو آهي.

اهڙيءَ طرح ٻيا پهاڪا هي آهن:

4. ايمان مزمان آهي
5. اک ڪاٺي ڪجي، پر ڏس ڪاٺي نہ ڪجي
6. اکين جو ڏيءُ پيٽ جي بُک
7. ان آهي مَيِّت، سو پاٺيهي پاڻ کي کٽائيندو
8. انبن ٻور، اکين سور
9. اُٺ جو بار بہ جت تي
10. ٻکون لاهين ٻنيون، پورهيو ڇا بک لاهيندو
11. بک لڇڻ وڃائي، ڏمر عقل وڃائي
12. ٻڌي جي بک
13. ٻڌو اکين ڪڍو
14. ٻڌو ڏيٺين ڏيڍو
15. ٻني وني آهي
16. پوکي وڃجي، راهي نہ وڃجي
17. پوهہ ڪلن ڪوهہ
18. پوهہ لاٿا لوهہ
19. پائرن جهڙو ناهي ٻر، ڏيئي جهڙي ناهي جوت
20. (زمين) پاڳان وڃي، پر ڄمان نہ وڃي
21. ٽوپ جي پاڙ پانڌي جو ٻج

22. جنهن کي ساهہ کنئي سڏ نہ پوي، تنهن سان سور ڪيهو سلجي
23. جيڪو هاجو هٽندو، تنهن کي ڪير ڪونہ چوندو
24. جر نئي، پر جيڏي نہ ڏئي
25. جيترا هَر اوترا ڦَر
26. جيٺ انبن ميٺ
27. جيٺ اکين ميٺ
28. ڄَٽ جي گهَر ۾ هوندو ڪاسو تہ کوڙيندو پاسو
جي هوندس پاتي تہ وڃي کٽندو کاتي
29. ڇُلهہ ڪانسواءِ چوري ڪانهي
30. چاتيءَ جهڙو ناهي ٻر، اکين جهڙي ناهي جوت
31. ڇيچ مڙيوئي چوڪريون، جاتي مڙيوئي جوءِ
گهر آربسر هوءِ، تہ ملو نہ گهري مزِمانن کي
32. حياتيءَ تي هٺ ڪونهي، ناٽي ميڙي ٻٽ ڪونهي
33. ڏيٺون ڏيوريون آهن
34. ڏکڻ مينهن نہ وسڻو وسي تان ٻوڙي،
ڪانئر ڏڪ نہ هٽڻو هٽي تان توڙي
35. ڏنب آهي ٽنب
36. ڊپ سائي جو سائو گاهيو ٻکئي جو ٻکيو
37. ڊگو مٿو چاراٽي ڇُڪي
38. زال چٽي گهر پٽي، زال ميڙي گهر ٻيڙي
39. زال ڏسي بيٺ، ماءُ ڏسي پيٽ
40. سيڪو ڪمَ پرين، ڇَمر پرين ڪونڪو
41. سڳا سيئي سيڻ، پکا جني اوڏڙا

42. لولو ڪٽي ويو ڪانءُ، ڇي ويو ڀلي جي نيت
43. سانوڻ جو سُتو ڪتيءُ جو ڪتو
44. ڳتي، ڳري ڳنجي مَتي
45. ڪونجن ڪُرڪ پاٽيءُ شرڪ
46. ڪونجن ڪُرڪ، ڪير ڇُرڪ
47. لهي لوٽڪ ڪين، مري تو مِريڙي ڪي
48. مٺا آهن جيٺرن وس
49. ميهه نہ ماٺهو مرون نہ مال
50. ماءُ ڏيڻ (ڏائڻ) نہ ٿيندي آهي، ويرا ڏيڻ (ڏائڻ) ٿيندي آهي
51. مائٽن جي ويهڻ ڪان مقام ۾ ويهڻ چڱو
52. ننڊ نياپو موڪليو اوٻاسي اُهڃاڻ
53. نهاري، نمي هڻ ٻهاري، تہ سچ وڃي اُهاري

## (ج) لاڙ جون عام چوٽيون:

1. آيا ڪنگاٽي، ويو ٻچاريءَ مان پاٽي
2. آچار ڳاڏي
3. انبن آميون، تہ سورن ڪنيون سير ۾ ساهميون
4. ٻدو ٻڪاريءَ واري سٿڻ
5. ساري سنگهار جون چوٽيون
6. آئٽ اپريو تہ ساريون نسرنديون
7. آئٽ اپريو تہ پاٽي خلاص
8. آن منهن ڳاڙها ڪندا تہ شيخ منهن ڳاڙها ڪندا
9. پٽونءُ ڪڍي ناهين، تہ وڃي پوڪ آرڻ ۾ ڇانهين
10. تاجا، ڏنو ڪو ڏِٺءِ؟

11. ٽيڙهو آيا ڪپار تہ سار ڪڙي ۾ نسرندي
12. ڦاٽو ماما سومار جنهن جا ڏڱا ويا
13. جاتيءَ جا جوان پيرين اگهاڙا، جتين جا چور
14. چيلي واٽئي جو اُٺ
15. چِيچا تنوارين تہ رات پوري
16. ڍنڍيءَ جو شيخ تہ نہ آهين؟
17. سر نسريا موتيا پڪا
18. سارِ پاٽي تار
19. ڪانهن نسريا تہ وَهر جي مُند پوري
20. ڪانهن نسريا تہ ڪانيرو نسريا
21. ڪتيون آيون ڪپار موڪ مينهن گهرن (مند پوري)
گراڙو هوءِ هٿ ۾ اُتيئي ڇڏي يار
22. ڪتيون آيون ڪپار تہ ٻاجهر ڪڙي ۾ نسرندي
23. ڪَٽَ اُيرندي تہ ڇينار ٽيندا
24. گيدوڙا (وڏا) نڪتا تہ وهر جي مند پوري
25. ڪتيون آيون ڪپار تہ گُراڙو اُڇل
26. لوڙهيءَ ڏرو سارين ڪرو
27. مَمُل وارو موگهو
28. ميچوُ پيڏي وينو هٽي

## 5. لاڙي لهجي جا ڏار ڏار محاورا اُپ لَهجا:

لاڙي لهجي جا ڏار ڏار محاورا يا اُپ لَهجا، ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي، واريءَ چوڻيءَ کي سچو ثابت ٿا ڪن. هن ايراضيءَ جي لب و لهجي جي ڦير گهير ۾ ڏار ڏار اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين ۽ ڳالهائڻ ۾

جهيل کي وڏو دخل آهي. اها ڦير گهير صرف ٻڌڻ سان ئي محسوس ڪري سگهجي ٿي. لکت ۾ اهو بيان ڪرڻ ممڪن نہ آهي. هيٺ لاڙي لهجي جي مختلف محاورن/ اُپ لهجن جا مثال ڏنا وڃن ٿا:

**ڪينجهر وارو اُپ لهجو:** ڪڇهريءَ مس رس ورتو تہ هڪ پيرمرد ٻاهران اچي سلام ڪيو. هڪڙو ڪچهريءَ مان اُٿي اڳتي وڌيو. کيڪار ڀلي ڪار ڪري، ڪوني آيس ڪچهريءَ ۾. دستوري خبر چار پڇي، وڏيري چيس تہ: "ادا، هاڻ ڪي سنيون ٿليون سَلُ، ۽ اوپري اچڻ جو حال ڏي" ويچارو پير مرد، منزل جو ماريل ۽ ڪشالي جو ڪڍيل هو تنهن ٿڌو ساهہ ڀري چيو:

"وڏيرا ڪبرون مڙيوئي ڪير، ذات جڳيو ويٺل اصل ٻنورو ۽ هاڻ ڪِنجَرَ جي پراڙين ڪپ، سَتين پيڙيين ٻاڳيو آيان، مند مائي ڏسي، ڊورن جي سانگ تي وطن ڇڏي، جُڳو ڀِتي، اچي هت رَيس. ڏٽي سائينءَ سَبَڪي ڏنو آئيم، اولادي مرادي، ڀِنين جو ڀي، وڳر وارو آيان، ڪٽم ٻک ڪاني، ڀَرت گران گُرڻ ڪان اجا ٻتَل آيان، پر ايڙا جي واءَ لڳا ته پوءِ ايي ماهِلون بہ ڀري ڪِينَ آئينِ، جو پر – وسيڪا ٿي، داريان در ڏسنداسين، ۽ اڄ جيئن ڪُ ماهِلو ڀَراين چلين تي دونهان جپينداسين. سائين پٽ تہ سپوٽ، ڪپوٽ مان ڪُجڙو جُڙي؟ سڪيلدو آئيم هيڪڙو، پر آندا بہ ڄَري ڇَڏئين آئي،... جيڏان ڪيڏان گلا، ڏوراپو ۽ پُڇا. ڪين پانجي يا پرائي پار موهون ڪدي ڪينَ تو سگان، هَتَ آٿرو تي پيو آئي، مَجَڻ جو ٿي ڪوني، وڏي جو چوڻ تہ چڻ ڪانِ تي تو لڳيس. ادا آءُ ڪُجا چُٺان، پانجي جي هَلَڪائِي ڪرڻ آئي، پير مان لائي مونهہ ۾ هٽڻ. لوهَہ تي پيَم، تڏهن آيو آيان، آن سَبَرن وٺ هَتَ سيڪُڻَ."

**جاتيءَ جي طرف وارو اُپ لهجو:** "اُلٽي ڪان پوءِ ماڙو بہ اچي مڙيا. ڳوٺ وڏيري گران نڪر آيو. مانيءَ ڪان پوءِ حقو آندئون، ۽ سوپاريون ۽

# لاڙي محاوري جو لساني جائزو

-ڊاڪٽر داد محمد 'خادم' بروهي

ٻولي حقيقت ۾ هڪ بي انت سمنڊ جي مثل آهي، جيڪو هر وقت ڇوليون هڻندو نظراچي ٿو. اُن ڇولين سبب هو پنهنجن ڪنارن جي ڪيترين ئي شين کي پنهنجي زوردار ۽ لڳاتار جهٽڪن سان ڳاري ڳوري ڪنارن وٽ مختلف رنگ اختيار ڪري ٿو. سندس تيز طوفاني ڇوليون ڪٽي پنهنجن (ڪنارن) کان نڪري، وڏي ايراضيءَ کي پنهنجي اثر ۾ آڻي، انهن کي پنهنجي حدن ۾ شامل ڪري ڇڏين ٿيون.

مختلف ٻوليون پنهنجين سرحدن تي ملن ٿيون، جتي هڪ ٻئي تي ان ميلاپ سبب اثرانداز ٿين ٿيون ۽ ميٺ محبت سبب زنده ٻولي پنهنجي ذاتي اثر رسوخ ۽ زوربار سان ٻي ٻوليءَ جي سرحد توڙي ان جي اندرين ايراضين تي پنهنجو اثر وڌائي ان تي پنهنجو رنگ چاڙهي ٿي. ان کان علاوه پنهنجي پر واري ٻوليءَ کي ريجهائي پرچائي هميشہ لاءِ پنهنجو ڪري ٿي ڇڏي. اهڙيءَ طرح ٻنهي ٻولين جي حدن اندر ٻنهي ٻولين جا محاورا وجود ۾ اچن ٿا.

سنڌي ٻولي بہ اهڙين ئي خوبين جي مالڪ آهي، جنهن جي اثر رسوخ ۽ ميل ميلاپ سبب هيءَ ٻولي مختلف علائقن ۾ مختلف محاورن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، جيڪا نہ صرف سنڌ اندر بلڪہ سنڌ جي سياسي حدن کان ٻاهر پنجاب، بلوچستان، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽

راجستان جي علائقن ۾ بہ ڳالهائي وڃي ٿي ۽ معياري، اترادي، ماڇڪي، جنڊالي، فراڪي، کيتراٽي، ڪوهستاني، لاسي، جدگالي، لاڙي، ڪڇي ۽ ٿري نالن سان مستعمل آهي. (1) جنهن سبب هي ٻولي نہ صرف هڪ اهميت واري ٻولي جي حيثيت رکي ٿي، بلڪ هميشہ ترقي ڪندي اڳتي بہ وڌندي رهي ٿي.

موضوع جي لحاظ کان هت اسين لاڙي محاوري تي ڪجھہ لساني بحث ڪنداسين، ڇو تہ لاڙي محاورو سنڌ جي اهم ۽ وڏي محاوري جي حيثيت رکي ٿو. هيءَ محاورو سنڌ جي ضلعي ٺٽي ۽ ضلعي بدين جي علائقن ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. جنهن تي ڪڇي، ڪاٺياواڙي ۽ گجراتي ٻولين جو اثر آهي. اِن سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جن لکيو آهي تہ "هي محاورو سنڌي زبان جي وڏن محاورن مان هڪ آهي ۽ لازمي طور ڪي اثر هن پاڙيسري محاورن جا قبول ڪيا هوندا، ڇو تہ سنڌس سرحدون اتر کان معياري سان، اولهہ کان ڪوهستاني محاورن سان ۽ اوڀر کان ٿري محاوري واري علائقن سان ملن ٿيون. بدين تعلقي ۽ ڪڇ رياست جي وچ تي ڪڇ جو رڻ آهي، ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ ڪڇ جي گادي ڀڄ ڏي وهڻ ذريعي اچ وڃ عام جام ٿيندي هئي. ڪانٺي ۽ مزدوريءَ لاءِ ڪڇي بدين تعلقي ۾ ايندا هئا. ڪي مستقل طور رهي پيا ۽ ماڻهيون بہ ڪيائون. بدين ۾ ڪُنيارن، منڌرن ۽ ميگهواڙن جي ٻوليءَ تي ڪڇيءَ جو اثر خاص طور گهڻو آهي." (2) گريئرسن جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ، داردي قومن جو اثر لاڙ تائين ڦهليل هو ۽ لاڙي محاوري ۾ اڄ بہ داردي ٻولين جا اهڃا اُهڃاڻ ملن ٿا. (3) هن محاوري تي اهو نالو سنڌس پنهنجي علائقائي نالي جي نسبت سان ٿيو آهي. لاڙي لهجي جو صوتياتي نظام سنڌيءَ جي عام صوتياتي نظام جهڙو آهي. هن ۾ ٻچپوان، ڏندوان، مهاروان،

موردلي سخت تارون ۽ نرم تارون وارا آواز آهن، اهي آواز ڏوڪٽا، چوسٽا، گسٽا، گهٽا (نڪوان) ڦرڪٽا، گول روان ۽ نيم سر قسمن ۾ گروهن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. (4) لاڙي لهجي ۾ واپاري ناتن ڪري ملائي ملباري ۽ تيلگو لفظ بہ گڏجي ويا آهن. (5) هن محاوري ۾ پورچوگيزي لفظ ڪجھ انداز ۾ شامل ٿي ويا آهن.(6)

محاورن جو مطالعو بہ لسانيت جي هڪ اهم شاخ آهي، جنهن لاءِ صوتيات جي علم جي ڄاڻ نهايت ضروري آهي. (7) هاڻ جڏهن اسين لاڙي محاوري جي صوتيات جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺنداسين تہ اُن ۾ اسان کي معياري محاوري کان ڪافي فرق محسوس ٿئي ٿو چو تہ پڙهيل طبقي کي ڇڏي، ڳوٺاڻي ٻولي ڳالهائيندڙن جي ٻوليءَ مان اسان کي ڪافي فرق محسوس ٿئي ٿو، پڙهيل طبقو پنهنجي زبان کي معياري ٻوليءَ طور ڳالهائيندو آهي، جڏهن تہ اڻ پڙهيل ۽ ڳوٺاڻا پنهنجي ماحول واري ٻولي ڳالهائڻ تي مجبور هوندا آهن، ان ڪري عام طور اڻ پڙهيل طبقي ۾ ف=ڦ، ز = ج، ذ = د، گھ=گ، ٻ = ب، ڊ = ت، ش = س، ھ = ء، ۽ ي = ج جي اُچارن ۾ بدلجن ٿا، مثلاً لاڙي محاوري ۾ 'يتيم' کي چون 'جتيم' ۽ 'ياءَ' کي چون 'ٻاءَ' انهن لفظن ۾ 'ج' جو اُچار 'ي' ۽ 'ياءَ' جو اُچار ڦري 'ٻاءَ' (8) ۾ بدلجي استعمال ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي لفظن مان 'ھ' جو اُچار حذف ٿي وڃي ٿو. مثلاً 'جهڙو'، 'تهڙو'، 'ڪهڙو'، 'اهڙو'، ۽ 'اُهڙو' جا لفظ ڳوٺن ۾ 'ھ' جو اُچار وڃائي، 'جيڙو'، 'تيڙو'، 'ڪيڙو'، 'ايڙو' ۽ 'اوڙو' طور استعمال ٿين ٿا. يعني انهن لفظن ۾ 'ھ' جي اُچار بدران 'ي' جو اُچار استعمال ٿئي ٿو. جڏهن تہ ڪجھ هنڌن تي 'ھ' سان گڏ 'ي' جو اُچار بہ شامل ڪري، اُنهن کي 'جيهڙو'، 'تيهڙو'، 'ڪيهڙو'، 'ايهڙو' ۽ 'اوهڙو' استعمال ڪجي ٿو. لفظ 'اُهڙو' ۾ جيئن تہ 'اُ' جو اُچار ڪجھ مٿانهون آهي، ان ڪري اُتي 'ي' بدران 'و' جو اُچار استعمال ڪجي ٿو.

سنڌي اُچارن جي نظام (صوتيات) مطابق ڪِن اُچارن جي پاڻ ۾ مٽ سٽ هلندي آهي، ۽ اڄ تائين اُها رائج آهي، اُن جو مثال 'ء' ۽ 'ي' جي مٽ سٽ آهي.(9) اُن لحاظ کان، جڏهن اسان لاڙي لهجي جو وڏيڪ گهرائيءَ سان جائزو وٺنداسين تہ ڪجهہ بيا اهڙا لفظ بہ ملن ٿا. جيڪي ڪجهہ فرق سان استعمال ڪجن ٿا. مثلاً: لفظ 'جڳايو' ۽ 'چڙهائيو' طور استعمال ڪري 'ء' حرف جو اضافو ڪن ٿا. پر ڪٿي ڪٿي 'اِهو' ۽ 'اُهو' لفظن ۾ 'ي' ۽ 'و' اُچارن جو اضافو ڪري، 'هہ' بدران 'ء' جي مٽا سٽا ڪجي ٿي. مثلاً: 'اهو' کي 'ايئو' ۽ 'اُهو' کي 'اوئو' ڪري استعمال ڪجي ٿو. 'اهو' ۾ جيئن تہ 'اِ' جو هيٺيون اُچار شامل آهي، ان ڪري اُن ۾ 'ي' جو اضافو ڪجي ٿو. جڏهن تہ 'اُهو' ۾ 'اُ' جو مٿيون اُچار شامل آهي، ان ڪري اُن ۾ 'و' جو شامل ڪيو وڃي ٿو.

لاڙي محاوري جو حرف جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺبو تہ، اُن لحاظ کان بہ لفظن ۽ جملن ۾ ڪجهہ فرق محسوس ٿئي ٿو جيڪو معياري ۽ لاڙي محاوري ۾ موجود آهي، صرفي لحاظ کان لفظن جي تقسيم ۽ هڪ ٻئي سان گڏجي اچڻ سان انهن ۾ جيڪا تغير يا تبديلي اچي ٿي، يا اُن ۾ اضافي سان جيڪا نئين صورت پيدا ٿئي ٿي، انهيءَ تي بحث يا ذڪر ڪرڻ کي 'صرف' چيو وڃي ٿو. (10) پيرو مل آڏواڻيءَ بہ لفظن جي قسمن ۽ انهن جي صورت ۾ ٿيندڙ تبديلين کي صرفي تبديلي ٻڌايو آهي. (11) لاڙ جي ڳوٺن ۾ هيٺين معياري لفظن کي فرق سان استعمال ڪجي ٿو:

معياري محاورو: منهنجو، تنهنجو، ڪنهنجو

لاڙي محاورو: مُونجو، تُنجو يا توجو. (12) ڪينجو.

مٿين لفظن ۾ 'منهنجو' ۾ 'ن' ۽ 'هہ' بدران 'و' جو اُچار لفظ 'تنهنجو' ۾ 'ن' ۽ 'هہ' جو حذف ٿيڻ ۽ لفظ 'ڪنهنجو' ۾ 'ن' ۽ 'هہ' بدران 'ي' جو اُچار شامل ڪجي ٿو.

لاڙي محاوري ۾ جڏهن حرف جر لفظن جو جائزو وٺون ٿا تہ انهن ۾ بہ ڪجهہ فرق محسوس ٿئي ٿو. مثلاً: 'ڪٿان'، 'جٿان' ۽ 'هتان' جا لفظ هن محاوري ۾ 'ڪيٿان'، 'جيٿان' (13) ۽ 'هيتان' ڪري استعمال ڪجن ٿا. جن ۾ حرف 'ي' جي اُچار جو اضافو ڪيو ويجي ٿو. اهڙيءَ طرح 'اُهين' ۽ 'اُهي' جا لفظ ڪٿي ڪٿي 'هين' ۽ 'هي' يا 'ٿي' طور ڪم آڻجن ٿا. مثلاً: هيٺ اُن قسم جا جملا پيش ڪجن ٿا.

1. ڪٿان وٺي آيو آهين؟ معياري
- ڪيٿان وٺي آئيو آهين؟ لاڙي
2. هن جو نالو ڇا آهي؟ معياري
- هن جو نالو ڇا ٿي؟ لاڙي
- هن جو نالو ڇا هي؟ لاڙي

معياري محاوري جا لفظ 'ڪيڏانهن'، 'جيڏانهن'، 'تيڏانهن'، 'هيڏانهن'، 'هوڏانهن' ۽ 'ايڏانهن' بہ لاڙي ۾ ڪجهہ فرق سان ڳالهايا وڃن ٿا. انهن لفظن مان 'ن' ۽ 'هہ' حذف ٿي وڃن ٿا ۽ اهي 'ڪيڏان'، 'جيڏان'، 'تيڏان'، 'هيڏان'، 'هوڏان' ۽ 'ايڏان' طور ڪم آڻجن ٿا. جيڪڏهن انهن لفظن جي اسان اترادي، جغدالي ۽ فراڪي محاورن سان ڀيٽ ڪنداسين تہ اسان کي اجا وڌيڪ فرق محسوس ٿيندو مثلاً:

| معياري | لاڙي | اترادي | جغدالي | فراڪي |
|---|---|---|---|---|
| ڪيڏانهن | ڪيڏان | ڪاڏي | ڪيڏي | ڪيڏي |
| جيڏانهن | جيڏان | جاڏي | جيڏي | جيڏي |
| تيڏانهن | تيڏان | تاڏي | تيڏي | تيڏي |
| هيڏانهن | هيڏان | هيڏي | هيڏي | هيڏي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| هوڏانهن | هوڏان | هوڏي | هوڏي | هوڏي |
| ايڏانهن | ايڏان | ايڏي | ايڏي | ايڏي |

مٿين لفظن کي پيٽ ڪندي اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته، لاڙي محاورو معياري محاوري کي ٻين محاورن کان وڌيڪ ويجهو آهي، بلڪ انهن کان وڌيڪ معياري آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن ۾ لفظن کي گهٽائي وڌائي، يا اڳتي پوئتي ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو اهڙن محاورن ۾ اترادي، ماڇڪي، جغدالي، فراڪي ۽ ڪيترائي محاورا به شامل آهن. پر لاڙي لهجي ۾ به اهڙيون خوبيون موجود آهن. مثلاً: 'ڊِڄَڻُ' کي چون 'ڄِڊڻ' (13) هن لفظ ۾ 'ڊ' جو لفظ اڳيان ڦِري وڃ تي استعمال ڪيو ويو آهي، جڏهن ته 'ڄ' جو حرف بدلجي 'ج' طور استعمال ٿيو آهي.

اهڙيءَ طرح جڏهن اسان ڪجهه لفظن کي غور سان جاچينداسون ته انهن ۾ اسان کي لاڙي محاوري ۾ جغدالي ۽ فراڪي محاوري جهڙيون تبديليون به نظر اچن ٿيون. بلوچستان جي سبي خطي ۾ 'جڏهن'، 'ڪڏهن' ۽ 'تڏهن' کي هيٺين طرح استعمال ڪيو وڃي ٿو:

| معياري | اترادي | ماڇڪي | جغدالي | فراڪي |
|---|---|---|---|---|
| جڏهن | جڏهين | جڏين | جڏين | جڏِي (14) |

لاڙي محاوري ۾ 'جڏهن' کي 'جڏين'، 'ڪڏهن' کي 'ڪڏين' ۽ 'تڏهن' کي 'تڏين' ڪري استعمال ڪجي ٿو يعني اُنهن لفظن جي 'هـ' جو اُچار 'ي' جي اُچار ۾ بدلجي وڃي ٿو ۽ اُنهن جي "وِسرگائي" صورت بدلجي "اوسرگ" ٿي وڃي ٿي.

هاڻ جڏهن اسان لاڙي محاوري جو نحو جي روشنيءَ ۾ جائزو ٿا وٺون تہ، اُن ۾ ڪجهہ فرق محسوس ٿئي ٿو ڇو تہ آس پاس جي ٻولين جي اثرن سبب جيڪو اثر پوي ٿو اُن جي ڪري لفظن جي جوڙجڪ ۾ فرق پئجي وڃي ٿو. اسان جي ٻوليءَ ۾: ”نهہ، لهہ، ٻهہ، ڙهہ، ٺهہ، ڏهہ ۽ ڇهہ“ اهڙا مرڪب حرف آهن، جن کي عام طور تہ مرڪب چيو وڃي ٿو پر حقيقت ۾ اُهي منفرد حرفن جي حيثيت رکن ٿا، ڇو تہ لکڻ وقت تہ انهن جي ظاهري صورت ٻن جدا جدا حرفن جهڙي آهي، پر ڳالهائڻ وقت اُهي منفرد طور استعمال ٿين ٿا. (15)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو محترم علي نواز حاجن خان جتوئي ۽ مرحوم محمد سومار شيخ جن اڪثر پنهنجين تصنيفن ۾ انهن جي منفرد هجڻ جي وضاحت ڪندا رهيا آهن.

مٿين حرفن سان اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ استعمال ٿين ٿا. مثلاً: ’لهہ‘ مان ’ڳالهہ‘ يا ’ٿالهي‘، ’لهہ‘ مان ’ڪانهي‘ يا ’ٻانهو‘، ’مهہ‘ مان ’سامهون‘، ’ڙهہ‘ مان ’چاڙهي‘، ’ٺهہ‘ مان ’ماٺهو‘ ۽ ’ڏهہ‘ مان ’جڏهين‘ وغيره. اُنهن لفظن جو اسان جڏهن لاڙيءَ سان گڏ مختلف محاورن جو جائزو ٿا وٺون تہ اسان کي انهن جي مرڪب بدران، منفرد صورت نظر اچي ٿي، ۽ نہ صرف منفرد، بلڪ وسرڳ ڪان اوسرڳ بہ ٿيل استعمال ٿين ٿا. هيٺ مثال ڏجن ٿا:

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| معياري | جڏهن | چاڙهي | ٻانهو | ماٺهو | ڳالهہ | سامهون |
| اترادي | جڏهين | چاڙهي | ٻانهو | ماٺهو | ڳالهہ | سامهون |
| ملهڪي | جڏين | چاڙي | ٻانو | ماٺو ن | ڳالهہ | سامون |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| جنڊالي | جڏين | چاڙي | ٻانو | ماٺون | ڳال | سامون |
| فراڪي | جڏي | چاڙي | ٻانو | ماٺون | ڳال | سامون |
| ڪيتراڻي | جڏِ | چاڙي | ٻانو | ماٺون | ڳال | سامون |
| ڪوهستاني | جڏِهين | چاڙي | ٻانو | ماٺون | ڳال | سامون |
| لاسي | جَر | چاڙي | ٻانو | ماٺون | ڳال | سامون |
| جدگالي | جَر | چاڙي | ٻانو | ماٺون | ڳال | سامهون |
| لاڙي | جَڏين | چاڙي | ٻانهو | ماٺهو /ماڙهو | ڳال | سامهون |
| ڪڇي | جڏِئين | چاڙي | ٻانو | ماٺون | ڳال | سامون |
| ٿري | جڏئين | چاڙي | ٻانو | ماٺون | ڳال | سامون (16) |

لاڙي محاوري ۾ ڪي خوبيون اهڙيون بہ آهن، جن موجب معياري لفظن مان ’هہ‘ جو اُچار حذف ڪريو ڇڏين. هونئن تہ ٻين ڪيترن ئي محاورن ۾ بہ ’هہ‘ جو اُچار حذف ڪيو وڃي ٿو پر لاڙي محاوري ۾ ’هہ‘ سان گڏ، اُنهن پر وارن حرفن کي بہ حذف ڪيو وڃي ٿو جيڪي ’هہ‘ جي اڳيان يا پويان هُجن. مثلاً:

| معياري | لاڙي | حذف | معياري | لاڙي | حذف |
|---|---|---|---|---|---|
| توهين | توين | هہ | پهتو | پوتو | هہ |
| آهيان | آيان | هہ | آهي | آئي | هہ |
| يارهن | يارَ | هہ-ن | ٻارهن | ٻارَ | هہ-ن |
| تيرهن | تيرَ | هہ-ن | چوڏهن | چوڏَ | هہ-ي |
| اوهان | آن | و-هہ-ن | اُهي | اوءِ(17) | هہ-ي |

اهڙيءَ طرح هن محاوري ۾ ڪي اهڙا لفظ ٻہ آهن، جن مان 'هہ' حذف ڪري 'ي' يا 'و' جو اضافو ڪيو وڃي ٿو يا 'هہ' بدران 'ءِ' استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثلاً:

| معياري | لاڙي | حذف | اضافو |
|---|---|---|---|
| اوهين | آئين | و-ي | ءِ |
| اوهان | آن | و-هہ | آ |
| اُهي | اُوءِ | هہ-ي | و-ءَ |
| جهڙو | جيڙو | هہ | ي |
| تهڙو | تيڙو(18) | هہ | ي |
| ڪهڙو | ڪيڙو | هہ | ي |
| پهتو | پوتو | هہ | و |
| منهنجو | موجو | ن-هہ-ن | و |
| تنهنجو | توجو(19) | ن-هہ-ن | و |

هيٺ ڪجهہ اهڙن لفظن جي لڙهي پيش ڪجي ٿي، جن ۾ معياري کان ڪجهہ فرق محسوس ڪري ٿو سگهجي.

| معياري | لاڙي | معياري | لاڙي |
|---|---|---|---|
| پنهنجو | پانجو | جنهن | جين |
| ڪُنهن | ڪين | تنهن | تين |
| ڇا | ڪُڇا | ڪريو | ڪرو |
| ڇڏيو | ڇڏو | ڏياريم | ڏياريهم |
| ڪان | ڪنان | سيني | سڀهين |
| اچي وئي | آوئي | ڄڻ تہ | ڄڻڪ |
| ڏينهن | ڏينئن | پوي | پوئي |
| ڏنائينس | ڏيننس | ڇون | ڇوئڻ |
| اُتان | اوتان | اِتان | ايتان |
| پهتو | پوئتو | پڄو | پنڄو |
| همت | هميت | خوشي | ڪُشي |
| ٻڏڻ | ٻنڏڻ | پنساري | پڻساري |
| ماڻهو | ماڙهو | دانهن | دانئن |

هن محاوري ۾ ڪي اهڙا لفظ بہ آهن، جيڪي معياري ڪان بلڪل مختلف آهن، بلڪ ان قسم جا لفظ سنڌي ٻوليءَ جي ٻين محاورن ۾ بہ استعمال ڪو نہ ٿا ڪيا وڃن. ڊاڪٽر غلام علي الانا جن ڪجهہ اهڙا مثال پيش ڪيا آهن، مثلاً:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|---|---|
| اُجهي | دل ۾ اچڻ | آرا | تڪو وهڪرو | ارٽ | سمجهاڻي |
| اڪارڻ | هڪلڻ | آڪرڻ | قبول ڪرڻ | آڙر ڪو | ڪندو |
| آنو | صاف نہ ٿيل | آنا ڳ | آڳت | ٽڻون | وِڇون |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| جاڙ | هميشه | آلو | لسي | آئي | ٻڪري |
| مڃڻ | متان | پيال | اوپر | ساتا نو | آتر (20) |

لاڙي محاوري ۾ ڪي ننڍا محاورا به موجود آهن، جن ۾ ڪينجهر جو محاورو، جاتي جو محاورو ۽ ماڃر محاورو شامل آهن. ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي جي مصداق انهن محاورن ۾ به فرق موجود آهي. مثلاً: ڪينجهر ۾ 'خبر' کي 'ڪبر'، 'خير' کي 'ڪير'، 'ڪينجهر' کي 'ڪينجر'، 'ڪونهي' کي 'ڪوني'، 'سگهان' کي 'سگان'، 'لاهي' کي چون 'لائي'، 'آهي' کي چون 'آئي.' (21) اهڙيءَ طرح جاتيءَ واري محاوري ۾ به فرق آهي. مثلاً: هو 'ماٺهو' کي چون 'ماڙو'، 'ڳالهه' کي چون 'ڳال'، 'يتيم' کي چون 'جتيم'، 'آهي' کي چون 'اوءِ'، 'آهين' کي چون 'آئين'، 'هنن' کي چون 'هنين'، 'نهاري' کي چون 'نياري'، 'پنهنجا' کي چون 'پانجا' ۽ 'ڪنهن' کي چون 'ڪين.' (22)

ماڃر محاوري جو جائزو وٺبو ته اُن ۾ به فرق محسوس ٿئي ٿو. هِن محاوري ۾ 'خاموش' کي چون 'ڪاموش'، 'اِجهو' کي چون 'اِجو'، 'ٿا' کي چون 'تا.' (23) اها لساني ڦير گهير ڏار ڏار اصطلاحن، پهاڪن، چوٽين ۽ ڳالهائڻ جي جهيلار مان معلوم ڪري ٿي سگهجي، جيڪا اڪثر ڪري ٻُڌڻ سان تعلق رکي ٿي.

اهڙيءَ طرح لاڙ علائقي جي جتن ۽ منڊرن جي محاورن ۾ به فرق آهي، جيڪو هت طوالت کان بچڻ خاطر ڪو نه ٿو ڏئي سگهجي.

هاڻ جڏهن اسين لاڙ جي شاعريءَ جو جائزو وٺون ٿا ته اُن ۾ به ساڳيو لاڙي محاورو استعمال ٿيل آهي، ڇو ته هر هڪ شاعر پنهنجي علائقي جي نمائندگي ڪري ٿو. هُو نه صرف اُن علائقي جي ٻولي استعمال ڪرڻ تي مجبور هوندو، بلڪه شاعريءَ جو فڪر ۽ فهم به پنهنجي ماحول مطابق استعمال ڪري ٿو. هيٺ اسين لاڙ جي معروف ۽

مقبول شاعر مولوي احمد ملاح مرحوم جي شاعريءَ جو مختصر لساني جائزو ونٽداسين، جنهن ۾ سنڌس 'ديوان احمد' ۾ ڪجهه مداحون ۽ مناجاتون به شامل آهن.

مولوي عبدالله جوڻيجو جن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جي صلاح مشوري ۽ هدايتن تي، مولوي احمد ملاح جي غزلن جو ديوان سنه 1974ع ۾ بدين مان شايع ڪرايو (24) جيڪو سنڌي ادب ۾ هڪ سنهري باب جي حيثيت رکي ٿو.

مولوي صاحب هڪ ڪامل فن شاعر جي حيثيت سان سنڌ جي هڪ عظيم شاعر جو درجو ماڻي چُڪو آهي، سنڌس شعر اِلهامي شعر جي حيثيت رکي ٿو جيڪو سنڌس ئي علائقائي ٻولي 'لاڙي' محاوري ۾ چيل آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب لکن ٿا ته:
"سنڌس شاعريءَ ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا تمام گهڻا لفظ موجود آهن." (25)

سنڌس شاعريءَ ۾ ٿري، ڪڇي، ڪوهستاني، لاسي، فراڪي ۽ اُترادي محاورن جون خوبيون به ملن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ کان علاوه هن اُردو، سرائڪي، فارسي ۽ عربي زبان به گهڻي انداز ۾ استعمال ڪئي آهي. نه صرف اهو بلڪ سنڌس شاعريءَ ۾ بروهي ۽ بلوچي زبان جا لفظ به ملن ٿا، تنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هُو فارسي، عربي، اردو، سرائڪي، بروهي ۽ بلوچي زبانون به چڱي طرح ڄاڻندو هو.

سنڌس شاعريءَ ۾ سادگي، رواني، اثر انگيزي، احساسات جي ادائيگي، خيالن جي پاڪيزگي، لفظن جي موزونيت ۽ زور بياني جهڙي انداز ۾ موجود آهي، اِهوئي سبب آهي، جو سنڌس شاعري پوري سنڌ ۾ مقبوليت حاصل ڪري چُڪي آهي.

معياري سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا لفظ به آهن، جِن سان ڪجهه ٻيون پڇاڙيون ملائي وڌيڪ مفهوم حاصل ڪيو ويجي ٿو. ڊاڪٽر غلام علي

الانا جن: "ونت" پڇاڙيءَ سان ياڳ + ونت = ياڳونت ۽ ڪلا + ونت= ڪلاونت (26) جا لفظ مثال طور پيش ڪيا آهن. پر اهي پڇاڙيون مختلف محاورن ۾ مختلف نموني بدلجي استعمال ٿين ٿيون. يعني اُهي پڇاڙيون ڪٿي 'ونت' بدران 'وند' تہ ڪٿي 'مند' طور استعمال ٿين ٿيون. مثلا: ياڳ + وند = ياڳوند يا درد + مند = درد مند وغيره. مولوي احمد ملاح جن لاڙي محاوري جي لحاظ کان اُن پڇاڙيءَ کي 'وند' طور استعمال ڪيو آهي. مثلاً:

(1)

'درد وندن' جون دليون، دم دم نہ دلبر يار وڃ،
حرف هيڻي تي رکي، هي هي! مہ وِجهہ هر وار وڃ.

(ديوان احمد ص 126)

(2)

'هدايت وندن' کي هدايت وٽي،
مگر موڙهلن لاءِ مونجهارو لذيذ.

(ديوان احمد ص 129)

بلوچستان جي سبي خطي جي سنڌي ٻوليءَ جي فراڪي محاوري ۾ اسم حاليہ لفظن مان اڪثر ڪري حرف 'د' جو اُچار حذف ڪيو وڃي ٿو. مثلا: هُو 'ماريندو' يا 'پڙهائيندو' کي چون 'مارينو' يا 'پڙهائينو' (27) اهڙيءَ طرح مولوي احمد ملاح مرحوم 'ماريندم'، 'ٿيندم'، 'ٻاريندم'، 'وڻيندم'، ۽ 'سڏيندم'، لفظن کي فراڪي محاوري جهڙي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن جا ڪجهہ مثال هي آهن.

منتون ميڙيون ملڻ لئي ملڪ سڀ ملهہ ۾ تہ مِل!
مغز 'مارينم' ڪيترو مهندان بہ مغرور نظر.

(ديوان احمد ص 137)

(2)

سسي ۾ ساهہ جان آهيم، تہ سانبيڙا سنياريندس،
اجل جي ات 'تيندم' ارواح تہ بہ اوڏانهن اڏاريندس.
(ديوان احمد ص 150)

(3)

عُمر اسين پنهنجي ڏيهہ ۾ هلون سِج، چنڊ جي ساهي تي،
ڏيو ڏاتار جو شنهن! ڪو نہ اڳ 'ٻارينم' نہ ٻاريندس.
(ديوان احمد ص (151)

(4)

گل ڪم وٺ بي ڪمان، منهن وٺ، قمر ڪومائجي،
تير جيئن تارا 'وڃينم'، تر 'سڌينم' ترس ترس.
(ديوان احمد ص (152)

سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي محاورن ۾ لفظن پٺيان 'آن' پڇاڙي ملائي استعمال ڪئي وجي ٿي، اترادي، فراڪي، جغدالي ۽ ماچڪي اُنهن محاورن ۾ شامل آهن. جن ۾ 'آن' بدران 'آئون' پڇاڙيون ملائجن ٿيون، پر مولوي احمد ملاح مرحوم لاڙي محاوري ۾ ٻنهي قسم جا صيغا استعمال ڪيا آهن. مثلاً: هن 'قرب'ڪان' يا 'قربان' بدران 'قربئون'، 'ڪان' بدران 'ڪئون'، 'الستئان' بدران 'الستئون' طور استعمال ڪيا آهن. بيت آهن:

(1)

مون ڪي مجاز ماريو ٻارڻ ٻيهار ٻاريو
'قربئون' قريب ڪاريو گهمرو مٿي غريبن.
(ديوان احمد ص 219)

(2)

ڪٿي خام 'ڪئون'، اڪيون پاس آيِ؟
ٻيٺو پاڻ چنڊ، زلف لالن جي لڳہ
(ديوان احمد ص 181)

(3)

'الستئون' ڏانهن تو، ڏهہ ڏهہ دفعا ڏي دل چڪيون،
ڏُک پِرايم منهن ڏسي، ڏوهہ ڏيهہ کي ڏيندس ڪين ڪين.

(ديوان احمد ص 238)

اهڙيءَ طرح ڪجهہ محاورن ۾ حرف 'ي' جو اضافو ڪري استعمال ڪيو ويو آهي، مثلاً: ... جي ٿو. فراڪي، جغدالي، ماچڪي اُنهن محاورن ۾ شامل آهن، جن ۾ اڪثر 'ي' حرف جو اضافو ڪيو ويو آهي پر مولوي احمد ملاح طرفان، ان قسم جي اضافي کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي تہ لاڙي محاوري جهڙي معياري محاوري ۾ بہ 'ي' حرف جو اضافو موجود آهي. مثلاً:

(1)

نهاريان نور 'نيشاني' پرين لاهن پريشاني،
پسان شال پاڪ پيشاني، لهن لاچار جون لوهون.

(2)

'ايرادي اوچتي آئي، وڏيس قيد ڪنهن قسمت ۾،
اکين ۾ آب آٽيو انگ پئي پرڏيهہ ۾ پاريان.

(ديوان احمد ص 215)

مٿين ٻنهي بندن ۾ 'نيشاني' ۽ 'ايرادي' جا لفظ حرف 'ي' جي اضافي سان استعمال ڪيا ويا آهن. منهنجي خيال ۾ 'نيشاني' لفظ کي 'پريشاني' ۽ 'پيشاني' قافين سان هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ لاءِ 'ي' جو اضافو ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ 'ايرادي' لفظ ۾ 'ي' جو اُچار سندس محاوري جي لحاظ کان شامل ٿيل آهي.

مولوي احمد ملاح پنهنجي ٻوليءَ ۾ لفظ 'ناهي' کي مختلف نمونن سان استعمال ڪيو آهي، هن ڪٿي 'ناهہ' ڪٿي 'ناهي' تہ ڪٿي 'ناهين' طور استعمال ڪيو آهي. پانئجي ٿو تہ هن بحر ۽ وزن

ڪي پورو ڪرڻ جي خيال سان ائين ڪيو هجي، حالانڪ عام طور لاڙي محاوري ۾ منهنجي خيال ۾ هڪڙي لفظ کي ان طرح ٽن قسمن ۾ استعمال ڪونہ ٿو ڪيو وڃي، بيت هي آهن.

(1)

خير 'ناهہ' کاڏس ڪنهين سخت سپ،
ڪ ورتو قلب زلف ڪاري جو ڪپ.

(ديوان احمد ص 408)

(2)

'ناهي' دعويٰ دم هڻڻ جي، دوستي دلدار جي،
سر تي شمشيرون شهادت، چڪنديون چوڌار اچ.

(ديوان احمد ص 89)

(3)

آهي اي انصاف تنهنجو گهائيجن هٿ کان حبيب،
باب 'ناهين' برهہ جي جو تي پڄي بيزار اچ.

(ديوان احمد ص 89)

مٿئين ٽن بندن مان، پهرين بند جي پهرين سِٽ ۾، ملاح جن لفظ 'ڪنهن' بدران 'ڪنهين' استعمال ڪيو آهي، جنهن ۾ حرف 'ي' جو اضافو ٿيل آهي، انهيءَ طرح سان سنڌي ٻوليءَ جي فراڪي، جغدالي ۽ ماڇڪي محاورن ۾ بہ 'ي' جو اضافو ڪري استعمال ڪيا وڃن ٿا. مثلا: انهن محاورن ۾ لفظ 'جنهن' کي 'جنهين' يا 'جين' لفظ 'تنهن' کي 'تنهين يا 'تين' نموني استعمال ڪجي ٿو. مولوي ملاح جن بہ 'ڪنهين' کان علاوه 'جنهن' لفظ ۾ بہ 'ي' جو اضافو ڪري 'جنهين' طور استعمال ڪيو آهي.مثلاً:

جنهن کان اڳي نہ جڳ ۾ نالو نشان شوريٰ،
اي حق هدايتون ٿيا حاصل 'جنهين' حضورا. (28)

انهيءَ ساڳي بند ۾ هن پهرين مصرع ۾ 'جنهن' کي معياري نموني سان پڻ استعمال ڪيو آهي.

ملاح جن پنهنجن ڪجهہ بندن ۾ لفظ 'مون ڏانهن' کي اترادي، ماڇڪي ۽ جڳدالي محاوري جي لفظن وانگر 'مان ڏي' استعمال ڪيو آهي، جيئن تہ لاڙي محاورو سنڌي ٻوليءَ جي ٻين سيني محاورن کان وڌيڪ آهي، اُن جي باوجود، اُن ۾ اترادي ۽ جڳدالي محاوري جهڙا لفظ استعمال ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ، هُو اُتر سنڌ جي محاوري کان بہ چڱي طرح واقف هو. بيت هي آهي:

(1)

ماٺيسر منهہ جي، پڻ مڙ ڪلي معنيٰ اٿم،
جي ڪرين محبوب 'مان ڏي' منهن منور ڪي قدر.
(ديوان احمد ص 135)

جيئن مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ ملاح جي ٻوليءَ ۾ ڪوهستاني ۽ لاسي محاورن جون خوبيون بہ موجود آهن، تنهن موجب سندس شاعريءَ ۾ لفظ 'ڪوهہ' بہ ملي ٿو جيڪو اڪثر ڪري ڪوهستاني ۽ لاسي محاورن ۾ 'ڄا' بدران استعمال ڪيو وڃي ٿو. بيت ملاحظہ فرمايو:

(1)

'ڪوهہ' ڄاڻان خود ڪهڻ لئي، يا ڪچهري لئي قريب،
تو ورائي طاق تاڙيا، منجهہ ٻري ٻاهر نہ ٻاڦ.
( ديوان احمد ص 82)

(2)

صبح چڙهي سج مٿي، سر تي سهان سنهڻن سنيون،
روز راهون'ڪوهہ' روڪين، رول رُل رُل آسپاس.
(ديوان احمد ص 147)

سندس ٻوليءَ ۾ اُردو ۽ سرائيڪي زبان جو اثر بہ موجود آهي. مثلاً:
هن هڪ لفظ 'چوان' کي اردو ۽ سرائيڪي جي ٻن حصن کي ملائي 'ڪهان' جوڙي استعمال ڪيو آهي. يعني اُردوءَ جو 'ڪهہ' ۽ سرائيڪيءَ جي 'آکان' جو 'آن' حِصو ملائي 'ڪهان' لفظ جوڙيو آهي. اُن کان علاوه 'ڏسڻ' بدران 'ديکين' جو لفظ استعمال ڪيو اٿن. بيت هي آهن.

صبح سانجهي سبق مون، سبحان ربي العظيم،
ڇا 'ڪهان' تنهنجون ڪروڙين قدرتون قائم قديم. (29)
ائين 'ڪهان' ٿو ڪين، تان پڻ ڪات منهنجي ڪنڌ متان،
بلڪ آهيان خون ۾ خوش، ڪوڙ خنجر ڪي قدر.
(ديوان احمد 136)

مٿين بندن ۾ 'سبحان ربي العظيم' ۽ 'قائم قديم' جا ٻئا لفظ عربي زبان جا آهن. جيڪي هن پنهنجي صرف مقصد ۽ مفهوم کي حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا آهن. بلڪ انهن لفظن کان قافيو ۽ رديف ملائڻ جو مقصد بہ حاصل ڪيو آهي.

بلوچستان جي ڪڇي علائقي جي ٻن عظيم سنڌي شاعرن سيد رکيل شاهہ ۽ سيد چيزل شاهہ جن پنهنجي شاعريءَ ۾ 'ڏينهن رات' جي مفهوم کي 'رات ڏينهان' ۽ 'راتيان ڏينهان' طو استعمال ڪري داد حاصل ڪيو آهي. جڏهن تہ مولوي احمد ملاح بہ 'رات ڏينهان' طور استعمال ڪيو آهي. سيد رکيل شاهہ، سيد چيزل شاهہ جو والد پڻ هو ۽ جهوڪ شريف جي شاهہ عنايت جو مريد هو. ٻنهي پيءُ پٽن جي ڪلامن جا مجموعا شايع ٿيل آهن. تن مان سندن شاعريءَ جو هڪ هڪ بند مثال طور پيش ڪجي ٿو:

(سُر مانجهہ)

'رات ڏينهان' تان يڪي، تن منجهہ تانگهہ لڳيم،
ڦنيل ڦوڙائي ماريس، سِر پيرن تان سِسي،

رت روئن سي 'رڪيل' دور ڪيائون دل جو
انهي تہ اڏيءَ تي عاشق، ڪيئي تہ وَيڙا ڪُسي. (30)
(سيد رڪيل شاهہ)

(سُر بلاولي)

'راتيان ڏينهان' طلب تمامي، اهي حِرص ڪيا حيران،
دنيا دنيا ڪندا وتن، ڪنيون ويندا ارمان،
پير مِغان دي دستئون پيتم، 'چيزل' پر ڪو جام. (31)
(سيد چيزل شاهہ)

(1)

'رات ڏينهان' رت ڦڙا، رويو نهاريان رَند رَند،
جي هِنيين ۾ هند ڪيو تن لئي ڳوليان هند و هند.

(2)

'ڏينهن راتيون' ڏوهہ ۾، جاڳي رِجائي مون جمار،
تون نہ ڏيندين، ڪير ڏيندو ڏيهہ جو ڏاتار. (32)
(ديوان ملاح ص 111)

مولوي احمد ملاح جي مٿين بيتن ۾ 'رات ڏينهان' ۽ 'ڏينهن راتيون' ٻيئي طريقا استعمال ڪيل آهن. هڪڙو معياري آهي، ۽ ٻيو طريقو مختلف محاورن جي استعمال مان اختيار ڪيو ويو آهي. 'ڏينهان راتيان' جا لفظ سرائڪي ٻوليءَ ۾ بہ استعمال ڪيا وڃن ٿا. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ احمد ملاح جي ٻوليءَ تي سرائڪي زبان جو ڪافي اثر موجود آهي، جيئن سيد رڪيل شاهہ ۽ سندس فرزند سيد چيزل شاهہ جي شاعريءَ تي آهي.

بلوچستان جي لس ٻيلي جي سنڌي زبان کي لاسي چيو وڃي ٿو جيڪو سنڌي زبان جي هڪ محاوري جي حيثيت رکي ٿو. لاسي محاوري ۾ عام طور 'ت' جو حرف حذف ڪري 'دوست محمد' کي 'دوس محمد' چوندا آهن. سندن شاعريءَ ۾ بہ اهڙا لفظ ملن ٿا. مثلاً:

'دوس' اچي، 'دوس' محمد چوۓ، هوت ميٺيو سڀ هور،
گهڙي ڇڪوي چنڊ ڇڪور، تهڙي پيتم پرت پريم جي. (33)

'دوست' کي 'دوس' ۾ استعمال ڪرڻ جو لچهو لاسيءَ کان علاوه جدگالي، ڪوهستاني، اترادي، جغدالي، فراڪي ۽ کيتراڻي محاورن ۾ بہ موجود آهي. مولوي احمد ملاح بہ اهو طريقو استعمال ڪندي 'دوست' کي 'دوس' چيو آهي. مثال هيٺ ڏجي ٿو:

نہ ڏي دل ديس مان، ڪنهن دوست ڏي 'دوس'،
نہ ان ري منجهہ ارم، آرام ايندوس.

(ديوان احمد. ص 155)

مولوي صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ فارسيءَ جا لفظ بہ استعمال ڪيا آهن، جن مان 'مژگان' کي سنڌي ٻوليءَ سان گڏ ڪري ڪم آندو آهي، بيت هي آهي:

پڙ اندر آيا پرين، پيڪان پنبڻين جي سميت،
منهن ڏيئي'مژگان' کي، ماري سجان ميدان ڪيون.

(ديوان احمد. ص 235)

مولوي صاحب جي شاعريءَ کي غور سان پڙهبو تہ اُن ۾ اسان کي بروهي، بلوچي زبان جا لفظ بہ استعمال ٿيل ملن ٿا. هن 'ڏوَل' ۽ 'گهٽ' جا ٻہ لفظ بروهي ۽ بلوچي زبان جا استعمال ڪيا آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيس ٻنهي ٻولين جي ڄاڻ هُئي. مٿين لفظ 'ڏوَل' جي معنيٰ آهي 'طرح' يا 'نمونو' جڏهن تہ 'گهٽ' جي معنيٰ آهي 'سوگهو' يا 'قاتل'. اُنهن لفظن کي مولوي صاحب ڏاڍي سُهڻي پيرايي ۾ استعمال ڪري مثال قائم ڪيو آهي. هي بيت آهن:

(1)

ڪئين ٿليا ٿي ڍول منهنجا، ڍيل واري 'ڏوَل' سان،
راءِ، راڻي جي روش، رفتار جي ڏي ڪا خبر.

(ديوان احمد. ص 134)

جڳت سارو نہ جاني مٺ، وٽس هر ڪو حسن ۾ ’گهٽ‘
سجايا تنهن سجڻ سج، چنڊ،ستارا، آءُ تہ ڏيکاريانءِ
(ديوان احمد، ص 277)

اهي ٻئي لفظ جيئن تہ بروهي ۽ بلوچي زبان جا آهن. پر ساڳي ئي معنيٰ ۾ لاسي، جدگالي، ڪوهستاني، اُترادي، جفدالي، فراڪي ۽ کيتراڻي محاورن ۾ بہ استعمال ٿين ٿا ۽ سنڌي ڳالهائڻ وارا اُنهن کي پنهنجي ٻوليءَ جا لفظ سمجهي آسانيءَ سان استعمال ڪندا آهن. اِهو ئي سبب آهي، جو ملاح جن بہ اُنهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪري، پاڻ کي گهڻين ٻولين ڄاڻندڙ شاعر ثابت ڪيو آهي.

## حوالا


1. بروهي، داد محمد 'خادم' سنڌ ٻوليءَ ۾ ان جا محاورا، ماهوار پيغام ڪراچي فيبروري 1988ع ص 20
2. جوٽيجو عبدالجبار ڊاڪٽر "لاڙ جي لغات" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1975 ص 19
3. J.A Grierson, Linguistic Surry Of India, Culkata Part-1, Vol -1, p 109 -112
4. الانا، غلام علي ڊاڪٽر "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو 1977 _ 175
5. ايضا ص 163
6. الانا، غلام علي ڊاڪٽر "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو 1977 _ ص 62 _ 163
7. الانا، غلام علي ڊاڪٽر "سنڌي صوفيات" ادبيات پبليڪيشن حيدرآباد 1967 ص 7
8. الانا غلام علي ڊاڪٽر "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو 1977 _ ص 156 , 157
9. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر" رسالي ۾ جامع مسند متن لاءِ صورتخطي " ٽماهي مهراڻ حيدرآباد 1986/4 ص 64
10. مولوي، عبدالحق ڊاڪٽر" اردو صرف و نحو" اردو اڪيڊمي ڪراچي ڇاپو پيو جولاءِ 1969 ص 10 _ 11
11. آڏواڻي، ڀيرومل "وڏو سنڌي ويا ڪرڻ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو 1975ع ص 163
12. الانا، غلام علي ڊاڪٽر، لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو 1977ع ص 162
13. ايضاً.
14. الانا، غلام علي ڊاڪٽر "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو– 1977، ص 146
15. بروهي، داد محمد 'خادم' سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو" پي ايڇ ڊي ٿيسز سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سال 1990ع ص 317

16. بروهي، داد محمد 'خادم' "سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو" پي ايچ ڊي ٿيسز سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1990ع ص 255
17. ايضاً
18. الانا، غلام علي ڊاڪٽر "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورور 1977ع ص 159
19. ايضا 157
20. ايضاً 158
21. الانا، غلام علي ڊاڪٽر "لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو 1977ع ص164
22. الانا، غلام علي ڊاڪٽر" لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو 4177ع، 168
23. ايضاً
24. ايضا، ص 169
25. مولوي، عبدالله جوڻيجو مرتب " ديوان احمد" بدين سنڌ، 1974ع
26. جوڻيجو عبدالجبارڊاڪٽر، ديباچو "ديوان احمد" بدين سنڌ سن 1974 ص 8
27. الانا، غلام علي ڊاڪٽر "سنڌي معلم" س. ا. ب حيدرآباد 1974ع ص 142
28. بروهي، داد محمد 'خادم'، " سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو" پي ايچ ڊي ٿيسز سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1990ع، ص 402
29 بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر "مداحون ۽ مناجاتون" س. ا. ب حيدرآباد 1959ع ص 408
30. بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر" مداحون ۽ مناجاتون" س. ا. ب حيدرآباد 1959ع ص 404
31. هرگن لعل، ڪندو مل، مرتب "بحرالعشق" (رکيل شاهہ جو رسالو) درگاهہ فتح پور ڪڇي بلوچستان، 12 فيبروري 1968ع،ص 166
32. فتح چند ڪنيا لعل، مرتب "بحرالعشق" فتح ڪلاٽ هائوس جيڪب آباد، فيبروري 1987ع، ص 167
33. بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر "مداحون ۽ مناجاتون" س. ا. ب حيدرآباد 1959ع ص 399
34. بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر" ٻيلاين جا ٻول" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ڇاپو ٻيو 1970ع ص 415

[ڪتاب لاڙجو مطالعو تان ورتل]

✦

# سنڌي زبان جي لاڙي محاوري جا ڪي پهلو

(شاعرن جي ڪلام ۽ عام چوڻين جي حوالي سان)

-ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

سنڌي زبان ۽ اُن جا محاورا (Dialects) پنهنجي رنگا- رنگي گوناگون خاصيتن جي ڪري تحقيق ڪندڙن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث آهن. لاڙ جي لساني حد بندي ضلعن جي حوالي سان ڪرڻ مشڪل آهي. پوءِ بہ بدين ضلعو مڪمل طور لاڙي محاوري جي ترجماني ڪري ٿو. ٺٽو ضلعو سپر هاءِ وي جي ذڪر ۾، ۽ قريب-اُترين حصو توڙي ڪراچيءَ جو سامونڊي ڪنارو ڪنهن حد تائين لاڙي محاوري ۾ ڳڻي سگهجن ٿا. حيدرآباد ضلعي جو ڏاکڻيون حصو بہ لاڙي محاوري جي ترجماني ڪري ٿو. هاڻي ڪجهہ قدر مواصلات جي ڪري، لاڙي شهري علائقن تي معياري محاوري اثر وڌو آهي. اِن هوندي بہ هڪ محاوري کي انتظامي حد بندين ۾ پوري ريت ڏسي پسي نٿو سگهجي. مون پنهنجي ڪتاب لاڙ جي لغات ۾ لاڙ جو جيڪو نقشو ڏنو هو سو هي آهي:

**نقشو:**

'لاڙ' جي معنيٰ 'لڙيل' يا 'هيٺيون' آهي. پيرو مل مهرچند آڏواڻي 'لاٽ' مان 'لاڙ' ٿيڻ جو اندازو لڳايو آهي. جيئن سنسڪرت للاٽ مان نراڙ ٿيڻ. شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري (1538_1623ع) لاهہ ذڪر جي معنيٰ ۾ هيٺئن ڪم آندو آهي:

جي اُتر جي لاهہ، سجڻ پرڪئا.
ري پانجي ڪنئي، سير ٻري نہ باهہ.

لاهيءَ وارو پاسو هينيون ٿي ليکبو (1). جيئن 'لاهي چاڙهي'.
لاڙ هڪ اهڙو لساني ايڪو آهي، جنهن جون پنهنجون خصوصيتون آهن. لاڙ جي بوليءَ کي بگڙيل بہ سڏيو ويو آهي. ايئن تہ پيا محاورا بہ معياري محاوري کان مختلف/ بگڙيل آهن. لاڙي محاوري جو مطالعو هتي آءٌ شاعرن جي ڪلام ۾ پهاڪن توڙي چوڻين جي حوالي سان ڪري رهيو آهيان. سلطان الاوليا خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو مولوي احمد ملاح، پير بخش فاروقي دلريش، پير پاون علي شاهہ ساقي، مير غلام مرتضيٰ مرتضائي، حاجي مراد چانڊيو ڄام خان چانڊيو سرويچ سجاولي ۾ پيا ڪيترا شاعر هن سرزمين ۾ اُن جي محاوري جا امين آهن. هنن پنهنجي ڪلام ۾ لاڙي محاوري جو فطري حسن قائم رکيو آهي. هن خطي جو وڏي ۾ وڏو شاعر خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو (1713ع-1774ع) آهي. سندس گهڻو صوفيانہ ڪلام اعليٰ آدرشن جو حامل آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي لنواريءَ ملڻ لاءِ آيو. اُن جو احوال لنواري شريف جي ڪتابن ۾ موجود آهي، جن تان استفادو ڪري ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي (1884-1947ع) ڪتاب لنواريءَ جا لال (1934ع) لکيو. جنهن ۾ هنن ٻن گوهرن جي گفتن جي اُپٽار ڪندي ملاقات جا تفصيل ڏنا اٿن.

لاڙي محاوري جون ڪي گهڻ جهڙيون ۾ اهم خصوصيتون آهن. عام گفتگو وانگر شعرن ۾ بہ اُهي اچن ٿيون. ڪاڪي ڀيرومل لاڙي محاوري جي خصوصيتن جو جائزو تفصيل سان ورتو آهي (2). لاڙي محاورو پنهنجن پاڙيسري محاورن کان بہ متاثر ٿيندو آيو آهي، اُهو هڪ فطري امر آهي. هڪ خاص محاوري ۾ بہ پيا ننڍا محاورا ٿين ٿا. 'ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي' واري چوڻي بہ اڪثر نهڪي ٿي اچي. لسانياتي اوزارن سان جانچ ڪرڻ کان پوءِ ماهرن معلوم ڪيو آهي تہ

ڪي ٻہ ٻہ ماڻهو هڪ جهڙو ڪو نہ ٿا ڳالهائن (3). اُچارن جي اهڙي فرق بابت لساني ماهرن بِلوُم فيلڊ، هاڪيٽ ۽ ٻين تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. سندن چوڻ موجب ماڻهو سماجي ماحول موجب هڪڙو تلفظ اختيار ڪن ٿا (4). ۽ ٻار تہ مائٽن کان هڪڙو تفلظ حاصل ڪن ٿا تہ راند جي ساٿين کان ڪين ٻيو تلفظ ملي ٿو (5).

لاڙي محاوري جون خصوصيتون ڀيرومل ۽ ٻين لساني ماهرن بيان ڪيون آهن، جن ۾ اوسرڳائي ۽ ضميرن ۽ صفتن ۽ فعلن جي صرفيات ۽ نحوياتي تبديلي ۽ صرف و نحو جي لحاظ کان فرق ظاهر آهي. انهن مان ڪن ڪي شاعرن جي ڪلام ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو. وسرگ (Aspirated) آواز اوسرگ (Unspirited) بنجي وڃن ٿا. مثال طور "گهہ ڪي گ" ڪري اُچارڻ، ايئن "گهر ڪي گر"، "ڀت ڪي ٻت" ڪري اُچاريو وڃي ٿو. ايئن جملي ڎُوڪڻ (Plosives) آوازن کي اوسرگ ڪري اُچارجي ٿو. مثال طور: ٻ، ڏ، ڍ، ۽ جهہ کي ب، د، ڊ ۽ ج ڪري اُچارجي ٿو. يعني ٻت ڪي بت، ڏڪ ڪي دڪ، ڍِڳ ڪي ڊِگ ۽ جهل ڪي جل ڪري اُچارجي ٿو. ڪڇ جو اثر بہ لاڙ تي گهڻو آهي. ڪي آواز ڪڇ جي تلفظ موجب بہ آهن.

لاڙ ۾ شاعرن جي ڪلام تي نظر وجهبي تہ اهو صاف نظر ايندو تہ هتي جي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي ٿَرَ جي زبان جو سڌو اثر قبول ڪيو آهي، جيڪو هڪ فطري امر آهي. اهو اثر قديم شاعرن ۾ شاهہ ڪريم جي متي آيل بيت ۾ ضمير مشترڪ 'پنهنجو' بدران 'پانجو' آيل آهي جو لاڙي تلفظ آهي (6).

شاهہ ڪريم جي ڪلام ۾ فعلن جي استعمال ۾ لاڙي تلفظ ۽ مقامي لفظن جا مثال موجود آهن:

مُٺ ڀيڙائي ڀلي، جي اُپٽي تہ واءُ،
جي پڌر وڃ ڳالهڙي، تہ چڏي وڃي ساءُ (7).

مصدر ڪولڻ بدران اُپٽڻ مان اُپٽي ڪري آندو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ضمير استفهام ۾ ڇو بدران ڪو يا ڪوه جو استعمال عام آهي. شاهه لطيف جي ڪلام ڪانسواءِ لاڙ جي شاعرن وٽ بہ ڪوه جو استعمال موجود آهي. شاهه صاحب تہ ڪٿي ڇا جي معنيٰ ۾ بہ ڪوه ڪم آندو آهي. 'رهڻيءَ رهيو نہ سپرين تہ ڪهڻيءَ ڪبو ڪوه'. اهڙيءَ طرح شاهه ڪريم 'ڇو' جي معنيٰ ۾ 'ڪوه' هيئن ڪم آڻي ٿو:

وَرَ وسري تہ ڪوه، ور نہ وسريوس،
ڪونہ چوندو ڪڏهن، تہ اڱڻ اونڏائوس (8).

(ڪريم)

لاڙ ۾ هڪ لال ملوڪ شاعر ۽ درويش جنم ورتو. هي لال آهي سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو. سندس ڪلام نهايت ڳوڙهو ۽ معنيٰ جي موتين ۾ جڙيل آهي. لفظن جي ڪا ڳالهہ نہ آهي. سندس ڪلام مان هڪ بيت ۾ جانسي ۽ تانسين جو استعمال لاڙ ۾ عام گفتگو ۾ اچي ٿو:

تانسين تون نہ فقير، جانسين سانگ سسيءَ جو
ماڻيو تن ملير، جن جسو مال مباح ڪيو. (9)

موجوده صديءَ ۾ جيڪو عالم ۽ شاعر لاڙ جي سنڌ ۾ سڃاڻپ ۾ پيو سو مولوي حاجي احمد ملاح هو. هُو احمد ملاح (وفات 1969. 07. 19) جي نالي سان هنڌين ماڳين مشهور ٿي ويو. معرفة الالله، بياض احمد، ديوان احمد، غزليات احمد ۽ فتح لنواري توڙي ٻين ڪتابن ۽ عام مقبوليت توڙي شعر جي اثر ڪري نشانبر هو. مٿان جو وري قرآن ڪريم جو سنڌي شعر ۾ ترجمو ڪيائين، تنهن سندس ذات ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. اُهو ترجمو 'نُور القرآن' جي نالي سان ڇپيو. نور القرآن پهرين ارباب الله جُڙيي جي طرفان ڇپيو پيو ڇاپو مهراڻ آرٽس ڪائونسل

حيدرآباد 1978ع ۾ شايع ڪيو ۽ ٽيون سعودي حڪومت سهڻي انتظام ۽ اهتمام سان شايع ڪيو آهي. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن، احمد ملاح جي هِن ڪاوش ۾ لاڙجي زبان بابت لکن ٿا:

"هن ترجمي ۾ سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي جي سنڌي لفظن جو ڇوليون ڏيندڙ درياءُ سمايل آهي-(10).

هڪ شاعر جي حيثيت سان به مولوي احمد ملاح اڳ ۾ لاڙ جي زبان جي استعمال جو نه رڳو مظاهرو ڪري چڪو هو بلڪ سڄي لاڙجي اُسرندڙ شاعرن تي اثر وجهي چڪو هو. قرآن مجيد جي ترجمي ۾ بيت، مت ۽ ٻين شعري صنفن ۾ مولوي صاحب پاڻ موڪيو ۽ هن ذميداريءَ کي نهايت خوبيءَ سان نباهيو بسم الله جو هيٺن ترجمو ڪري ٿو:

اول نام الله جو، جو ڏيندڙ ڏيهه ساري،
ڏيئي نه پڇاري، مڙنيان مهربان گهڻو (11).

بسم الله جا ٻين ٻين لفظن سان به ترجما ڪيا اٿس. هتي ڏيئي نه پڇاري ۾ چوٿي آندي اٿس ۽ مڙنيان (سيني کان) ۾ لاڙجو لفظ 'مڙني کان' بدران جمع جي صيغي ۾ ڪم آندو اٿس. ضمير حاضر يا مخاطب جا مثال چِٽا آهن. لاڙ ۾ اوهان، اوهين، اوهان جو ۽ اوهان کي، چوڻ بدران آن، آئين، آنجو ۽ آنکي چئبو آهي. مولوي احمد ملاح قرآن جي ترجمي توڙي ٻئي ڪلام ۾ ضمير مُخاطب جون اِهي صورتون ڪم آنديون آهن- مثال:

ماڳ ڏينداسون ملڪ ۾ آن کي اُن کان پوءِ (12).
آن کي پنهنجون آيتون، تو ڏيکاري ڏاتار (13).
اِنهيان پوءِ اوهان جا، ٿيا قلب وري ڪلو (14).

آس آهنجي واس جي احمد ڦري ٿو آسپاس
جٿن ڦرن پوٿر ڦل تي جٿن ملين تيٿن مل مِٿا (15).

فعل پيڻ اوهان پيتو کي ماضيءَ جي صورت ۾ پيتان چوي ٿو:

گهوٽ گهر پيتان گهڻا ڏينهن شوق سان شربت گلاب،
جلد جاني جام ڪوثر تي اچي جيڪو اچي (16).

اهڙي ريت اِڳ بجاءِ لاڙ ۾ مهند (يا ماند) ڪم آڻجي ٿو. مولوي صاحب به مهند گهڻو استعمال ڪيو آهي:

رکو روزا ته ميوا مهند ماڻيو
اَٿان دعوت سندي درٻار جاڳو (17).

لاڙي محاوري ۾ وَجهه (موقعو Chance) بجاءِ ٻُل ۽ هانءَ (دل) بدران هِنيون ڪم اچي ٿو. اُن جا احمد ملاح جي ڪلام ۾ ڪئين مثال موجود آهن. ٻه هي آهن:

گُلَ گهڻا ڏينهن ٿُنهنجي گلشن ۾ ڪنڊا ڪاڏم قريب،
ساڻ بلبل ڪنهن به ٻُلَ تي جٿن ملين تٿن مل مٿا (18).

--

چؤسرو چوٿو چنڊن جو چشم چنبن جٿن چُين،
باز بحري کي ڏنم، پر ۾ بيهي ٻُل واهه جو (19).

--

هنيون ساري حبيبن کي ڪڏهن ملبو قريبن کي،
عرض احمد عجيبن کي، ته لائن لال خدمت ۾ (20).

لاڙي محاوري ۾ توکان بجاءِ توڪنان جو استعمال ٿئي ٿو:

سُڪَ کان دُک توڪنان، تڪڙو گهرن تڪرار،

سوره رحمن جو نهايت خوبصورت ترجمو ڪندي، مولوي صاحب (فَبِاَيِ الاَءِ رَبِكُمَا تُكَذِبن) سنڌي ترجمو هن ريت ڪيو آهي:

پوءِ اُن ڏينهن ڪنان ڪنهن جن انسان
بابت سندس بڌين بيان۔
مُور نہ پڇبو منجهہ ميدان
پوءِ ڏٺيءَ پنهنجي جا ڪهڙا دان!
جُوٺ چئو اي جِن انسان (21).

فقط نُور القرآن جي ترجمي جي سونهن تي لکڻ لاءِ دفتر کپن. ٻئي طرف مولوي احمد ملاح جي ٻئي ڪلام جي حُسن ۽ اُن جي اثر جو بہ هڪ ڊگهو داستان آهي. اثر جي لحاظ کان هُو لاڙ جي شاعريءَ جو بہ بي تاج بادشاهہ آهي.

لاڙ جو هڪ ٻيو مقبول شاعر پير پاون علي شاهہ ساقي هو. سندس مناجات ۽ ٻيو ڪلام ماستر محمد سومار شيخ شايع ڪيو هو. ساقيءَ جو عروضي ڪلام نهايت پختو ۽ بلند پايي جو آهي. هو بہ ضمير مخاطب جو استعمال لاڙ جي عام اُچار موجب ڪري ٿو.

ج۔ جانب ڪيو خدا آنکي نبين جو سرتاج.
تُنهنجي سر کي ٿيو عطا پيغمبريءَ جو شاهہ تاج (22).

ساقيءَ جو دل گهريو دوست ۽ مريد فقير پير بخش فاروقي (1314۔ 1371هہ) هو. هن وقت سندس اولاد بدين ويجهو فاروق آباد ۾ رهي ٿو. هُو دلريش تخلص ڪندو هو. مجاز کان حقيقت کي رسيو. فقيرانہ لباس پائيندو هو. سندس ڪليات بہ اڪثر ضمير مخاطب ۾ لاڙوارو عام تلفظ آهي. چوي ٿو:

پيئي پاڙي اچي تنهنجي،
اجهي اولي آهيان آهنجي (23).

دلريش جا صوفيانہ ۽ عاشقانہ ڪلام ڪافيءَ جي عام انداز ۾ رچيل آهن. هُو لاڙ جو هڪ مقتدر بزرگ ۽ شاعر هو. سندس ڪلام اُن ڳالهہ جي پوري ساک ڀري ٿو.

**سانوڻ فقير:** عوامي شاعريءَ ۾ سانوڻ وانگر ٻيا بہ ڪيترا شاعر ۽ سگهڙ آهن، جن نہ رڳو لاڙ جي ٻوليءَ ۾ ڪلام چيو پر سنڌ ملوڪ شاعر هئا. سانوڻ هڪ جولاني طبيعت جو شاعر هو. سورن جو سانوڻ چئي، جي آواز ۾ سچ پچ سورن جا داستان هئا. اندازاً هن صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي ۾ گذاري ويو. زبان سان گڏ ثقافت جي چاشني ۽ جذبات جي پُرڪاري شعر ۾ جو تسلسل پيدا ڪيو آهي، تنهن جو مثال ورلي ليندو.

اڏ لوئيءَ جو انگ تي، اڏ ڪري نہ چاڻان،
ساڳين سنگهارن کي، آءُ صحيح سُڃاڻان،
ساڳين سنگهارن جا، آهن واريءَ وِڇاڻان،
ساڳين سنگهارن جا، آهن ٽر متي ٽاڻان،
ساڳين سنگهارن جا، آهن پِٽن متي پاڻان،
ويڙهيچن وسائيا، پٻ بہ پراڻان،
مون ڏي مارن موڪليا، سلام ساڳوٽان،
مون ڏي مارن موڪليا، پيرون پُراڻان،
مون ڏي مارن موڪليا، ڪي دعا سندا داڻان،
سُورَ تني جا سانوڻ چئي، منهنجي ساهہ کي سيباڻان،
مون کي ماٺناڻان، سُور نہ وسرن سومرا.

--

پنهونءَ مون کي پرٽجي، لاٿي جَتَ جُکي،
مهند هسي ماٺن ۾، سورن کان سُکي،

ڪاڪيون ڪو نہ پرايم، آهيان ڏينهون ڏينهن ڏکي،
ڪانڌ بنا ڪفن ۾ آءُ رلي تيس رکي،
حيف منهنجي حال کي، ڏيرن آءُ نہ ڏکي،
سورن ۾ سانوڻ چئي، پيا داڳ دکي،
پنيوران بکي، شال ڪيچ ڏي ڪام وجي.
آءُ گٻو آءُ گولاڙو آءُ بي پٽو آءُ بي پاڙو
من جي مرادن کي، آءُ ڪريان ڪچاڙو
آهيان هٿين خالي مون وٽ، پتو نڪي پاڙو
ڏسي دؤر دنيا جا، مون کي سرس لڳو ساڙو
هيءَ حد چڏي هُن حد ۾، مون ڏن ڏسي هنيون ڏاڙو
صوفيءَ جو سانوڻ چئي، لٿو من تان مونجهارو
جڏهن ٽُرندو ٽُراڙو تڏهن پوندي سڏ سچائيءَ جي (24).

سانوڻ فقير ڪانسواءِ مولا بخش خاصخيلي، ڄام خان چانڊيو الله بچايو رند ۽ ٻيا ڪيترا لوڪ رس شاعر ٿيا. ٻيلي جي شاعرن شيخ ابراهيم ۽ سنڌ جي ڪبير شاهہ توڙي ٻين هي وکر وهايو ۽ نالو ڪيڍيائون. سانوڻ وٽ بہ هن تنوار جا ڪئين مثال آهن. خرار مان نموني خاطر هڪ مٺ ڪنئي.

لاڙ جي شاعرن ۾ شيخ الله بچايو هڪ گمنام شاعر هو. سندس ڪلام سندس فرزند محمد سومار شيخ جي وسيلي شايع ٿيو. خود محمد سومار شيخ سنو شاعر هو. هُن جي جذبن جي اُتل شعرن ۾ موجود آهي. عجب جهڙي ڳالهہ آهي جو هُوان اُتل کي روڪي لاڙ جي تاريخ، ثقافت ۽ ادب تي لکڻ لڳو. لاڙ جون وٿون گڏ ڪري لاڙ ميوزيم جو بنياد وڌائين. هي پيءُ- پٽ ڪڇ جي رڻ جي ڪناري- ۽ اولهہ ۾ سمنڊ جي ڪناري ڪرهٽي پانڌاري جا رهاڪو هئا. اُتان لڏي اچي بدين شهر ۾ وينا. اِن ۾

ٻہ ڪا حڪمت هئي. محمد سومار ماستر ٿيو ۽ سوين ڪتاب لکيائين. سندس والد الله بچايو زندگيءَ جي جدوجهد ۾ لڳي ويو. الله بچائي شيخ جو ڪلام سندس فرزند محمد سومار شيخ، 'ڪليات الله بچايو شيخ' جي عنوان سان شايع ڪري ڪلام کي محفوظ ڪيو. الله بچايو شيخ (1878ع ـ 1962ع) سادن، گفتن سان پنهنجن جذبن کي ظاهر ڪري ٿو. ڪن واقعاتي ڪلامن جو خالق آهي:

مهاڻي ڏسي مرشد کي، هوش وڃايا هڏ،
ڪٿين پر نہ قبول پيا، اُن سڏڙئي جا سڏ،
ڏند سيڪڙ لڳي، ڪري پيئي ۾ ڪڏ،
سينن ڪيس سڏ، پر جواب جُڙيو ڪينڪي.

--

مار ڏڙهي جي مار ڪيڊ ڏڙهي کي ماريان،
ڏهي ڏڙهو مون هٿ ۾، پوءِ ويريءَ کي ڇٽو وار،
مون ڏي ڪِيم نهار ڏس ڏڙهي کي ڏول ۾. (25)

پهرئين بيت ۾ لفظ ڏند سيڪڙ جي معنيٰ عجب کان ڏندڻجي وڃڻ ۽ هوش وڃائڻ آهي. 'سيني' بجاءِ 'سينن' ۽ 'مليو' بدران 'جُڙيو' لکيو اٿس ۽ ٻئي بيت ۾ ڏڙهي (بال ـ Ball) جو ذڪر ڪيو اٿس. شاعر جي ڪلام ۾ سگهڙ پائيءَ وارو انداز آهي. پيءُ جي مقابلي ۾ محمد سومار وٽ ڪو وقت جذبات جو اُڀار بيمثل رهيو. سندس ٻن مجموعن ڄرائيس ڄيري ۽ دوها ۽ دونهان ۾ سچ ٻہ برهہ جي باهہ. ڄيرو ۽ پسم تيل وجود مان دونهون اُٿندو محسوس ٿيو. "ندي ڪناري دونهان اُنت هي" وارو معاملو آهي:

هڪ هڪ ساعت سال ٿو، پانيان صدي گهڙيءَ کي سمجهان
هليو آءُ روح جا راڻا، منٿ نہ هڪ 'ڪمجان' (26).

'ڪمڻ' جي معنيٰ صبر ڪرڻ ۽ ترسڻ بہ آهي. 'ڪم ڪمندن ڪنيو هارايو هُوڙن' (لطيف). اهڙي ريت وارا ڏارا (وارا ڇمارا) چوٽي هيٺن ڪم آٽي ٿو:

ڪارا ڪئين ملڙا ٿيئڙا، ملڙا ڪئين ٿيا ڪارا،
شايد دنيا ۾ اي ساجن، آهِنِ وارا ڏارا (27).

'ملڙا' ۽ 'ٿيئڙا' اُتر جي انداز ۾ ڪم آٽي ٿو تہ 'آهن' ڪي لاڙي محاوري ۾ 'آهين' ڪري استعمال ڪري ٿو. پنهنجي ورثي ڪي 'شان' چوي ٿو:

نڪي ٺاهيم آيتون، نڪي ڪو قرآن،
پر پنهنجو شان، مون بيتن ۾ بندي ڇڏيو. (28)

ڀهاڪو 'لوڪ آهي ٻوڪ' هڪ طويل نظم ۾ هيٺن ڪم آٽي ٿو:

لوڪ آهي ٻوڪ پيارا،
ڏيڪ سدا پيو ڏيندو،
پنهنجي پيار جو دريا مصري،
ڇوليون هٽندو رهندو. (29)

ضمير مخاطب ۾ اوهين بدران آئين چوڻ لاڙ ۾ عام آهي. محمد سومار سنڌ مان لڏي ويل ڏيهين ڪي پرڏيهہ وڃڻ تي ياد ڪري ٿو:

اڇو آئين ديس ۾، ديس ٿيو مڏاں،
پنهنجا پنهنجا پار اڪيلا ٿي اوريون (30).

محمد سومار شيخ جي دوهن جا دونهان ۽ عشق جا اُلا ۽ ڇيرا لاڙ جي وٿن جي تلاش ۾ تبديل ٿي ويا ۽ هِن سلسلي ۾ چار سؤ ڪتاب لکيا. جن مان اڃا ڪيترا ڪيٽن ۾ بند آهن ۽ اشاعت جي انتظار ۾ آهن.

بزرگ شاعر محمد خان مجيدي قومي شاعر آهي، هُن قوم ۽ سماج لاءِ گهڻو ڪجهه لکيو آهي ۽ ننڍين ٽُڪن جي استعمال ۽ ورجاءُ سان روحاني ماحول قائم ڪري ٿو ڇڏي سندس نعت مان هڪ بند پيش ڪريان ٿو:

جِت هو جاري رنگ رباب،
شربت وانگر شوق شراب،
فرق نه هو ڪو ڏوهه ثواب،
نينهن نزاڪت هئي ناياب،
واڄٽ واڄا باجو بين،
ڏُڪڙ ڏاڄا ڏڙ ڏڙ ڏين،
تنهن دم آيو مرسل چام،
پاريا ازلي تنهن انجام. (31)

مجيدي صاحب جي نياڻي مريم مجيدي هڪ شاعره جي حيثيت سان پاڻ مڃائي چڪي آهي. هُن جو مجموعو 'سُروم ڏکم ڏکم' آهي. هُن جو ڪلام پختو آهي ۽ اندازِ بيان ۾ لاڙ جو رنگ اٿس ٻه شعر عرض رکان ٿو:

ڪلا ننگر جو هر ڪو گُونڌر،
ڪُوڙَ ڪڙايو پيري پرڪي.

--

جُوءِ ۾ ڪنهن تي جُوڙي ڪٺجي،
هر ڪنهن هٽ جا گهايل آهيون. (32)

ابراهيم منشي هڪ وڏو قومي شاعر ۽ سجاڳ دانشور آهي. سندس ڪلام ۾ لاڙ جو رنگ نمايان آهي. زبان ۽ بيان جو زور سندس ڪلام جي خوبي آهي. سندس ڪلام ۾ اهڙا ڪئين مثال آهن، جن

مان چونڊ ڪري سگهجي ٿي. هتي سندس نظم مان نموني طور هڪ شعر حاضر آهي. هتي شاعر بخار بدران 'ٻرو' لفظ ڪم آندو آهي:

ٻاٻاڻن جا ٻار 'ٻري' ۾ ڪير ٻڏائي ٻرندا ڪيسين،
جوٽ مٽي هن جيجل جا ڳاڙها ڳوڙها ڳڙندا ڪيسين. (33)

قومي شاعرن ۾ سرويچ سجاولي (ولادت 1937ع) وڏي وٿ آهي. ڇا سندس جذبو ڇا سندس ٻوليءَ تي گرفت ۽ ڇا سندس ماروئڙن سان محبت، ڪنهن پهلوءَ ۾ ڪمي ناهي. مطلب ته سرويچ سنڌ جو وڏو شاعر آهي. سندس فن ۽ فڪر تي تفصيل سان لکڻ جي ضرورت آهي. سندس مجموعو 'آليون اکيون اٿيار وار' اُن ڳالهه جو گواهه آهي، پر سرويچ جي قومي نظم 'ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون' ته اهڙي اُٿل آندي آهي. جڻ مٿي مهراڻ جي اُٿل هجي. نه رُڳو ايترو پر سرويچ جي ڪلام ۾ فطري زبان جو زور ۽ بيان جو حسن آهي. ڪهڙا مثال ونبي ڪهڙا مثال ونجن! سنڌ جا سانگيئڙا ڏينهن رات سورن ۾ آهن. اِن صورتحال کي سرويچ هڪ چوٽيءَ 'سُورَ چرڻ' جي استعمال سان بيان ڪيو آهي:

سانگيئڙا هي ساٿيئڙا هي، سارو ڏينهن ڏک سُور،
ڳُلتيءَ ڳوهيل ڳوناٺا تا ڳاراٽي ۾ روز ڳرن چرن. (34).

مارو ماٺهن جا پونگا ۽ منهه، چوڙيلين جا چاڳ، آن چڙڻ ۽ ڪير ولوڙڻ جا منظر، مکڻ ۽ ڏُڌَ جا ڪينجهر، اِهي سڀ سرويچ جا ساهه سيباڻان آهن. اُنهن جي وٽڻ جو بيان هيئن ڪري ٿو:

تُنهنجي مارن جا ته مون کي تا مَنهہَ ميرا وٽن،
تنهنجي چوڙيلين سنديون چُلهيون وٽن جڙنرا وٽن،
نِگهہَ وٽي اُنڻ وٽي نيٽو وٽي نهرا وٽن،
مَنِ وٽي ماٽي وٽي هنڌيءَ سندا ڦيرا وٽن،

ڏڏ ۾ ڏونرو وڻي مکڻ سندا ٿيرا وڻن،
پِس پُسيون پيرون پِپون ۾ ڏٽ وڻي ڏؤنرا وڻن،
ٿنهنجي هر هڪ چيز چوکي چاڳ وارن جا وطن،
تو مثان صدقي وڃان سانگين سنگهارن جا وطن،
دولهہ ڏلارن جا وطن آءٌ تو مثان صدقي وڃان. (35).

سرويچ جي ڳالهہ فقط ايتري ناهي، سندس نظم "ٿئي ڪنڏيون مهراڻ" جون جو واس وڻڻ سان پُورو اندازو لڳائي سگهبو تہ شاعر ڪيتري فني ۽ فڪري بُلنديءَ تي آهي:

وه واه هي منهنجو وطن، چارئي ڪُنڊون جنهن جون چمن،
سَوَ سَوَ منجهس پوکون پچن، واهڙ وسيون جنهن جون وسن،
ماڻهو جتي جا محبتي، سورهيہ سگهارا صحبتي،
سڀ مرد مايون محنتي ۽ قول جن جا قيمتي،
ويهي رڳو واکاڻجن، ٻيلا ٻنيون مهراڻ جون،
جنتُ الفردوس آهن، ٿئي ڪنڏيون مهراڻ جون.
جِت جيڏڙيون جنسار ڪن، سَتَ سَتَ رنگا سينگار ڪن،
هٽ منهن ڏوئي هسهار ڪن، تان گس گهٽيون گلزار ڪن،
جلوا ٿا پسجن جُو بہ جُو سرهاڻيون پن سُو بہ سُو
درشن ٿين جي ڏُو بہ ڏُو تان چٽڪ حُورون هُوبهو
سُبحانہٗ سُبحانہٗ! سي سوڍيون مهراڻ جون،
جنتُ الفردوس آهن ٿئي ڪنڏيون مهراڻ جون،
سُرما وجهي ڏيئي ڦٽيون، پاٽي پرڻ لاءِ پدمڻيون،
گڏجي هلن پنج ست جٽيون 'هيڏن ڪنڏن سان' ڪامڻيون،
ڪن کي نٿون ڪن کي ويندڙا، سِرَ تي سمورين سينهڙا،
گجرن پريا پاڻيءَ گهڙا، ڪن ڪڇَ تي ڪن ٻيلهڙا،

هُو لاڏ مان لُڏنديون اچن، ڏس لاڏليون مهراڻ جون،
جنت الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.
جي ٻوليون تن جون ٻُرن، تا چنگ ڪر چالُن چُرن،
يا ساز ڪنهن تي هٿ سُرن، يا روه تان برفون ٻُرن،
يا گيت ڪو ٻيو ڳائجي، يا وائي ٻئي ورجائجي،
يا لهر ٻئي ٽڪرائجي، يا ڪنوار ٻئي پرڻائجي،
يا چيٽ ۾ چُڻ پُڻ ٿيون ڪن، اڄ چاڳليون مهراڻ جون،
جنتُ الفردوس آهن ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.
خوش ٿي ڪٽيريون جي ڪِلن، تان ماڻڪن جا مَڻ مِلن،
جي ٽول پائي ٿيون ٽلِن، تان ساڙ ۾ ڊيلون ڄَلن،
هُو ديس تان گهوريون گهُمن، ۽ مُلڪ جي مِٽي چُمن،
هُو ديس جي خاطر جيئن ۽ ديس جي خاطر ڄمن،
شل جيئنديون ٻئي ڄُڳ رهن، هي جوڙيون مهراڻ جون،
جنتُ الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.
ڳيرو اُچن ڳاٽن سان جِتِ، ڏوٽي اُين ڏاٽن سان جِتِ،
گهوتيا گهُمن گهاٽن سان جِتِ، ۽ گهوٽ گهوٻاٽن سان جِتِ،
اوڊيو گهُمن سي آجرڪون، توبين تي موتي ۽ ٽِڪون،
ڇا ٻت بدن جون ٻيهڪون، تا سرو جون لاهن سِڪون،
اهڙا ٻچا اڄ ٻي ڄڻين، اڪثر اُميدن ٻِهراڻ جون،
جنتُ الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.
جن جا جنگي ۽ جوان پُٽَ، ڳاڙها جيها حُلواڻ پُٽَ،
رانديون ڪُڏن، رَتَ ساڻ پُٽَ، سرويچ سَرواڻ پُٽَ،
هڪ هڪ سندا هيڏا جگر، هڪ هڪ ڇڏي توڙي ٽَڪر،
هڪ هڪ اٽئي سيني سَپر، هڪ هڪ ڪري ڇيهون ڇپر،

هڪ هڪ سنڌي مستيءَ ۾ ڏس، تون مستيون مهراڻ جون،
جنتُ الفردوس آهن، پٺي ڪنڌيون مهراڻ جون. (36)

جيئن مٿي مولوي احمد ملاح جي سلسلي ۾ عرض ڪيو اٿم ته لاڙ جي شاعرن احمد ملاح جو اثر گھڻو ورتو آهي ۽ مون هتي فقط چند شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي. نه ته ٻيا به ڪي شاعر آهن، جن هيءَ وڪر وهايو آهي. شاعرن جي ڪلام ۾ لاڙي محاوري سان گڏ ڪن ٻهاڪن ۽ چوڻين جو ذڪر ڪري سگھيو آهيان. اُنهن جو تعداد گھڻ آهي ۽ تعلق سڄي سنڌ سان اٿن. فقط لاڙ سان نه اٿن. هيءَ موضوع تي هڪ مختصر جائزو آهي.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون

1. آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ'، سنڌي ادبي بورڊ (چوٿون ڇاپو 1993ع)

ڀيرومل لاڙ جي حد بنديءَ بابت لکي ٿو: 'سنڌ جو ڏاکڻو پاڱو جو وچولي جي هيٺان آهي ۽ وچي سمنڊ سان لڳو آهي، سو لاڙ سڏجي ٿو. لاڙ جا ٻه پاڱا آهن. هڪڙو حيدرآباد ضلعي وارو لاڙ جو بدين ۽ ٽنڊي باگي کان وينديءَ بلڙي شريف تعلقي گونيءَ تائين آهي. اتان ڪوهه ڏيڍ پري ميرپور بٺوري تعلقي جي جهوڪ شريف (ميرانپور) ۾ شاهه عنايت صوفيءَ جي درگاهه آهي. انهن ٻن نامور درگاهن جي وچ کان وٺي ڪراچي ضلعي جو سمورو ڏاکڻو پاڱو جو ڪيٽي بندر ۽ ڪراچيءَ طرف لڙي اچي سمنڊ سان لڳو آهي، سو ڪراچي ضلعي وارو لاڙ آهي.' _ (ص_ 121).

هاڻي اهو لاڙ ڪراچي ۽ حيدرآباد ضلعن بدران ٺٽي ۽ بدين ضلعن تي مشتمل آهي. ڀيرومل جي ڪيل اشاري واري ڪراچي ڏکڻ جي ايراضيءَ تي حافظ حبيب سنڌيءَ پنهنجو ڪتاب 'ماجر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي'، لکيو آهي، جو 1994ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري شايع ڪيو آهي.

2. ڏسو 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ'، سنڌي ادبي بورڊ، ص 121 _139.
3. Jones. D. An outlines of English Phonetics W. Heffer & Sons, Cambridge, 1961, P-11
4. Blooml filed, L. Language, Allen & Unwin London, 1961, P-345.
5. Hockett, C.F. a course in modern linguistics Macmillan & Co New York, 1960 P-321.
6. لاڙي محاوري جي ترجماني ڪندڙ ڪي بيت يا سٽون مون پنهنجي ڪتاب 'لاڙ جي لغات' جي سرورق تي ڏنا هئا، اُنهن مان ڪي هي آهن:

ڪڏيون ۽ ڪروتون، ايءَ پڻ سگر ٽوڪ (ڪريم)

واٽون ويهه ٿيون، ڪهه جاڻان ڪيهي ويا (شاهه)

ڪي ڏينا ڪي ڏاريون ڪي ٻن ڪي پاندور (سانوڻ)

ٻر هيون ٻهگڻ ٻنگاريون، واهه قدرت رب ڪريم (احمد ملاح)

(ڏسو لاڙ جي لغات 1975ع سرورق)

7. دائود پوٽو عمر بن محمد (ڊاڪٽر)، 'شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام'، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ٻيو ڇاپو 1977ع، ص 52.
8. ايضاً۔53
9. 'متن ابيات سنڌي'، ناشر انتظاميا جماعت لنواري شريف 1976ع، ص 19.
10. احمد ملاح. 'نُور القرآن'، مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد 1978ع ص 5 (مقدمو)
11. ايضاً۔ ص 2
12. ايضاً۔ ص 315
13. ايضاً۔ ص 14
14. ايضاً۔ ص 14
15. مرحوم محمد صديق. 'غزليات احمد'، احمد ملاح پبليڪيشن بدين، 1972ع، ص 30.
16. احمد ملاح. 'فتح لنواري'، ميان رحمت الله گراٽو بدين، 1357 هه، ص 3.
17. احمد ملاح. 'بياض احمد'، غفور ايجنسي بدين، 1982ع ص 100.
18. احمد ملاح. 'ديوان احمد' حيدري پريس حيدرآباد 1974ع ص 7.
19. ايضاً۔ ص 252
20. ايضاً۔ ص 188.
21. نُور القرآن۔ ص 690.
22. محمد سومار شيخ 'ڪلام پير پارن علي شاهه ساقي'، بدين پريس بدين 1972ع ص 22.
23. محمد سومار شيخ ڪليات فاروقي، جيلاني پبليڪيشن بدين، 1958ع، ص 36.
24. بلوچ، نبي بخش خان. 'نڙ جا بيت'، سنڌي ادبي بورڊ، 1970ع ص ص 8 ۔ 44 ۔ 98.
[نوٽ: بيت پهرئين جي قافين ۾ 'ن' مون وڌائي آهي. بيت ٽئين ۾ 'بي پتو' بجاءِ 'بي پٽو' لکيو اٿم. مون کي جيڪا نڙ پارڙي جي معنيٰ ۾ اچي ٿو. جيئن سومرن جا ٻه پٽ ٿا ڄاڻجن. هڪڙا سنڌي پٽ جا ۽ ٻيا ڪڇي پٽ جا. بدين ۾ گهڻا ڪڇي پٽ جا سومرا آهن.]
25. محمد سومار شيخ. 'ڪليات الله بچايو شيخ' ادبي محفل بدين، ص 33 ۽ 32 (ٻاگو ٻيو) 32.
26. محمد سومار شيخ. 'دوها ۽ دونهان'، لاڙ ادبي سوسائٽي بدين 1974ع ص 21.
27. ايضاً۔ ص 55.

28. محمد سومار شيخ. 'جراتيس چيري'، لاڙادبي سوسائٽي بدين، 1972ع، ص 11.
29. ايضاً ـ نظم خيال ص 8.
30. محمد سومار شيخ. 'پرڏيهين ڏانهن پيغام'، جيلاني پبليڪيشن بدين، ص 18.
31. مجيدي، محمد خان. 'سماهي مهراڻ سيرت نمبر'، سنڌي ادبي بورڊ 3ـ 1980/4ع ص 500.
32. مجيدي، مريم. 'سرومر ڏکمر ڏکمر'، چانڊاڻ پبليڪيشن سجاول، 1986ع ص ص 5ـ48.
33. ابراهيم منشي. 'سماهي مهراڻ'، سنڌي ادبي بورڊ 1ـ1972ع ص 31.
34. سرويچ سجاولي. 'سماهي مهراڻ'، سنڌي ادبي بورڊ، شاعر نمبر (ٻيو ڇاپو 1990ع) ص 551.
35. سرويچ سجاولي. 'آليون اکيون اٿيا وار'، لاڙ پبليڪيشن سجاول، 1972ع، ص 4.
36. سرويچ سجاولي. 'سماهي مهراڻ'، سنڌي ادبي بورڊ 3ـ1974ع ص 33ـ34.
[نوٽ: نظم جي ڇهين بند ۾ 'سرءُ' ڇپيل آهي. مون اُن جي املا بدلائي آهي. حقيقت ۾ هيءَ سروڻ آهي]

['زنبيل' تان ورتل]

# لاڙي ۽ اترادي لهجي جو تقابلي جائزو

ڊاڪٽر غفور ميمڻ

سنڌ جي لساني جاگرافي جا ٻه اهم حصا آهن. 1. لاڙ 2. اتر، باقي ٿر، وچولو ۽ ڪوهستان انهن ئي ٻنهي حصن سان لاڳاپيل آهن. هونءَ تہ عام طور سان چيو ويندو آهي "ٻارهين ڪوهہ ٻولي ٻي" مطلب تہ وڇوٽيون فرق کي جنم ڏين ٿيون. هونءَ بہ ڪائنات جي هر شيءِ هڪ اڪائي آهي، اهي اڪائيون گڏجي وحدت کي جنم ڏين ٿيون، ايئن ئي سنڌي ٻولي مختلف لهجن ۽ محاورن (sub dialects) گڏجي ٺهي ٿي.

## لاڙ جون لساني حدون:

لاڙ جو خطو ٽنڊي محمد خان کان شروع ٿي ٺٽي تائين، بدين کان ڪاري ڇاڻ تائين دنگ ڪري ٿو. هن خطي ۾ سجاول، ميرپور بٺورو، دڙو، ٻنون، جهرڪ، ڪينجهر، ٺٽو، گهارو، ساڪرو، ڪاروڇاڻ، ملاڪاتيار، گولاڙچي، ماتلي، ٽنڊو باگو ڏندو، جاتي ۽ چوهڙ جمالي شامل آهن. حافظ حبيب سنڌي مطابق "لاڙ جو مرڪز ٺٽو ضلعو آهي، جيڪو وري ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. درياهہ جو ساڄو ڪپ ۽ کاٻو ڪپ. ساڄي ڪپ وارن علائقن ۾ سجاول سب ڊويزن کي ماڇر جو علائقو بہ سڏيو ويندو آهي، جيڪو ڪينجهر کان ٻنون، دڙي کان جاتي تائين ماڇر آهي. لفظ ماڇر، ماڱر مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي چار رکندڙ مهاڻو اصل ۾ هي مهاڻن جو علائقو آهي." (1) بلڪ ايئن چئجي تہ هن علائقي جا اصل باشندا مهاڻا آهن. اڄ ڏينهن تائين ماڇر جا مهاڻا ۽ سندس گاريون مشهور آهن. اڄ بہ لاڙ ۾ مهاڻن جون

ڪيتريون ئي ذاتيون موجود آهن. انهن وٽ سنڌ جي ثقافت اصلي صورت ۾ موجود آهي. ٿنڊي محمد خان کان پوءِ وچولي جون حدون شروع ٿين ٿيون حيدرآباد. مٽياري، هالا، ميرپورخاص ۽ سانگهڙ تائين وچولي جون حدون آهن.

## اتر جون لساني حدون:

دادو کان جيڪب آباد، ٺل تائين ۽ هيڏانهن وري موري کان سکر تائين اتر جون حدون آهن، لسانيات جا ماهر سئو فيصد حد بنديءَ تي اتفاق نٿا ڪن. هر ڪنهن جون حد بنديءَ متعلق پنهنجو خيال آهي.

ڀيرو مل مطابق "خيرپور رياست، روهڙي، اوباوڙو لاڙڪاڻو جيڪب آباد اتر ۾ اچن ٿا." (2)

ڀيرو مل دادو کي به اتر ۾ قرار ڏئي ٿو پر ساڳيءَ وقت دادو کان ڪوٽڙيءَ جي ايراضيءَ کي وچولو به چوي ٿو. موجوده سنڌي ٻوليءَ جي تحرير ۾ لهجو انگريزن وچولي مان ڪنيو هو جنهن جي منطق اها هئي ته سيني لهجن جون سرحدون وچولي حدن سان ملن ٿيون، ان ڪري سيني لاءِ وچولو لهجو ئي قابل قبول ٿي سگهي ٿو. نه ته ٻي صورت ۾ لهجن جون وڇوٽيون علمي ڪم ۾ به رڪاوٽ بنجن ها.

پروفيسر شيخ محمد فاضل چوي ٿو: "وچولو علائقو اصل ۾ انگريزن جي سياسي قوت هو جي انگريزن جو مرڪز خيرپور ۽ سکر هجي ها ته پوءِ حيدرآباد جي عالمن کان درسي ڪتاب نه لکرائن ها. بلڪ اترادي محاوروئي معياري درجو ماڻي ها." (3)

درحقيقت ڪوبہ هڪ لهجو معياري ٿي نٿو سگهي. معيار مان مراد هتي اهو لهجو آهي جيڪو سيني لهجن لاءِ قابل قبول هجي. اهو

بحث ئي اجايو آهي تہ فلاڻو لهجو صحيح آهي ۽ فلاڻو غلط. فلاڻو پڪو لهجو آهي ۽ فلاڻو ڪچو. اهي جاهلاڻيون ۽ ناسمجهي جون ڳالهيون آهن. باقي هر ماڻهوءَ ۾ قدرتي طور اهو جذبو موجود هوندو آهي تہ هو پنهنجي علائقي جي ۽ پنهنجي لهجي جي تعريف ڪري پر اڪيڊمڪ رويو اهو ناهي. خاص طور سان ريسرچ ۾ جذبن ۽ خواهشن کي پاسيرو رکيو ويندو آهي. پهرين تہ آءٌ اهو چوندس تہ ڪنهن بہ لهجي کي ٻولي چوڻ غلط آهي. جيئن اسان جا عالم اترادي ٻولي، ماڇن، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي، شڪارپور جي ٻولي وغيره نالي ڪتاب لکيا آهن ۽ 'سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري' بہ انهن کي ڇپايو بہ جيئن جو تيئن آهي. اصل ۾ اُتي ٻولي نہ پر لهجو لکڻ گهرجي ها. سيني لهجن جي مرڪزي ٻولي سنڌي آهي.

سنڌيءَ جا ڪيترا ئي لهجا آهن. اسان جي عالمن جي انهن تي هڪ راءِ ناهي، پر عام طور پنج لهجا مڃيا وڃن ٿا.

1. اترادي
2. لاڙي
3. ٿري
4. ڪوهستاني
5. وچولو

انهن لهجن اندر وري ٿوري ٿوري فرق سان ننڍا ننڍا لهجا (sub dialects) آهن. مثال طور: شڪارپوري، ماڇيلو اوباوڙو خيرپوري ۽ لاڙڪاڻي جي لهجي ۾ ٿورو ٿورو فرق هوندو آهي. اهڙيءَ طرح لاڙ ۾ شاهہ ڪريم کان دڙي، ٻني کان سجاول تائين هڪ لهجي جي طرز آهي، پر ٺٽي ۾ وري الڳ لهجي جي طرز موجود آهي. ڪينجهر جي مهاڻن جي ڳالهائڻ جي انداز ۾ وري فرق واضح آهي. ان

ڪانسواءِ ڪوڪڙي، ڀيل، ڪوچڙا، مينگهواڙ ۽ مهاڻن جون ڪجهه ذاتيون وري الڳ الڳ لهجي ۽ طرز مطابق ڳالهائن ٿا.

ٿري لهجي جون حدون عمرڪوٽ کان وٺي ڇيلهار ۽ جيسلمير تائين آهن. ٿر کي ڍٽ به چون ٿا، جنهن جو مطلب ريگستاني علائقو آهي، انهيءَ ڪري ٿري لهجي کي ڍاٽڪي لهجو به سڏيو ويندو آهي. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته ٿري الڳ ۽ ڍاٽڪي الڳ آهي.

اصل ۾ ڍاٽڪي ئي ٿري آهي، باقي جيڪو لهجو اتي ڳالهائجي ٿو اهو لاڙي آهي. ٿر جو اصل لهجو ڍاٽڪي آهي. اڃا به هريجن مارواڙي ڳالهائيندا آهن، جنهن ۾ گجراتي به گاڏڙ آهي. جي.اي گريئرسن جي خيال مطابق: "مارواڙي ۽ سنڌي جو مڪسچر آهي، پر ڍاٽڪي الڳ ٻولي ناهي. هي گجراتي ۽ مارواڙيءَ جي ثقافتي پٽي آهي، سنڌ جي ٻوليءَ ۽ ثقافت جو به مٿس اثر آهي." (4)

اسان ٿر ۽ ڍٽ کي ٻن الڳ الڳ معنائن ۾ ڪونه ٿا وٺون، ٿري کي ئي هندستان ۾ ڍٽ چوندا آهن. ٿريءَ کي ڍاٽي ۽ ٿري لهجي کي ڍاٽڪي چوندا آهن.

ٻئي طرف ڪوهستان جون حدون وري جهمپير، ٿٽي ۽ ڄامشوري کي ڇُهن ٿيون، ٿاڻو بولاخان، ٿاڻو احمد خان، مال ماڙيه گڏاپ، حب، دريچي، سري، مول، ويندي خضدار تائين سڀ علائقا ڪوهستان ۾ اچن ٿا. ڪوهستاني لهجي ۾ وري ٻيا ننڍا لهجا موجود آهن، جيئن چورڪو جدگالي ۽ پارڪو وغيره.

## لاڙي ۽ ترادي لهجي ۾ صوتياتي فرق:

صوتيو ٻوليءَ جي آواز جو علم آهي، جيڪو لفظن ۾ معنوي فرق پيدا ڪري ٿو. لاڙجي لهجي ۾ گهڻن اسمن ۾ "الف" جو اُچار اچي

تي پر اتر ۾ الف جو اُچار ڪاڇي وڃي ٿو. اتر ۾ الف جو صوتيو موجود آهي. اهو استعمال به ٿئي ٿو پر ڪجهه لفظن ۾ اتروارا الف ڪائي وڃن ٿا مثال:

| لاڙي لهجو | اترادي لهجو |
|---|---|
| لوهار | لوهر |
| ڪنيار | ڪنير |
| اڳار | اڱر |
| آچار | آچر |
| پنهوار | پنهور |

اهو ئي الف جو اچار وري ڪجهه ضميرن ۾ اتر ۾ موجود آهي، پر لاڙي ۾ ڪونهي، مثال:

| لاڙي لهجو | اترادي لهجو |
|---|---|
| منهنجو | مانجو |
| ڪٿان | ڪاٿئون |
| ڪئون | ڪيائون |
| چئون | چيائون |
| جتي | جاتي |

ان ڪانسواءِ ڪيترائي اسم جيڪي 'الف' سان شروع ٿين ٿا، انهن تي لاڙ ۾ پيش ڏني ويندي آهي، پر اتر ۾ زبر ڏني ويندي آهي مثال:

| لاڙي | اترادي |
|---|---|
| اُبراهيم | ابراهيم |
| ٻُپهر | ٻپهر |
| عُمران | عمران |

هتي پنجابي ٻوليءَ جو اثر نمايان آهي، ڇو تہ پنجابي ۾ لفظن جي وچ ۾ ۽ ڪٿي شروع ۾ الف جو اچار گهٽ ڪدين. مثال طور:

پنجابي 'جاويد' نہ چوندو بلڪ چوندو 'جويد' ۽ اهڙيءَ طرح 'اسڪول' جي بجاءِ 'سڪول' چوندا آهن. ان کان پوءِ اترادي زبان ۾ 'ر' جو اضافي صوتيو موجود آهي، جيڪو ٽ، ٿ، ڊ ۽ ڍ سان ملائي اُچاريو ويندو آهي، پر لکيو نہ ويندو آهي مثال: پٽ ر کنڍ ر ننڊ ر ٿريو وغيره

## لاڙي ۽ اترادي لهجي ۾ صرفياتي فرق:

ٻوليءَ ۾ لفظن جي جوڙجڪ جي علم کي صرفيو چئبو آهي. لاڙي ۽ اترادي لهجي ۾ هڪ ئي شيءِ کي ٻن مختلف نالن سان سڏيو ويندو آهي مثال:

| لاڙي لهجو | اترادي لهجو |
|---|---|
| ماڪوڙي | ڪيولي |
| مريون | ڪارا مرچ |
| چونٺرا | رانهان |
| پٺاڙ | اڳٽ |
| هڏا | ليڪون |
| ڀونڊو | ٻجو |
| موچڙا | ڪلا |
| نيهان | اونهارو |
| سانڌاٿو | آچار |
| نيهائين | آوي |

اهڙيءَ طرح پيا بہ ڪيترائي لفظ آهن، جيڪي اتر ۾ لاڙ ۾ الڳ الڳ طرح ڳالهايا ۽ اُچاريا ويندا آهن. لاڙ ۾ ماني کي متو بہ چون، جڏهن تہ مڙس کي آهير چون. غسل خاني ۾ استعمال ٿيندڙ لوٽي کي لاڙ ۾ ڪرو چيو ويندو آهي ۽ لوٽو وري پيو آهي. سج جي روشنيءَ جي تپش جا ٽي درجا آهن. ڪاڙهو تڙڪو اس، هلڪي ڦلڪي اُس ٿيندي آهي، سياري جي اس کي تڙڪو چئبو آهي ۽ تيز گرميءَ ۾ ڪاڙهو ٿيندو آهي، پر لاڙ ۾ صرف ڪاڙهو چون، جڏهن تہ اتر ۾ اهي ٽي الڳ الڳ لفظ ڳالهايا ويندا آهن. سارين جي فصل ۾ يا ڍنڍن ۾ جيڪي پاڻيءَ جا ميوا ٿين اهي اتر ۾ گهٽ ٿيندا آهن مثال: ڪمہ ڪوٽيون، لوڙهيون، پوڙ، پابوڙو گند وغيره. هن ۾ لوڙهين ۽ ڪمن جا وري ٻہ قسم آهن. 1. ڪڙال 2. مٺال. هنن سيني شين جو ذڪر شاهہ پنهنجي 'سُر ڪاموڏ' ۾ ڪيو آهي. گهڻن عالمن انهن جون معنائون غلط بہ ڪيون آهن. مثال: تنوير عباسي صاحب گند جي معنيٰ ڪن ڪچرو لکيو آهي. (5) ڪم جي پاڙهہ کي لوڙهہ چئبو آهي، اها جڏهن وڏي پڪي ٿيندي آهي. تہ ان کي گند چئبو آهي ۽ لاڙ ۾ شوق سان کاڌي ويندي آهي. (6)

گند جنين جي گوڏ ۾ پابوڙا پوشاڪ،
انهن جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

يا وري هي شعر ڏسو:

پن پيڻ ڪم ڪوٽيون، ٻهہ ڏوڏا ڏاجون،
نعمت لوڙهہ لطيف چئي، کيڻ مڇي کاڄون.
(سر ڪاموڏ 1/30)

اهڙيءَ طرح لاڙ ۾ سرمي کي سوئيرو چيو ويندو آهي، جنهن جي پڻ اسان جي ڪجهہ عالمن غلط معنيٰ ڪئي آهي. سندن خيال ۾ سوئيرو معنيٰ سٺي کان بہ سنهو آهي. (7)

انهن کانسواءِ ٻيون بہ ڪيتريون شيون آهن جن کان اتر وارا واقف ناهن مثال:

ليار گنپ پت، شعلا ٻلا، سنڌاٽو (ٻاٽي وارو آچار) آري (گجرن جو آچار)

ڏينڊ (ننيڙي مڇي جو قسم) مڪَ (ٻيرون جو هڪ قسم جيڪو چار ۾ ٿيندو آهي، انهيءَ چار ۾ مارچ مهيني ۾ مڪ ٿيندي آهي ۽ جون ۾ وري ٻيرون ٿيندا آهن) اتر ۾ چار ڪونہ ٿئي، ڪبڙ ٿيندي آهي، جنهن ۾ صرف ٻيرون ٿيندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪجهہ ٻيا بہ لفظ آهن جيڪي اتر ۾ نہ سمجهيا ويندا آهن.

مثال: اروڙي (ڪچري جو ڍير) ٻڌ (ننڍو ٽپو) راڦو (مينهن جي گپ چِڪ) لٺي (ڪوئنر)

## مختلف وقتن جا نالا:

| لاڙي | اترادي |
|---|---|
| آسُور | اسر |
| ٻُپهر | منجهند |
| هير | هينئر |

## ضميرن جو فرق:

اترادي ۽ لاڙي ۾ ضميرن جي مختلف قسمن ۾ نمايان فرق آهي

ضمير اشارو

| لاڙي | اترادي |
|---|---|
| اهو | ايهو |
| هو | اوهو |
| هيءَ | ايها |
| اهي | ايهي |

## ضمير خالص جو فرق:

| لاڙي | اترادي |
|---|---|
| آئون/آن | مان |
| اوهان/آئين/آن | تهان |
| مون جو | مونجو |
| ڪين جو | ڪينجو |

## ضمير اسھفام:

| لاڙي | اترادي |
|---|---|
| ڪو | ڇو |

(ڪوتو ڪاڳر ڪورين، ويٺو وڃائين مس) (شاهہ)

| | |
|---|---|
| ڪڇا لاءِ | ڇالاءِ |
| ڪڇاڙو | ڇا |

(آن ڪڇاڙو ڪهان، توڪي معلوم سيڪا) (شاهہ)

لاڙ ۾ ضمير حاضر ۽ ضمير متڪلم ٻنهي لاءِ "آن" استعمال ٿيندو آهي.

مثال: ❊ آن جو ڇا وڃي.

- آن ڪيان ٿي ڪونہ.

## ضمير موصول ۽ ضمير موصول جو فرق:

| لاڙي | اترادي |
|---|---|
| جِن (ضمير موصول) | جَن |
| تِن (ضمير جواب موصول) | ٿَن |

ساڳي وقت اتر ۾ جنن ۽ تنن لفظ استعمال بہ ٿيندو آهي.

ضمير مبهم جي فرق ۾ بہ اها ڳالهہ ساڳي موجود آهي.

مثال:

| لاڙي | اترادي |
|---|---|
| ڪِن | ڪَن |

## ضميري پڇاڙي جو فرق:

ضميري پڇاڙي ۾ لاڙ ۾ "م" ۽ اتر ۾ "س" جو فرق موجود آهي. ساڳي وقت اُچار ۾ بہ فرق موجود آهي. مثال:

| لاڙي | اترادي |
|---|---|
| ويندس | ويندم |
| موڪليندوسانس | موڪليندو مانس |
| کائيندس | کائيندم |
| پٽس | پٽهنس |

## فعلن جو فرق:

اتر ۽ لاڙ جي فعلن ۾ وڏو فرق آهي. جيتوڻيڪ گرامر جي ڍانچي ۾ ڪوبہ فرق ناهي، پر فعلن جي ادائيگي ۾ فرق آهي. مثال:

| لاڙي | اترادي |
|---|---|
| هو | هيو |
| هئا/هوا | هيا |
| هيس | هيم |
| آئيم_آهيم | اٿم |
| آهي | آ |
| اچڻو آهي (اچ+آڻو | اچڻو آ (اچ+ڻو) س |
| وڃَڻو | وڃِڻو |

اتر ۾ گهوڙڪي واري پاسي وري اسم حاليہ مان "ن" ڪيدي ڇڏيندا آهن. مثال: وڃندو ڪي وڃو هلندو ڪي هلدو ڏسندو ڪي ڏسدو اهڙيءَ طرح وري معياري لهجي ۾ چوندا آهن "ڏيڙو" جڏهن تہ اتر وارا "ن" اجا وڌائي چوندا آهن "ڏيڙيون". مثال هيٺيون جملو ڏسو:

جملو: علي ڪٽ تي ڏنگهون ڏيڙيون پيو آهي.

لاڙ ۾ بہ اتي "ن" جو استعمال ناهي.

## جملي جي حالت اپادن ۾ بہ فرق آهي:

| لاڙي | اترادي |
|---|---|
| گهران | گهرئون |
| مونکان | مون ڪئون |
| اوڏانهن | اوڏهون |

## ظرف جو فرق:

اتر ۽ لاڙ جي ظرف جي اُچار ۾ بہ فرق آهي.

| لاڙي | اترادي |
|---|---|
| آهستي | آستي |
| جتي | جاتي |
| ڪٿي | ڪاٿي |
| پوءِان | پوءِون |
| ڪال | ڪالهہ |
| روز | ڏهاڙي |

## رشتي جي نالن ۾ فرق:

لاڙي لهجي ۾ "ماڻني" ڪي چون "مني". اهڙيءَ طرح "نياڻي" ڪي لاڙ "نائي" ۽ اتر ۾ "ڄاڻو" چون. ننڍڙي ڇوڪري ڄمندي تہ چون

"ڪڪي" چائي آهي. اهڙيءَ طرح ڇوڪرو ڇمي تہ ڇون "ڪاڪو" چائو آهي. مڙس کي اتر ۾ "مڙسالو" چون، پر ساڳيءَ وقت مڙسالو عام مرد کي بہ اتر ۾ چيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح لاڙ ۾ "ادا" ۽ "ياءُ" ٻئي لفظ استعمال ٿين ٿا اتر ۾ بہ ٻئي لفظ استعمال ٿين، پر ڪوهستان ۾ "ياءُ" جي معنيٰ "ڏاريو" آهي يا عام ماڻهو آهي. اُتي صرف "ادا" لفظ انهي رشتي لاءِ موجود آهي.

## حرف جملي جي استعمال ۾ فرق:

لاڙ ۾ "۽" استعمال ٿئي، پر اتر ۾ "ائون" چون. مثال:

لاڙي: آئون ۽ علي اسڪول ويندا سين.

اترادي: مان ائون علي اسڪول ويندا سين.

اهڙيءَ طرح "يا" لفظ کي "جان" چون.

**نتيجو:** مجموعي طور هر ٻولي پنهنجي پر واري ٻوليءَ کان متاثر ٿيندي آهي ۽ متاثر ڪندي آهي. سنڌي ٻوليءَ جا هي بہ لهجا آهن. جيڪي تاريخ ۾ گهٽ رابطي (communication) جي ڪري هڪ ٻئي کان مختلف وڌيڪ رهيا آهن، پر گرامر ۾ ڪوبہ بنيادي فرق ناهي. مثال:

لاڙ ۾ اجرڪَ اسم عدد واحد آهي، جنهن جو جمع سنڌيءَ جي گرامر جي اصول مطابق ٿيندو اجرڪون. اتر ۾ اجرڪُ اسم عدد واحد آهي، جنهن جو جمع ٿيندو اجرڪَ. اهڙيءَ طرح پد (syllable) ۾ ڪوبہ فرق ناهي. مثال: اسڪول لفظ ۾ ہہ پد آهن. اس+ڪول سيني لهجن ۾ اهي ساڳيا پد ٿين ٿا. ڪنهن بہ لهجي ۾ لفظ تي زور (stress) ڏيڻ سان بہ ڪو فرق نٿو پوي. ڳالهائڻ جي ڍار ۾ ٿورو فرق آهي، پر معنوي فرق ناهي. تحقيق ۾ ثابت ٿئي ٿو تہ جهڙي طرح لاڙي تي عربي، فارسي، هنديءَ جو اثر موجود آهي، اهڙيءَ طرح اترادي تي پنجابي، سرائيڪي، هندي، عربي ۽ فارسيءَ جو اثر موجود آهي.

# حوالا


1. حوالو در حوالو حافظ حبيب سنڌي "ماچر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد سنڌ 1994. ص:14
اصل ڪتاب: عزيز جعفراڻي "تاريخ سجاولي" محمد بن قاسم لائبريري سجاول. ص: 50
2. پيرو مل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1996. ڇاپو ٻيو ص: 96
3. شيخ محمد فاضل پروفيسر "ماڻيلي- اوڀاوڙي جي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو 1972. ص: 14
4. جي.اي گريئرسن "برصغير جي ٻولين جو لساني جائزو" مترجم ڊاڪٽر فهميده حسين. سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد سنڌ 2000ع ص: 62
5. تنوير عباسي "شاهه لطيف جي شاعري" روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 2000. ص:117
6. محمد علي مانجهي "ڪلاچي" ريسرچ جرنل، ڪينجهر جا گاهه ۽ سُر ڪاموڏ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر يونيورسٽي آف ڪراچي. جلد 3. شمارو4. ص: 15
7. غلام محمد شاهواڻي پنهنجي رسالي ۾ سُر آسا ۾ "سوئيرو" جي معنيٰ شئي ڪان بہ سنهو لکي آهي. ڏسو شاهه جو رسالو غلام محمد شاهواڻي جو.

**جن ڪتابن مان مدد ورتي ويئي انهن جا نالا هي آهن.**

- ڊاڪٽر هدايت پريم "اترادي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد 1992
- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد "شڪارپور جي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد سنڌ 1994

- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ هدايت پريم "ٿر جي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد 1994
- ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي صورتخطي" سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد 1992

**نوٽ:** شاهه جا سيڻي بيت "شاهه جو رسالو" ڀانهي خان شيخ واري رسالي تان ورتا ويا آهن، جنهن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر 2003ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

(ڪارونجهر ريسرچ جرنل: شمارو 4، جون 2011ع تان کنيل)

◆

# لاڙ جي لوڪ ادب جو جائزو

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

سڄي ڪائنات خدا رب العزت جي صنعت گيريءَ جو مظهر آهي. سيئي ملڪ پنهنجي رهواسين لاءِ املهه اڻتوريا آهن. اسان جي ملڪ جو به هر خطو سون ساريڪو آهي. سنڌ مِڙني ۾ سرس ٿي لڳي. سنڌ ڪي جن حصن سَرس ڪيو آهي، اُنهن ۾ 'لاڙ' جو حصو گهڻيرو آهي. جهڙي طرح ٿر جو نالو وٺندي ذهن تي هڪ 'مناس' جو احساس ڇانئجيو وڃي، تهڙيءَ طرح 'لاڙ' جو لفظ وري 'نيازمنديءَ' ۽ 'نوڙت' جا جذبا جاڳايو انسان کي پنهنجي 'بندي' هجڻ واري حقيقت کان آگاهه ڪري. 'لاڙ' معنيٰ 'هيٺائين' يا 'هيٺائون' علائقو. ڀٽ ڌڻي فرمايو آهي ته:

ڍول ڏِٺين ڏِيي ڏار، 'هيٺائيون' هلن جي.

يا

'ڪر' ڪمندن ڪٽيو هارايو هوڙهن.

لاڙ جو 'ڪر' ۽ ان ۾ به جا سادگي آهي، اها انساني جبلتن ۽ خصلتن جو اصل سينگار آهي.

'لاڙ' جو علائقو تاريخ ۽ تمدن جي لحاظ کان پاڻ ۾ وڏا داستان ٿو رکي. لاڙ جا قديم آثار پراڻا وهڪرا، پڙا ۽ ڪنبر، تاريخي واقعا، جنگيون ۽ معرڪا، سنڌ جا عظيم تخت گاهه، مڪي مديني وڃڻ لاءِ پيچرا، وٽج ۽ واپار، ديني درسگاهه، علمي شخصيتون ۽ مشاهير، جنگي جوان ۽ سردار، قومون ۽ قبيلا سڀ عنوان پنهنجي سِر وڏا ڪتاب گهرن ٿا.

اهڙيءَ طرح 'لاڙ' جي ادبي تاريخ ۽ انهيءَ ۾ بہ خصوصاً لوڪ ادب جي تاريخ تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪيئي جُلدن ۾ هڪ جامع تصنيف جي جيتري آهي. هتي هن مختصر مضمون ۾ "لاڙ جي لوڪ ادب جو جائزو" پيش ڪندي صرف هن موضوع جي سطحي اُپٽار ڪبي ۽ سنڌ جي لوڪ ادب جي ڪتابن ۾ پکڙيل هن ذخيري جي محض حوالن جي سهيڙ ڪبي، ڇاڪاڻ تہ تفصيل ڏيڻ هن مقالي ۾ ممڪن ئي ناهي.

مون هن مختصر جائزي ۾ ڪوشش ڪري لاڙ جي لوڪ ادب جي حوالي سان ڇپيل سيني نالن جو حوالو ڏنو آهي. تنهن هوندي بہ جي ڪو نالو رهجي ويو هوندو تہ اهو منهنجي مطالعي جي اڻپورائي جو سبب هوندو. ور نہ ارادتاً ڪنهن هستيءَ جو ذڪر نہ ڪرڻ منهنجي وس ۾ ئي ڪونهي. بنيادي طرح هيءَ ڪم لاڙ جو ڪوبہ محقق اجا بہ سهڻي نموني سان ڪري سگهندو جنهن کي 'لاڙ' جي 'فيلڊ ورڪ' ۾ گهڻي دلچسپي هجي. هيءُ مقالو اهڙن محققن لاءِ حوالي جي حيثيت رکندو.

هتي هڪڙي ٻي بہ وضاحت ڪندو هلان تہ سنڌي ادب جي ڪن محققن 'لاڙ' ۾ حيدرآباد، ڪراچي ۽ لسٻيلو بہ شامل ڪيو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ جاگرافيائي حدون ۽ انتظامي ورهاست پنهنجي علحده جوڙجڪ رکن ٿا، مگر مون هن جائزي ۾ ٽنڊي محمد خان جي ڏاکڻي پٽيءَ کان وٺي ٺٽي ۽ بدين جا علائقا شامل ڪيا آهن. هن مقالي ۾ 'راوين' جي عنوان سان جن هستين جا حوالا ڏنا ويا آهن، اهي نہ صرف راوي آهن، پر لاڙ جي لوڪ ادب جا حافظ ۽ پنهنجي سِر وڏا 'سگهڙ' ۽ 'وينجهار' آهن. دراصل راوي ئي آهن، جيڪي 'لوڪ' جو هيءُ سرمايو سيني بہ سيني مختلف نسلن ڏانهن منتقل ڪندا ۽ امانت محفوظ رکندا آيا آهن. انهن جو مقام سنڌي ادب جي حوالي سان تمام مٿاهون آهي.

لاڙ جي لوڪ ادب جي سهيڙ ۾ جن محققن جا نالا ڀروار ٿيل آهن، انهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار 'شام' جوڻيجو ۽ عزيز جعفراڻي جا نالا نهايت اهم آهن. انهن کان علاوه معمور يوسفاڻي، عابد لغاري، دُر محمد ڪمال، رسول بخش تميمي، عبدالله گندرو ابوبڪر شيخ، حافظ حبيب جون تحريرون ۽ صحبتون منهنجي رهنمائي جو ثبوت بڻيون آهن.

مذڪوره سيني محققن ۽ دوستن کان علاوه جيڪو وڏو نالو منهنجي لاءِ پيار، قرب ۽ علم جو سبب بڻيو جنهن سان رُوح جا رشتا رهيا، اهو آهي 'شيخ محمد سومار بدينوي' شيخ صاحب حياتيءَ ۾ به منهنجي لاءِ ڇپر ڇڻ هو ته سندس تصنيفون هن وقت به منهنجي لاءِ ساڳيو پيار ۽ پاڻپوه جو سبب آهن. لاڙ ۽ ڪڇ سان گڏ خصوصاً بدين ضلعي تي شيخ صاحب لاجواب ڪم ڪري ويو آهي. خدا تعاليٰ کيس پنهنجي ويجهن سان ويجهو رکي.

لوڪ ادب کي اسين ٻن حصن ۾ ورهايون ٿا، هڪ نثر ۽ ٻيو نظم. نثر جي حوالي سان قصا ۽ ڪهاڻيون، جنگي داستان ۽ نقل وغيره اچي وڃن ٿا.

نظم جي صنفن ۾ وري لوڪ گيت، بيت، معجزا، مداحون، مناجاتون، منقبتون ۽ ڪافيون وغيره شامل ڪيون ويون آهن.

منهنجو خيال آهي ته: "لوڪ ادب اصل ۾ آهي ئي نظم جي صنف ۽ جيڪو نثر جو حصو آهي، سو به نظماڻيون خصوصيتون رکي ٿو ۽ نثر 'مسجع' ۽ 'مقفيٰ' جي دائري ۾ اچي ٿو بلڪ اسان جي اڄڪلهه جي جديد شاعريءَ جي ڪجهه صنفن کان لوڪ ادب جو نثر وڌيڪ موزون ۽ موسيقيت وارو معلوم ٿئي ٿو."

لوڪ ادب جي انهيءَ خصوصيت نظم ۽ نثر گاڏڙ ڪجهه صنفون پڻ ڏنيون آهن، جن ۾ ڳجهارتون، ڀروليون، ڏُنون، معمائون،

ٻول، ٽوڪ ۽ ڳاهن سان ڳالهيون اچي وڃن ٿيون، جن ۾ ٽُڪبندي اهم آهي.

لوڪ گيتن ۾ وري موضوعن جي حوالي سان ڪيترائي لوڪ گيت سرجيا آهن، جيڪي پنهنجي اندر هڪ علحده ۽ مخصوص مضمون رکن ٿا. مثال طور: ڪجليون ليالو مورو جمالو ڇلو ٻيلڻ، اوڏڻ وغيره.

ساڳي ريت 'بيت' وري ڪيترين ئي موضوعاتي صنفن سان ٽمٽار آهي، مثال طور: ڏهس، هنر، سينگار، ڏور، ڪوڏاٺا، مناظرا، مداحون، مناجاتون، واقعاتي بيت، هفتا ڏينهن راتيون، ٿيهه اکريون ۽ مولود وغيره.

لاڙ جي ڌرتيءَ تي ڪيترائي اهم جنگي معرڪا پيش آيا آهن، جن مان ٻين ڌارين جي حملن کانسواءِ 'وِڳهه ڪوٽ' ۽ 'جهوڪ' جا معرڪا اهم آهن، انهن سان گڏ لوڪ ڪهاڻين جو وجود ۾ اچڻ هن علائقي لاءِ لوڪ ادب جو خاص محرڪ آهي.

سياسي، سماجي ۽ مذهبي تحريڪون پڻ ساڳي حيثيت جون حامل رهيون. لاڙ ۾ پاڻيءَ جي گهڻائي وري هتان جي معاشي خوشحاليءَ جو سبب بڻي، جو سنڌو نديءَ جا ڪيترائي وَهڪرا هتان کان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا هئا، اها خوشحالي هن علائقي جي لوڪ ادب جو مثبت پهلو ثابت ٿي.

تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن جهڙوڪ: نوري ڄام تماچي، گهاتو موڪي ۽ متارا، سامونڊي، سسئي پنهون، دودو چنيسر، برينا ۽ ڄام جراڙ جو هن مٽيءَ سان سرجڻ ۽ عمر مارئي، ڍولو نرور ۽ مارل، مومل راڻو، ليلا چنيسر، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ سهڻي ميهار جو پاڙيسري هجڻ هتي جي لوڪ ادب جا سرچشما رهيا.

لاڙ جي سرزمين تي شاهه جي رسالي جا حافظ، قلمي نسخا ۽ شاهه جو راڳ ڳائيندڙ فقيرن جا سلسلا ملن ٿا. هيءَ ڀٽائي جي ڏاڏاڻي سرزمين آهي، جتي لال محمد للاڻي ۽ شاهه ڪريم دفن آهن. هتان جا 'جت فقير' ته آهن ئي ڀٽائي جا جت. مون ذاتي طور جن جت فقيرن سان ڪچهريون ڪيون، اهي مون کي ڀٽائي جو زنده رسالو محسوس ٿيا. خاص طور مرحوم محمد رمضان جت. (الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جايون ڏي). ڇا ته فقير ۾ڙِيا هئي. مرحوم هڪ ڪچهريءَ ۾ ويهي اسان جي يار سرائي امداد علي جا وڪا پڌرا ڪيا. جو ساڻس گڏ ولي محمد جت مرحوم وٽ پارت ويو هو ۽ واپسيءَ ۾ ويهي 'املهه اڻتوريا' ۾ ويل وَهايا اٿس. رمضان فقير مرحوم هن سچي معاملي جا اصل پهلو سامهون آندا. جيڪي رڪارڊ تي محفوظ آهن. ساڳي جُوءِ ۾ مرحوم 'مالڪڏنو فقير جت' به وڏي وِٽ هو. بنيادي طور جتن لاءِ ڀٽائيءَ جو سچو رسالو جڻ 'لازمي ٽيڪسٽ' آهي، پوءِ پڙهيل هجن يا اڻپڙهيل، رسالو ضرور ياد ڪندا ۽ رسالي جا معتبر راوي پڻ آهن.

هن علائقي جي ٻين بزرگن جون درگاهون ۽ ڪلام لاڙ جي لوڪ ادب جي 'ڏناسري' جو موضوع رهيا.

حضرت پٺ ڌڻيءَ جي ڳايل ست سورهيه ۽ ڏهن ڏاتارن مان ڪيترن جو خمير لاڙ جو ئي آهي ۽ باقي سڀ پاڙيسري ئي آهن. سومرن ۽ سمن جي دور جا لوڪ داستان هن علائقي جا خاص لوڪ ادب جا موضوع رهيا آهن.

هن پلاري پونءِ ايترا ته شگهڙ ۽ وينجهر پيدا ڪيا آهن، جو انهن جو تفصيلي ذڪر ته خير، پر سندن نالا ڪڻڻ به هن مقالي ۾ مشڪل آهن. لاڙ جا لال، ڪچهرين جا ڪوڏيا، اوطارن جا خان، جن ويهي علم ۽ عرفان، ڏاهپ ۽ ڏانءَ جا وڻج وڻجيا آهن، انهن جي 'ڪچهرين' جو ڪجهه ذڪر ضروري آهي.

’ڪچهري‘ دراصل لوڪ ادب لاءِ ڪنهن ’اسڪول‘ يا ’ڪاليج‘ کان گهٽ ڪونهي. ’ڪچهري‘ ئي بنيادي محرڪ آهي لوڪ ادب جو. جتان سُگهڙن کان سُجاڻ ٿي، سندن گوهر پريا گفتا ٻڌي، ايندڙ نسلن ۾ عقل، سُجاڻپ ۽ ساڃاهه منتقل ٿئي ٿي. ادب ۽ اخلاق کان وٺي مذهبي تربيت ۽ تعليم تائين ڪچهرين جو اهم ڪردار رهيو آهي.

سنڌ جي ڪنهن ٻهراڙيءَ جي ڳوٺ ۾ يا ميلي ملاڪڙي ۾ ڪو مسخرو به اگر ڪِل پوڳ ۽ چرچا ٽوٽڪا شروع ڪندو، ته به سندس ابتدا هنن لفظن سان هوندي ته:

”اول ۾ الله ڀلو ٻئيان محمد شاهه ڀلو.“

يا وري ڪو مداحي مداح ڪٿندو يا مثنوي يا واقعاتي بيت شروع ڪندو ته ابتدا ڪندو ته:

”ساراهيان سَچو ڌڻِي، صَاحِب رَب سُبحان.“

اگر ڪو ’ڳالهير‘ ڪچهريءَ ۾ نقل ڪٿندو ته چوندو ”بسم الله جيءَ سين لاءِ ڳالهه ٿا ڪن ته هڪڙو هو بادشاهه. بادشاهه ته خود خدا آهي پر زمين جي ٽڪري جو بادشاهه....“

اهڙيءَ طرح جڏهن نقل ختم ڪندو ته چوندو: ”اهڙيءَ طرح سڀ وڃي پنهنجي ماڳ آرامي ٿيا، رهندو نانءُ الله جو.“

مداحي پنهنجي مداح ختم ڪندا ته چوندا:

”ويندا سي ايمان سين، ڪلمون جي ڪهندا.“

مطلب ته ڪچهريءَ جو ذڪر شروع ئي خدا تعاليٰ جي مِنٿ نالي سان، ته ختم به ساڳي ذڪر سان.

ايئن ئي ڪچهرين مان تربيت ورتل حضرت ڀٽ ڌڻي به پنهنجو رسالو شروع ڪيو ته:

"آول آلله عَلِيم، آعليٰ عَالم جو ڏَنِّي."

حاصل مطلب تہ ڪچهري جهڙو شائستہ اسڪول، جنهن جا سڀ 'غير تحريري' اصول آهن، انسان جي بنيادي تربيت لاءِ دنيا ۾ شايد ٻيو ڪو هُجي، جتي اڄ بہ ننڍو وڏي جي اڳيان 'ڪانڀ' ٻڌي ڪونہ ويهندو. شايد ئي ڪنهن جو متو 'اُگهاڙو' هُجي ۽ 'السلام عليڪم ۽ وعليڪم السلام' جي سلامتي وسندي هُجي.

ڪچهرين ۾ 'ڳُجهارت' جڻ تہ ذهن، حافظي، ڄاڻ ۽ مطالعي جو وڏو امتحان آهي. ڳُجهارت جا جيڪي اُصول آهن، انهن تي سختيءَ سان عمل ٿئي ٿو. جنهن جي ٻُڌل هوندي اُهو اخلاقاً اعلان ڪندو تہ منهنجي ٻُڌل آهي ۽ پوءِ پڇڻ وارن ۾ شامل ڪونہ ٿيندو. ڳجهارت 'پڄندي' تہ ڪچهري ۾ واهہ واهہ ٿي ويندي، پوءِ اگر ڳجهارت سُر واري ۽ معنيٰ مطلب واري هوندي تہ سڀ ڪرڻ سان ڳجهارت ڏيندڙ سُگهڙ لاءِ ٻنهي گهٽي 'واهہ واهہ' ٿي ويندي. اگر ڳُجهارت بي سُري ۽ معنيٰ مطلب کان خالي هوندي تہ چوندا "يار تون تہ سُگهڙ ڪونہ آهين ماڳهين 'ٻُگهڙ' آهين." ڳجهارت پڇڻ لاءِ ڪي سگهڙ وري 'ڪانبو' ٻڌن يا 'فوج چاڙهين.' مطلب تہ گهربل لفظن جو مڪمل ذخيرو ٻڌائڻ شروع ڪن. جيسين وڃي ڳُجهارت کي 'واءُ' لڳي.

هتي اسين لاڙ جي چند مشهور سگهڙن جا نالا ڪڻون ٿا، جيڪي ٻي سگهڙائپ سان گڏ ڳجهارت جي فن ۾ ماهر ۽ اُستاد مڃيا ويا آهن.

الهڏنو رتو (جاتي)، پوپٽ خاصخيلي، عنايت خاصخيلي، جڙو شاهہ سيد (ٽيئي ننگر ٺٽي جا)، پيروز مرگر بلوچ (ڪارو-ساڪرو)، الهہ بخش پالاري (ٺٽو)، ڪنڊو جتوئي (جهرڪ)، پنيلڏو ماڇي (سونڊا)، علڻ فقير ٻبر (ٺٽو هيءُ ڳجهارت جو شاعر هو)، خدا بخش

ميربحر (بنورو)، نِمر لوهار (ادوڙي ٽنڊو باگو)، تاجو نون، ڏاتو پنهور ۽ بدر مينهڙو (1880ع کان 1915ع تائين ٽيئي وڏا سگهڙ مڃيل هُئا)، طاهر هاليپوٽو (ڳوٺ بيبي وارو اوٺو ماتلي، الهڏني رٽي جو ساٿاري هو)، اسحاق پاٽري (وفات 1974ع سنڌي بندر)، الله بچايو شيخ (بدين، شيخ محمد سومار جو والد محترم)، محمد سومار شيخ، صالح احمداڻي (ٽنڊو باگو)، خليفو ريڏنو (بدين)، آچر فقير لُنڊ (سانوڻ جو ساٿاري)، مهرو فقير جمالي، مدد علي جمالي، حيدر خان ٺاراڻي بلوچ (ڪپور جاتي)، قادر بخش نظاماڻي (جنهن کي لاڙ ادبي سوسائٽي طرفان انعام پڻ مليو)، قاضي الهورايو نظاماڻي (بدين) مٺو مهيري (ڪڙيو گهنور)، لالا پيل (گولاڙچي)، صاحب خان موسيٰ خان (ترائي)، غلام محمد خواجه (بدين)، الهه بخش جت (بدين)، شيخ دلدار علي (بدين)، نورو مهيري (گولاڙچي)، پريو ولد علڻ چانڊيو (ڪڍڻ)، حاجي رمضان چانڊيو (ڪڍڻ)، شفيع مهيري (کورواهه)، لونگ فقير سولنگي (شاهه جي رسالي جو مرتب، حافظ وڏو ديندار ڳالهير، ڪڇهري جو مور ۽ سخنور هو)، فقير الهڏنو ڏيٿو (ٻيلو-سجاول)، علي محمد ڳنڀير (ٻيلو-سجاول)، پنهون جماري (سعيدپور-سجاول، سينگار جي بيتن جو شاعر پڻ هو)، گل محمد لونئيو (سجاول، سگهڙ ۽ شاعر)، صالح محمد لغاري (سجاول)، الهه بخش مرگر (ساڪرو)، خليفو محمد بخش (سجاول)، مٺو گندرو (ڪينجهر)، حاميد خان رند (ساڪرو)، حاجي حاميد خاصخيلي (ڏور بيت جو سهڻو شاعر هو)، خليفو محمود نظاماڻي (گولاڙچي)، خميسو ملاح (ننڊو شهر)، رامجي ڪولهي (بدين)، مبارڪ شيدي، الياس شيدي (راڄو خاناڻي)، عيدو ڏيچر (ترائي)، ڪريم بخش شيدي (ڪڙيو گهنور)، چنيسر عرف گولو ملاح (سيراڻي)، محمد سليمان مير بحر (ماتلي)، صاحبڏنو نوحاڻي ۽ محمد مبارڪ چانڊيو (ڪڍڻ).

## مزاح نگار:

ڪل يوڳ ۾ ناصحانہ نقطا ۽ سبق سيکاريندڙ ۽ ماحول کي پنهنجي طريقي سان پرکيندڙ مزاح نگار پنهنجي فن ۾ يڪتا هوندا آهن. جن مزاح نگارن جا نالا لاڙ جي حوالي سان ڪچهرين ۾ کنيا ويا آهن، انهن مان ڪجهہ هي آهن.

قادو شيدي، قاسم اوٺو وڪيو کوڙ چنيسر ملاح، اسو شيدي، نٿو ڪهيري ۽ ذلفي شاهہ. هنن مان ڪيترن تہ لاڙ ثقافتي ميلي بدين ۾ پڻ پنهنجي فن جو مظاهر ڪيو هو.

## شاهہ جي راڳ جي سلسلي ۾:

بلڙي شاهہ ڪريم جا مگسي فقير پنهنجي هن فن ۾ يڪتا رهيا آهن. هنن فقيرن کي سيد علي مير شاهہ صاحب پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز طرفان پٽ ڏٺيءَ جي ميلي تي بہ راڳ پيش ڪرايو هو.

## نڙ بيت چوندڙ ۽ نڙ تي ڳائيندڙ:

هن فن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ تہ مرحوم 'سانوڻ فقير' خاصخيلي هو جيڪو نڙ بيت چوڻ وقت تمام گهڻو پاڻي پيئندو هو. سندس فن سان لڳاءُ ئي هو جو سڄي سنڌ ۾ پاڻ 'نڙ بيت' جي حوالي سان مشهور ٿيو. سندس ٻين ساٿين ۽ پوئلڳن ۾ ڪجهہ نالا هن طرح آهن:

بچو فقير کوڙ يوسف تگڙي (تلهار) حاجي بهادر نوحاڻي (ترائي) ڇيڙ خاصخيلي (تلهار) دوست علي جت (ڪڍڻ) مير محمد لُنڊ ۽ الهڏنو لُنڊ (ڪيٽيون) آچر فقير لُنڊ (ڪڍڻ)، ساجن چانگ (ٽنڊو غلام حيدر).

## مولودي

لاڙ ۾ جن جهونن مولودين پنهنجو نالو ڪڍيو انهن ۾ هيٺيان نالا خاص آهن:

علو ڪوسو ۽ محمد خان ڪوسو (شاهه ڪوٽ) حاجي بچل جمالي، آمون سوڍو حاجي عمر دامڙو رڀنواز عرف ربو خاصخيلي، آچار نوتيار (بدين)، عبدالحڪيم ماڇي (ترائي)، سونو عمراڻي (رڀاڻ)، مياندادا لُنڊ (ڍورو پراڻ)، ۽ يوسف شاهه لڪياري (لنواري شريف)، نون مولودين ۾ وري هيٺيان نالا مشهور ٿيا آهن:

محمد ابراهيم منڌرو عبدالله منڌرو الهڏنو شاهه سيد، ميانجي عارف منڌرو (بدين)، ابراهيم ڪوسو (شاهه ڪوٽ)، مصري شيخ (ڪرهيو پانڌاري)، محمد صديق سومرو (امام واهه)، جيئندو جوکيو حاجي خان نظاماڻي، حاجي غازي ڪنير (ڪڙيو گهنور) ۽ غلام نبي شاهه (ماتلي).

## لوڪ ادب جا شاعر:

لاڙ جي شاعرن جو تذڪرو ته تمام وڏو آهي، پر هتي صرف انهن بزرگن جا نالا ڏنا، جن جو لوڪ ادب جي سلسلي ۾ خصوصي حصو آهي.

بيت جا شاعر: ڀاڳو ڀان، سيد علي شيرازي ثاني (ٺٽو)، مرڪان شيخڻ (هن جا ڏناسري ۾ گيت گهڻو مشهور ٿيا)، شاهه عبدالڪريم بلڙائي، شاهه عنايت شهيد (جهوڪ)، شاهه لُطف الله قادري، مخدوم محمد زمان لنواري وارو مخدوم عبدالله منڌرو اسحاق گڏو (ساڪرو)، خليفو نبي بخش 'قاسم' لغاري (ٽنڊو باگو)، دوست محمد (ساڪرو)، راڄن شاهه (چوهڙ جمالي)، نٿالو رند (ساڪرو)، پانڌي پنهور (ماتلي)، موسو گبول (ساڪرو)، خليفو غلام نبي لغاري (خليفن واري مٺي ٽنڊو باگو)، ملهار فقير لاشاري (ساڪرو)، سانوڻ فقير خاصخيلي، زمان شاهه ساقي، سجاول ورڙ (بدين)، محمد خان ٽالپر (ٽنڊو باگو)، ڄام خان چانڊيو (ڪيڻ)، عثمان پڙهيار

(بدين)، تنگڻي گبول (ساڪرو)، نٿو گبول (ساڪرو)، مريد مهيري (ڪڙيو گهنور)، آري فقير چانڊيو (گهوڙا ٻاري)، محمد واصل درس (ننگر ٺٽو)، جنگو گوپانگ (لنواري شريف)، گل محمد ڪوسو (گگهر مڪان-جاتي)، سونو لغاري (ماتلي)، احمد علي شاهه (ماتلي)، شاهه شريف ٻاڏائي، غلام حيدر تيرهون فتح فقير، شيخ الهه بچايو حاجي ڪوسو (وهڻائي)، مولانا حضرت حاجي احمد ملاح رحه، مرحوم محمد صديق 'مسافر'، محمد جمن شيخ، تماچي ملاح، لعل بخش فقير جت (جاتي)، حاجي مراد چانڊيو (ننڊو شهر)، راڻ ٻائي (سجاول- هيءَ مائي لوڪ گيت جي شاعره هُئي)، حاجي آسر خواجو حافظ عبدالله 'بسمل'، محمد هاشم 'مخلص'، محمد ابراهيم 'منشي'، سرويچ سجاولي، محمد خان مجيدي ۽ شمشيرالحيدري.

**ڪافي جا شاعر:** انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سٺو بيت لکندڙ شاعر 'سٺي ڪافي' پڻ لکندا هُئا ۽ آهن. ساڳيءَ طرح ادب جي ٻين صنفن تي به ڪين دسترس هجي ٿي، پر هتي اسين صرف لوڪ ادب ۾ آيل سندن حوالي سان ذڪر ڪريون ٿا:

سيد احمد شاهه 'خاڪي' (لنواري)، زمان شاهه ابراهيم گولو (ٽڪڙ)، حاجي پير بخش فاروقي دلريش (بدين)، حاجي مراد چانڊيو (بدين)، سيد محمد عالم شاهه (ٽڪڙ)، خدا بخش لغاري (گوني)، حافظ شاهه (ٽڪڙ)، محمد خان 'غني' (ٽڪڙ)، قادر بخش پورو (ڏاٻيجي-ٺٽو)، محمد طالب لوهار (ٽنڊو باگو)، محمد رحيم بلوچ (ماتلي)، آري فقير چانڊيو (گهوڙا ٻاري)، سيد غلام حسين شاهه 'سائل' (گابرلو)، ميان موسيٰ مداحي (ٺٽو)، صابر علي 'صابر' (ٺٽو)، امير علي شاهه (اگهاماڻو)، سيد بلند شاهه (گهوڙا ٻاري)، قاضي ڪمال (ڪيڻ)، طيب خاصخيلي (راڄو خاناڻي)، چڳو فقير جت، قاضي الهورايو نظاماڻي (بدين)، پيروز مرگر (ساڪرو) ۽ حيدر خان ٿاراڻي (ڪپور-جاتي).

## لوڪ ادب جي شهپارن مان ڪجھ مثال:

**مخدوم عبدالله ٺٽوي عرف ميان مورڻو:** مخدوم ابوالحسن ٺٽوي جو پاٽيجو هو. سندس ولادت 1736ع ۾ ٿي. اڻ ڪتاب تصنيف ڪيائين. سندس ڪتاب 'قمرالمنير' مان هڪ شعر هتي ڏجي ٿو:

هرڻي چڻي هلاڪتا، بچائي پلن،
سرهي ٿي سرير ۾، اپر عجيبن،
ٻڪي ٻوڙ نڪٽين، نچي سين نازن،
ڪري سلام سيد کي، ڪلمان چئي ڪوڏن.
(قمرالمنير)

**گل محمد ڪوسو:** ڪوسن جي ڪيٽي لڳ گگھ مڪان ديھ سڪپور، تعلقي جاتيءَ جو ويٺل هو. 1955ع ڌاري وفات ڪيائين.

صفت ڪريان ٿو صاحب جي، جنهن جوڙيو جڳ جهان،
نالي راجا 'نند' هو سڻ بادشاھ جو بيان،
ڌٽي تنهن کي ڌيون ڌنيون، رهن گجرون پنهنجي گام،
سونهن پري سين هُئي، مومل جنهن جو نام.
(مومل راڻو_ بلوچ)

**مريد مهيري:** ڪڙيي گهنور لڳ پاگهلي جو رهاڪو هو سندس جنم اندازاً 1892ع ڌاري ٿيو.

ڪِين هَلان ڪاڪ تي، مُنِي چَڏ مڪر،
ڪامڻ ڪيا ڪيترا، توڙا اصل تڪبر،
ڏن هنيائين ڏُوڙ ۾، جي چڏيا ڪاڪ جي ڪلر،
ترس نہ آيئي تن مٿي، توڻي ماريا مسافر،
سوڍا ساڻ ثمر، تو ڪهيو چڏيا ڪيترا.
(مومل راڻو_ بلوچ)

**سجاول ورڙ: اڪڙي، تعلقو بدين**

ري ڏون رهيا ڪينڪي، ويا هاجو ڪري هوت،
ڦوڙائي فراق جي، ماريس انهيءَ موت،
ڪٺان پير پنهونءَ جا، ڏيان جهنگل ۾ جهوت،
'سجاول' چئي سورن جي منهنجي اندر ڪئي اوت،
پساهه پڄنم پوءِ ته، هيڪر ملان هوت کي.

(ٽيهه اکري 2 ـ سسئي پنهون ـ بلوچ)

**مخدوم محمد زمان لنواري وارو**

جاهل ذوق سکن جو عارف سور سهاءِ،
سورن سندي ساءِ، راحت رَسي روح کي.

(لاڙ جو سير، صفحو:45)

**بچايو فقير رند (اگهاماڻو ـ ماتلي)**

عمر اوڏي آئيو، جنهن ڏني خوب خبر،
ته چارين ٽيون چوڙيليون، ڦوڳن پاسي ڦر،
ولا ڏيو ويڙه تي، ڏين پٽن پاسي پر،
سُور تنين سانگين جا، مون کي هينئين منجهه حشر،
وٹن ڪيو وجود کي، توڙي هجن ڪوٽ ڪشر،
لاهين بند 'بچايو' چئي، پرچايان پنهور،
هتان ڇڏين هيڪر، ته وري وڃان ويڙه کي.

(عمر مارئي ـ بلوچ)

## لاڙ ۾ لوڪ ادب جا راوي:

لاڙ جي انهن وينجهارن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، جن نه صرف پنهنجي سُگهڙائپ جا هيرا لعل ونڊيا، بلڪ لاڙ جي سيني به سيني منتقل ٿيندڙ سرمايي کي ادبي تاريخن ۽ لوڪ ادب جي ڪتابن جي صفحن تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪئي.

حاجي محمد سوڍو بگهياڙ (ساڪرو)، سونو لغاري، عيسو لغاري، سانوڻ زنگيجو (راڄو نظاماڻي)، عيسب ولد لونگ لاشاري (ھنون-بلورو)، حاجي مصري راڻوڙ (ماتلي)، محمد خان سومرو (جنهاڻ)، محمد حسن لاشاري (ساڪرو)، خان محمد ٽالپر، حاجي پير بخش جمالي (ٽنڊو باگو)، دودو اوٺو (ساٽپور-ضلعو ٺٽو)، يوسف ولد سڪيو رجيرو ڪرمتي (جاتي)، حامد خان رند (ماتلي)، عبدالله گندرو (سونڊا)، احمد خان اختر (گوني)، حامد خاصخيلي، (ماتلي)، قاضي الهه ورايو نظاماڻي (گوني)، شاهه محمد شاهه بخاري (گوني)، شيخ محمد سومار (بدين)، ماستر عبدالعزيز جوکيو (ٺٽو)، مائي زيب النساءِ (ٽنڊو باگو)، محمد طالب لوهار (ٽنڊو باگو)، سومر خان لغاري (گوني)، اسدالله شاهه بيخود حسيني (ٽکڙ)، عبدالرزاق چانڊيو (بدين)، مقبول احمد بلوچ (بدين)، يار محمد ماڇي (ڪنياري)، جمعون مهاڻو (محمود ملاح بدين)، دودو مهاڻو (محمود ملاح-بدين)، احمد خان نظاماڻي (ٺري-بدين)، رمضان جوکيو (گوني)، علي محمد ولد سونو لغاري (ملهڻ-ماتلي)، حامد لغاري (ماتلي)، محمود ملوڪ ڪوري (جعفر بوزدار-ماتلي)، اسحاق پاٽري (سنڌي بندر)، پريو فقير سولنگي (بدين)، مٺو نهڙيو (بدين)، خان محمد پسيو (سيرائي)، سمون شيخ (بدين)، عبدالله جمالي (ٽنڊو باگو)، عرس جمالي (ٽنڊو باگو)، قاضي سليمان پان (قاضي صاحب مرحوم شجرن جي علم جو ماهر هو تاريخ سميجا لکيائين. 'موڏو خط' ۾ سمات جو شجرو وٽس هو سنڌس شجرن جو هڪ قلمي نُسخو معمور يوسفاڻيءَ جي لائبريريءَ ۾ محفوظ آهي.) يوسف پان، علي محمد پان، شير خان چانڊيو (ٺٽو)، محمد اسماعيل گشڪوري (دنبالو-ماتلي)، محمد هاشم گندرو (ڪينجهر)، محمد جمن گندرو (ڪينجهر)، عاري فقير چانڊيو (گهوڙا باري)، حاجي علي محمد بگهياڙ (ساڪرو)، حاجي سوڍو بگهياڙ (ساڪرو)، بچايو فقير رند (اگهاماڻو)، حامد خان رند (ڪڪرانڊ-ساڪرو)، هاشم گدو (ساڪرو)، حاجي سرهاڻ بگهياڙ (ساڪرو)، حمزو جوکيو (ٺٽو)، ڪيٽا

خان (وتيجي_ٺٽو)، حاجي ناھڙ چانگ (لنواري)، مالڪڏنو جت (بدين)، الھ بخش لاشاري (دڙو)، علي محمد عاجز (ساڪرو)، اڪ پٽ مٺر ماڇي (جهرڪ_ٺٽو) ۽ علڻ فقير ٻٻر (ٺٽو).

لاڙ جي لوڪ ادب جي هن مختصر جائزي ۾ سگهڙن، شاعرن، مزاح نگارن، مولودين ۽ شاھ لطيف جي راڳاين جي لسٽ ڏسڻ سان، اندازو ٿي ٿو وڃي، تہ هيڏن وڏن وينجهارن هن زرخيز ڌرتيءَ جي حوالي سان، جتي نہ صرف سنڌي زبان جو ابتدائي شعر سرجيو بلڪ سنڌي زبان جي پهرين الف_ب (ابوالحسن جي سنڌي) ٺهي. ڪهڙا نہ ويهي وَکر وهائيا هوندا، جيڪي وقت گذرڻ سان گڏ پراڻا ٿين ٿي ڪونہ ٿا. حضرت شاھ عبداللطيف ڪيڏو نہ سُٺو چيو آهي تہ:

وَکَر سو وِهاءِ، جو پَٽي پُراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي وِلات ۾، ڏرو ٿئي نہ ضاع،
سا ڪا هَڙ هَلاءِ، آڳهہ جنهنجي ابهين.

# حوالا


1. هن مضمون جي تياريءَ لاءِ محترم محقق علامہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا ترتيب ڏنل 'سنڌي لوڪ ادب جي اسڪيم' جي سلسلي جا لڳ ڀڳ سڀ ڪتاب مطالعو ڪيا ويا آهن، جيڪي سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهن.
2. ساڳيءَ طرح لائق محقق، مرحوم محمد سومار شيخ جا بدين متعلق ڪتاب جهڙوڪ: (1) بدين (2) بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ (3) بدين ضلعي جو مطالعو (4) بدين ضلعي جي اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن کي تحسين. جيڪي سڀ ڪتاب لاڙ ادبي سوسائٽي طرفان شايع ڪيل آهن.
3. لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ- ڊاڪٽر غلام علي الانا، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ڊسمبر 1977ع
4. تاريخ سجاول- عزيز جعفراڻي، محمد بن قاسم لئبريري سجاول 1986ع.
5. لاڙ جي لغات- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1975ع
6. عبدالحسين شاهہ موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسي 1950ع
7. لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو- عبدالڪريم سنديلو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1986ع.
8. سنڌ جو سينگار- عبدالڪريم سنديلو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1987ع.
9. لاڙاين جون لاتيون- حاجي عنايت الله زنگيجو 1970ع
10. لاڙ جو سير- الله بچايو يار محمد سمون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1990ع.
11. لاڙ جا ڏينهن، لاڙ جون راتيون- مشتاق باگاڻي، مارئي اڪيڊمي، سڪرنڊ 1973ع.
12. ماهوار نئين زندگي جا مختلف پرچا، جن ۾ عابد لغاري جو سلسليوار مضمون "سنڌ تاريخ ۽ ثقافت جي آئيني ۾" 25 قسطون آيل آهن.


✦

# لاڙ جي ٻوليءَ لهجو

خادم ٽالپر

"لاڙ" لفظ جي معني آهي، لڙيل، جهڪيل، يا هيٺانئين وارو علائقو ڪاڪي ڀيرومل لاٽ مان لاڙ ٿيڻ جو اندازو لڳايو آهي. جيئن سنسڪرت جي لِلاٽ مان سنڌي ۾ نراڙ ٿيو جيئن "ٽ" جو "ڙ" ۾ بدلجڻ (1) لاڙ سنڌ جي پنجن طبعي ڀاڱن مان هڪ ڀاڱو آهي. سنڌ جا پنج طبعي ڀاڱا آهن: سِرو وچولو لاڙ ڪوهستان ۽ ريگستان (2)

جيئن تہ هر هڪ طبعي ڀاڱي جي قدرتي طور جدا جوڙجڪ آهي، هر هڪ حصي جي جاگرافي آب و هوا تاريخي پسمنظر، معاشي ۽ سماجي حالتون هڪ ئي رياست جو حصو هوندي بہ جدا جدا آهن. سڄي سنڌ جي ثقافت، تاريخ، تمدن، ٻولي هڪ آهي، پر هڪ علائقي ۽ طبعي حصي جي فطري حالتن سبب مختلف بہ آهن. انهي ڪري بہ لاڙ جي هڪ جداگانہ سڃاڻپ آهي.

## لاڙ جي جاگرافي ۽ طبعي بناوت:

لاڙ اُتر ۾ حيدرآباد ضلعي جي ڏاکڻي لاٽ واري حصي کان شروع ٿي، ڏکڻ ۾ ڪڇ رڻ ۽ سنڌي سمنڊ تائين ختم ٿئي ٿو. اولهہ ۾ ڪراچيءَ جي ملير ضلعي کان شروع ٿي، اوڀر ۾ ٿر ضلعي جي وارياسي پٽن تائين پکيڙ رکي ٿو. هڪ اندازي موجب سندس پکيڙ 11589 چورس ميل ٿئي ٿي.

جيئن تہ لاڙ آهي ئي لڙيل علائقو انهيءَ ڪري لاڙ جو ڏاکڻيون ڪنارو سمنڊ سان لڳي ٿو ۽ سندس ڪافي حصي ۾ ڏيڍون، پاڻي جا

ڏٻا، پراڻن واهن جي وهڪرن جا نشان ۽ ڊورا موجود آهن. لاڙ صدين تائين ڪيترن ئي دريائن (هاڪڙو پراڻ، ساگرو ڳنلو پنيهل ۽ سنڌو وغيره) جي ڇوڙ سبب تمام آباد ۽ سرسبز علائقو رهيو آهي. هتي مالوند مارو ماڻهو پنهنجا ڳوٺ ۽ شهر ٻڌي آباد رهيا آهن. ماڻهن جي معاشرتي ۽ سماجي حالت بهتر هئڻ سبب ڪيترائي ٻاهريان حملہ آور هتي ايندا عوام کي ڦريندا لٽيندا رهيا آهن، ۽ هڪ تہ هتي جا خوشحال گهراڻا (سومرا ۽ سما وغيره) صدين تائين سنڌ تي راج ڪندا رهيا آهن، ٻيو تہ تاريخ جي دور ۾ سڪندر يوناني کان وٺي، محمد بن قاسم، ارغون، ترخان، ڊچ، پورچوگيز ۽ مغلن تائين ڪيترن ئي ٻاهرين حملي آورن هن علائقي تي ڪيتريون ئي ڪاهون ڪيون آهن.

هي سڀ ڳالهيون انهيءَ ڪري سمجهڻ گهرجن تہ لاڙ جي ٻولي، جيڪا سنڌي ٻولي ئي آهي، اُن ۾ ٻين ٻولين جا لفظ اُچار آواز ۽ لهجا شامل ٿيندا رهيا آهن. اهي ئي ٻوليءَ جي وسعت، تبديلي، ارتقا جا بنيادي سبب ۽ محرڪ رهيا آهن.

## لاڙ جا مختلف ڀاڱا:

لاڙ جي مختلف ڀاڱن علائقن ۽ شهرن کي انهيءَ ڪري سمجهڻ ضروري آهي، جو چيو ويندو آهي تہ: "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي" يعني هر هڪ علائقي جي ٻوليءَ جي لهجي ۾ ٻئي علائقي جي ٻوليءَ جي لهجي ۾ فرق آهي. اهو فرق لفظن ۽ جملن جي استعمال وقت زير زبر ڏيڻ، ڳالهائڻ جي آوازن ۽ اُچارن جي اُچارڻ، آواز کي ڊيگهہ ڏيڻ، جهيل ڪرڻ، لفظن جي رڌم کي ملائڻ، سُرن ۽ وينجهن جي اُچارڻ جي جداگانہ حيثيت رکڻ سبب ٿئي ٿو ۽ الڳ الڳ شڪليون اختيار ڪري ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ پروفيسر علي نواز خان جتوئي انهيءَ معاملي ۾ تمام وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪئي آهي. اسان ڪا راءِ ڏيڻ کان اڳ هنن عالمن کان سندن راءِ، سندن ڪتابن، مضمونن ۽ ڪاوشن کان ضرور حاصل ڪنداسون، تڏهن ئي اسان جهڙن طفيل مڪتب ماڻهن جي ننڍڙي راءِ ۾ ڪو سوجهرو پيدا ٿي سگهندو.

## لاڙ جا ٻاگا ۽ حصا:

### ساحلي علائقا:

ٺٽي ضلعي ۾ سامونڊي ڪناري وارا شهر ۽ علائقا، جيڪي سمنڊ ڪناري ويجهو هئڻ سبب آباد ٿيا، صدين تائين سندن بندرگاهه سنڌ جو ٻاهرين دنيا سان رابطو رهيو. وڻج واپار ٿيندو رهيو. انهن ۾ ضلعي ٺٽي جا ڪيٽي بندر، شاهه بندر، تڙ خواجه، ساڪرو جاتي ۽ ضلعي بدين جا علي بندر، شيخ ڪرهيو پانڌاري، احمد راڄو سمنڊ ويجهو هئا، ڪي هاڻ ٿي ويا آهن. انهن بندرن تي واپار ٿيندو هو. بقول لطيف:

وڻجاري ماءِ، وڻجارو نہ پلين

آيو ٻارهين ماهہ، پڻ ٿو سفر سنبهي.

### ولاسو:

هي علائقو روپاهہ ماڙي، ٻهدمي، ڪيڙ، علي بندر جا علائقا پاڻ وٽ رکي ٿو. هن علائقي ۾ مانڊر بہ اچي ٿو. جيئن تہ تاريخي طرح سومرا دور جا تخت گاهہ روپاهہ ماڙي، وگهہ ڪوٽ هتي هئا. هتي جي ٻولي، دريائي ٻولي کان مختلف آهي. هتي جي لهجن ۽ اُچارن ۾ فرق آهي. مولوي حاجي احمد ملاح هن علائقي جو وڏو شاعر آهي.

**ماڇر:**

سڄاول جي آس پاس جو علائقو جتي ڍنڍون ڪوڙ آهن. سرويچ سڄاولي، محمد خان مجيدي، ابراهيم منشي ٿيئي وڏا قومي شاعر، هن علائقي جا رهواسي هئا. هنن جي ٻوليءَ ۾ لاڙ جا جيڪي لهجا اچن ٿا، انهن جا صحيح اُچار هن خطي جو عوام اُچاري ٿو.

**ڪوهستان:**

لاڙ جي ڪجهه علائقي ۾ جبل به آهن. ٺٽي ڪوٽڙيءَ جي اتر وارو علائقو جيڪو زراعت لاءِ موزون آهي. هن علائقي ۾ ٿي ڪينجهر ۽ هاليجي ڍنڍون آهن. ڪيتريون ئي نئيون پڻ ٿاڪرو زمين کي چيري انهن ڍنڍن ۽ دريائن ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون. (3). انهن علائقن جو عوام صدين تائين مٺي پاڻيءَ جي ڍنڍن تي گذارو ڪندو رهيو آهي ۽ جبل ۾ ڪيترائي مالوند ماڻهو پنهنجي مال سان وَس چرڻ ويندا هئا. بقول لطيف:

گنجي ڏُونگر گام جو پيو جن ٻرو
ڇڏي ڪيٿ ڪرو لوچي لاهوتي ٿيا.

هتي سامي، جوڳي، سنياسي، مختلف بلائن، ٻوٽين پٿرن جي ڳولا ۾ اچي رهندا هئا. انهي مخصوص ڪم سبب سندن ٻوليءَ ۾ به تبديليون ايندي‌ون هُيون، ۽ مختلف لهجا استعمال ۾ ايندا هئا. لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪوڙ مثال موجود آهن. انهن مخصوص علائقن کان علاوه سنڌ جا ٻه پيا وڏا شاعر 'ساوڻ فقير' ۽ 'عبدالمبين پنائي' به لاڙ جي بدين واري علائقي ۾ پيدا ٿيا. هنن شاعرن وٽ به ٻوليءَ جو وڏو ذخيرو موجود آهي.

متي ذڪر ڪيل علائقن کان علاوه ڪورواهہ ڏندو ٽڪڙ پنگريو دڙو جهوڪ، ڀيلو شاهہ ڪپور جهرڪ، گُجو گهارو ميرپور ساڪرو ڏيهي، فتو جو گُجو ونگو پٽڙ اهڙا علائقا ۽ وسنديون آهن، جتي جي عوام جي ٻولي ۽ لهجو ٻئي پاسي کان جداگانہ آهي.

## ٻولي ڇا آهي؟

انسان پنهنجي وات مان پنهنجي اندر جي ڪِن خيالن، احساسن، جذبن ۽ ڳالهين جو آواز وسيلي اظهار ڪري ٿو. اهڙن معنيٰ خيز آوازن کي ٻولي چئجي ٿو. ٻولي کي زبان بہ چئبو آهي. اُهي آواز مختلف لاهن چاڙهن سان ننڍي وڏي آواز سان، سُر ۽ ترنم سان بہ ڪڍيا ويندا آهن. پروفيسر علي نواز جتوئي چوي ٿو: "زبان يا ٻوليءَ جي تعريف مختلف علمن جي لحاظ کان الڳ الڳ ڪري سگهجي ٿي. مثلاً نفسيات جي لحاظ کان ٻولي انسان جي دل يا اندر جي اظهار جو ٻيو نالو آهي. زبان جي تعريف هن ريت ڪئي ويئي آهي: "زبان خود بخود اختيار ڪيل آوازي علامتن جو هڪ اهڙو نظام آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهہ جا ماڻهو هڪ ٻئي سان واهپو رکن ٿا. هڪ ٻئي کي متاثر ڪن ٿا." (4)

ڊاڪٽر غلام علي الانا چوي ٿو تہ: "ڪنهن بہ سماجي گروهہ ۾ هڪ ٻئي سان تعاون لاءِ انسان ذات جي وات مان نڪتل آوازن جي سرشتي کي ٻولي سڏجي ٿو. (5)

اهڙيءَ طرح دنيا ۾ سوين ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. هر ٻوليءَ کي جيتري علائقائي وسعت آهي، اوترو ئي اُن جا لهجا وڌيڪ آهن. سنڌي زبان بہ اهڙيءَ طرح مختلف لهجن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جاگرافي حالتن جي لحاظ کان سنڌي زبان، اترادي يعني

سريلي، وچولي، لاڙي، ٿري، ڪوهستاني، ڪڇي ۽ لاسي لهجن ۾ ورهايل آهي. (6)

"لاڙ" جيئن ته مختلف قومن جي رهائشگاهه رهيو آهي. تنهن ڪري جدا جدا قومن جي جدا جدا ٻولين جا لفظ لاڙي لهجي ۾ گڏجي ويا. اهڙين ٻولين ۾ آسٽرو ايشاٽڪ ٻولين جا لفظ آهن. ماهرن جو خيال آهي ته آرين کان به گهڻو اڳ سنڌ ۾ ڪا قوم آباد هئي، سا آسٽرو ايشياٽڪ قوم هئي. ڪول، ڀيل، سنٿال، جن جا ابا ڏاڏا هتي اچي آباد ٿيا. انهن مان ڪي منڊا قوم جا ماڻهو هئا. انهن قومن جي ٻولين کي ڪو ليريئن Kolarian ۽ منڊا Munda ٻوليون چئجي ٿو جنهن جو مثال 'ڪوڙي' لفظ آهي، جيڪو لاڙ ۾ اڄ به استعمال ٿئي ٿو يا ٻاڻ، چنگهه، ناريل لفظ آهن. (7)

لاڙ جا ماڻهو عام عربي آوازن کي پنهنجي علائقائي آواز ۾ بدلائين ٿا، جيئن:

| | |
|---|---|
| ق – ڪ | قائم کي ڪائم |
| غ – گ | غلام محمد کي گلا محمد |
| ص – س | صدورو کي سدورو |
| ي – ج | يوسف کي جوسف |
| ص – ش | معصوم کي ماشوم |
| ف – ڦ | فضل کي ڦزل |

اهڙيءَ طرح ماحولياتي، اصوتياتي طريقا اختيار ڪري عام مروج معياري لهجي کان هٽي، خاص لهجو استعمال ڪيو ويندو آهن.

| عام معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| ڇوان | ڇُوئان |
| اوهان | آن |

| | |
|---|---|
| صُبحاڻي | سُپاري |
| پائر | پار |

ڊاڪٽر الانا چوي ٿو تہ: جيڪي لفظ معياري اُچار موجب اصوتيہ ۾ ختم ٿين ٿا، لاڙي لهجي ۾ انهن جي اُچار ۾ 'اُ' کي بدلائي 'اِ' ۾ بدلائبو آهي، مثال:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| پُٽُ | پُٽِ |
| اَڄُ | اَڄِ |
| ڇوڪرُ | ڇوڪرِ |
| اُٺُ | اُٺِ (8) |

سنڌي ٻوليءَ جي ٻين اڪثر لهجن ۾ ڪِن لفظن جي ابتدائي سُرن کي حذف ڪيو ويو آهي، پر لاڙي لهجي ۾ انهن ابتدائي صورت وارن سُرن جي اُچارن کي قائم رکيو ويو آهي.

| معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| لهڻ | اُلهڻ |
| لٿي مهل | اُلٿي مهل |
| پٽڻ | اُپٽڻ |

مخدوم نوح جو شعر آهي:

اُپٽيان تان انڌيون-پُوريون پِرين پَسن،
آهي اڪٿرين، عجب پَر پسڻ جي. (22).

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو چوي ٿو تہ: "محاوري جي اندروني فرق ۾ ماڄر، جاتي، شاهبندر، ڪاري ۽ ڪڪرالي جا ننڍا محاورا بہ آهن. اهڙو بدين جي پسگردائيءَ وارو ننڍو محاورو ماڄر وغيره کان

مختلف بہ آهي. پيرومل اوسر ڳائي جا مثال ڏنا آهن ۽ ٻيا مثال ڳالهائيندڙن جي ٻوليءَ ۾ نمايان آهن. داردي ٻولين جي رابطي جي ڪري گسڪيدار آواز اوسرڳ ڪري اُچارجن ٿا:

ڪي سر آواز Vowel ننڍا ڪري اُچارجن ٿا.

| معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| ڪيائون | ڪيئون يا ڪئون |
| ڇَيائون | ڇَئون |
| ڏنائون | ڏِنئون |

يا وري ڪجهہ آواز وڏايا ويا آهن:

| | |
|---|---|
| حجم | حجام |
| نرڙ | نراڙ |
| ڪنير | ڪنيار |
| لوهر | لوهار |

ٻوليءَ جي ماهرن جيڪي لاڙي لهجي سبب فرق ڏيکاريا آهن، انهن جو مختلف جائزو پيش ڪجي ٿو:

انگن ۾ فرق ڪرڻ:

| معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| يارهن | يارون يا يارهُنَ |
| تيرهن | تيرون |

## ضمير خالص موجب

| معياري لهجو | لاڙي لهجو |
|---|---|
| آئون | آن |
| توهين، اوهين | ائين |

| | |
|---|---|
| پنهنجو | پان جو |
| ڇو | ڪو |
| ڇا | ڪُڇاڙو |

بقول لطيف: "ڪُڇاڙو ڪهان معلوم توکي سڀ ڪين"

| | |
|---|---|
| ٻڌو (اوهان ٻڌو) | ٻڌان |
| ٻوڙيس | ٻوڙيوس |
| ڪيس | ڪٹس (ڪڇي لهجو شامل ٿيو آهي) |
| ڪائن | ڪٹان |
| هو | اُو |
| ٻيهه | ٻي |
| جڏهين | جَڏين |

جيئن تہ صدين تائين سنڌ جو ڪاروبار ۽ واپار ساموندي بندرن وسيلي عرب علائقن، سري لنڪا، برما ۽ ٻئي پاسي جي عوام ۽ ملڪن سان ٿيندو رهندو هو. انهن علائقن جا ماڻهو جڏهن سنڌ ۾ ايندا هئا تہ اهي پنهنجا لفظ ڇڏي ويندا هئا. اهڙا عربي ٻوليءَ جا لفظ سنڌيءَ ۾ ملي سنڌي ٿي ويا آهن.

| عربي | سنڌي |
|---|---|
| صندل | چندن |
| ڪخ | ڪک |
| شرع | سڙهہ |
| قند | کنڊ |
| اط | جت |
| بنيانہ | واڻيا |
| ڪافور | ڪپور ڪافور |

اهڙيءَ طرح پورچيز ٻوليءَ جا لفظ سنڌيءَ ۾ اچي سنڌي ٿي ويا، جھڙوڪ: ليمون، پگھار، صابڻ، پوچ، پاڦ، انبار، نيلام، رسيد وغيره.

## پهاڪا ۽ شاعري:

لاڙ ۾ هن علائقي جي تجربي جي بنياد تي ڪي چوڻيون ۽ پهاڪا مشهور ٿي ويا آهن ۽ هتان جي وڏن شاعرن لاڙ جي مخصوص ٻولي ۽ لهجا استعمال ڪيا آهن. پهاڪا ۽ شعر ٻوليءَ جي سونهن ۽ سگهه هوندا آهن، اهڙن پهاڪن جو مثال ڏجي ٿو:

- ڏاچي هٽي ڏهه، تہ توڏي هٽي تيرهن.
- ٻُرو هو پنيون اچي آرياڻي اُجاريو.
- ٻڌو ٻڪ جو ڀڏو
- پوهه، ڪلڙ ڪوهہ
- ڏکڻ مينهن نہ وسڻو وسي تہ ٻوڙي، ڪانٺر ڏڪ نہ هٽڻو هٽي تان توڙي
- پير پٺو ڪن جا پير ڪن جو مٿو

اهڙا ٻيا ڪوڙ پهاڪا ۽ چوڻيون لاڙ ۾ مشهور آهن:

## شاعري:

لاڙ جيتوڻيڪ جاگرافي لحاظ کان سنڌ جي پيراندي آهي، پر دنيا سان رابطي، چرپر، سياسي، سماجي چاڻ، علم ۽ حالتن سان گڏ رهيو آهي. سڄي دنيا جي ايجادن، نون خيالن ۽ ويچارن ۾ لاڙ سڄي سنڌ جي اڳواڻي ڪندو رهيو آهي. سنڌ بلڪ دنيا جو عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جيتوڻيڪ سنڌ جي وچولي حصي ۾ ڄائو نپنو پر هن سڄي سنڌ جو سير ڪيو. هن لاڙ علائقي جا ڪافي لفظ پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيا، جنهن جا ڪجهه مثال مٿي اچي ويا آهن. ڪجهه شعر هيٺ ڏجن ٿا.

- آڪي ڪيا اکين، نسوور نور. (17)
- پڙاڏو سو سڏ، ورَ وائي جو جي لهين.
هُتا اکين گڏ، ٻُڌڻ ۾ ٻه تيا. (20)
- ايڪ قصر درلک.. ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون
جيڏانهن ڪربان پرڪ، تيڏانهن صاحب سامهون (21)

مٿين شعرن ۾ اکين معنيٰ اک ۾، ڪوڙين معنيٰ 20، 20 ڪٽس معنيٰ سندس، جهڙا ٻيا ڪيترائي شعر لطيف جي رسالي ۾ موجود آهن.

خواجه محمد زمان لنواريءَ شريف واري جي شاعريءَ ۾ ڪيترا لفظ لاڙي لهجي وارا ڏنل آهن. لاڙ ۾ 'ذ' کي 'ج' ۾ بدلايو ويندو آهي. ذرو کي جرو وغيره. خواجه محمد زمان رحه اهڙيءَ طرح ذوق کي جونڪ ۾ به بدلايو آهي:

جاهل جونڪ شُکن جو عارف سُور سهاءِ،
سورن سندي ساءِ، راحت رَسي رُوح کي. (23)

لاڙ ۾ سنڌ جو تمام وڏو شاعر مولوي حاجي احمد ملاح پيدا ٿي لاڙ جي ڳوٺ ڪنڊو ملاح (لڳ روپاهه ماڙي) ۾ ٿيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ تہ لاڙي لفظن ۽ لهجي وارا ڪيترائي شعر موجود آهن:

ڳجاڙو ڳجاڙو لذيذ،
پرين پاسي آهي مون پاڙو لذيذ.
سڪر ۽ شڪر وچ ۾ مليم اختيار،
ڪيم لال لب ڏي لاڙو لذيذ.

-

عيدالفطر عيدالاضحيٰ ٻيون به عيدون عام جا،
عيد احمد لئہ تڏهين ۔ جڏهين يار هو پنهنجي يار وٽہ

جيئن جاني، جڏو آهيان، جيان پيو آسري اهنجي،
بين نسخن ڪنا نفرت، نيان پيو آسري اهنجي.

-

ڏسي محبوب منهن تنهنجو مُڙي محراب ڪان ويو منهن،
خطا ڪاڏم خطا ڪِيندس، ڪِيان پيو آسري اهنجي.

-

هر پکي پاندي ڳنان، پر ۾ پچائون تو ڪريان،
ڪر خبر ويئم وساري، يا سڄڻ ساريم پيا.

-

گهُور تنهنجي جا گليلا، هر گهڙي گهائين پيا،
نيڻ ڪڻندي دم خلق کي، ڪين ۽ ڪائين پيا (10)

-

موت مڙني کي مٿي تي، منجهہ مٽيءَ هر ڪنهن مڪان،
منجهہ مٽيءَ منزل اسان، ڪجهہ مهند ماٿي تون بہ هت،
دوست دنيا ۾ ڪري سگهندين نہ دائم ڏور دم،
آيو آيو چاڻ "احمد"، اڄ سياڻي تون بہ هت (11)

پهرين شعر ۾ ڪچاڙو ڪيم بي ۾ يار هو تي ۾ اهنجي ڪنڊ نيان، ڪيندس، ڪيان، چوٿين شعر ۾ مهند، لاڙي لهجي وارا لفظ آهن. جيڪي مولوي حاجي احمد ملاح پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪيا آهن.

سرويچ سجاولي لاڙ سنڌ جو تمام سٺو قومي عوامي شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ لاڙي لهجي جا ڪيترائي لفظ استعمال ٿيل آهن، جنهن مان ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا.

نيٺ تہ سارو ڀانڇو ڀهندو نيٺ جي هيٺان وهندو ڪير،
نيٺ اسان کي ڪونہ ڪپي ٿي، حق کپي تو هَير ئي هير. (12)

-

قربن جا تو تہ اڳ ٿي، ڪافي ڪتاب پاڙھيا
پنا نہ ٻيا پکوڙ تون، چورا چِتا ٿي پوندا.
ڏاڍو سُونهين ٿو سائين، پنهنجي حُسن جي حد ۾،
ليڪا نہ ٻيا لتوڙ تون، چورا چِتا ٿي پوندا. (13)

-

پوڙھيون ٿي ويون مايون، لوڙھيون ڪيڏي ڪيڏي،
لوڙھيون ٿي ويون مايون، لوڙھيون ڪيڏي ڪيڏي،
ڪوسي ٽِڏي جي ضد ۾، ٻرندي ۽ روز ٺرندي،
ٺوڙھيون ٿي ويون مايون، لوڙھيون ڪيڏي ڪيڏي
گُب گپ منجھ ڳچندي، پن ٻڏ منجھ ٻجھندي،
پوڙيون ٿي ويون مايون، لوڙھيون ڪيڏي ڪيڏي،
کوريءَ ۾ ڪاٺ ڪاميءَ، ڪاميءَ اڱار ٿئي جيئن،
اوڙھيون ٿي ويون مايون، لوڙھيون ڪيڏي ڪيڏي (14).

مٿئين شعرن ۾ هينئر پاران هير، پکيڙڻ بدران پَکوڙ لتاڙڻ بدران لتوڙ لوڙھيون ڪيڻ لاڙ جو ئي اصطلاح آهي. ٻجهندي معنيٰ ڦاسندي، اهڙيون بدران اوڙھيون لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.

عبدالمبين پنائي بدين ۽ ڪيڻ شهر جي وچ ۾ ديهہ پنو لنڊڪي جو رهواسي، پاڻ کي مولوي احمد ملاح، سرويچ سجاولي ۽ ساوڻ فقير کان متاثر سڏائيندو هو. پنائي جي شاعري بہ قومي عوامي شاعري آهي. سندس ڪيترائي شعر لاڙي لهجي جي نشاندهي ڪن ٿا. جنهن مان ڪجھہ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اسين پوکي پچائڻ ۾، هوڏانهن هو ڪيئڻ وارا،
ڪنا ٿن، ڪالهه ڪالهوٽي، منا محبوب موچارا،
مگر هاٽي ڏسيندا سون، هنن کي ڏينهن جا تارا. (15)

-

ججهون هن جيءَ اندر جايون، جمالي جيءَ جيارن کي
پرونڪر چڏي پنگ، پوتار مس مس. (16)

-

خزاني جو وارث ڪنٽهار آهي،
بنايل باغ بستي کي وري باطل ڪندو چا چا (17)
جنازي کي ڪُتا ڪيندس، جبر جاهل ڪندو چا چا؟ (18)

هي چند مثال پيش ڪيا ويا آهن، نه ته هنن شاعرن جي ٻي شاعريءَ ۾ به اهڙا گهڻا مثال موجود آهن، ۽ لاڙ جي اڪثر شاعرن، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري کان آڪاش انصاريءَ تائين جي شاعريءَ ۾ لاڙي لهجي جا ڪيترائي مثال موجود آهن. خاص ڪري ٻهراڙيءَ جي عوامي شاعرن جهڙوڪ: ساوڻ فقير، ابراهيم منشي، ڪيڙ چانگ، حافظ محمد نظاماڻي، اسماعيل اُداسي جي شاعري، اهڙن لاڙي لهجن وارن لفظن سان ڀرپور آهي.

## حاصل مطلب:

سنڌي ٻولي تمام وڏي ۽ پراڻي ٻولي آهي، جيڪا سنڌي قوم جي قدامت جي نشاندهي ڪري ٿي. سنڌي ٻولي پنهنجي وسعت، پکيڙ، گهرائي، علمي وڏائيءَ سان جيتري مالا مال آهي، اوترو ئي علم ادب شاعريءَ، انساني ڏاهپ ۽ عقل جا سرچشما پاڻ ۾ سانڍي رکي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ کي ٻه دنيا جي سمورين وڏين ٻولين وانگر ڪيترائي علائقائي لهجا ۽ لاڙا موجود آهن. سنڌ جي موجوده زماني جي وڏي ضرورت آهي ته دنيا جو سمورو معياري جديد علم سنڌي ٻوليءَ ۾ آندو وڃي. سنڌ، ملڪ ۽ آسپاس جي ملڪن ۾ جيڪي ماڻهو سنڌي ٻولي سمجهن ٿا يا پڙهڻ ۽ لکڻ چاهين ٿا. اُنهن کي سنڌيءَ ۾ جديد سائنسي علم مهيا ڪري ڏنو وڃي. ادب ۽ فنونِ لطيفه جا سمورا جُزا سنڌي ٻوليءَ ۾ مهيا ڪيا وڃن. خود سنڌ اندر لاڙي ۽ ٻين لهجن ۾ آيل سمورا لفظ نصابي ڪتابن ۾ پڙهايا وڃن. جيئن ٻولي زنده رهي، ترقي ڪري، اسان جي وقت جي سخت ضرورت آهي، ته اسان جي نئين ۽ نوجوان نسل کي پنهنجي علائقي جي ٻولين ۽ سماجي حالتن، سياسي ضرورتن کان آگاهه ڪيو وڃي. سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏئي، سندس لهجن، محاورن، اصطلاحن، پهاڪن، شاعري، چوٽين ۽ ڏاهپ جي نُڪتن کي عام ڪيو وڃي.

[سيمينار ۾ پڙهيل مقالو]

# حوالا


1. لاڙي ۽ ڪڇي سنڌي جا ٻه محاورا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ص 7.
2. لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا ص 25
3. ساڳيو مٿيون ڪتاب ص 30
4. علم اللسان ۽ سنڌي زبان، علي نوازجتوئي، ص 8
5. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ص 1
6. ساڳيو ڪتاب، ص 6
7. لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ص 217
8. ساڳيو ڪتاب، ص 221
9. لاڙي ۽ ڪڇي سنڌي جا ٻه محاورا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ص 28
10. بياض احمد، مولانا حاجي احمد ملاح، ص 16
11. بياض احمد، مولانا حاجي احمد ملاح، ص 34
12. ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون، سرويچ سجاولي، ص 45
13. ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون، سرويچ سجاولي، ص 79
14. ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون، سرويچ سجاولي، ص 75
15. ڳسان هن قيد ۾ ڪيسين، شاعري عبدالمبين پنائي ص 93
16. ڳسان هن قيد ۾ ڪيسين، شاعري عبدالمبين پنائي، ص 59
17. ڳسان هن قيد ۾ ڪيسين، شاعري عبدالمبين پنائي، ص118
18. ڳسان هن قيد ۾ ڪيسين، شاعري عبدالمبين پنائي ص 127
19. شاهہ جو رسالو: مرتب ڪلياڻ آڏواڻي سُر ڪلياڻ داستان پهريون بيت 4
20 شاهہ جو رسالو: مرتب ڪلياڻ آڏواڻي سُر ڪلياڻ داستان پهريون بيت 14
21 شاهہ جو رسالو: مرتب ڪلياڻ آڏواڻي سُر ڪلياڻ داستان پهريون بيت 15
22 سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1990ع ص 303
23. ابيات سنڌي، مرتب، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو 1994ع ص 58
24. هي نقشو ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي ڪتاب "لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" تان ورتو ويو آهي.


✦

# لاڙ جا مقامي لفظ ۽ اُنهن جي معنيٰ

ـ عبدالجبار جوڻيجو

منهنجي هن مضمون جو محرڪ هڪڙو ننڍڙو ٻار آهي، جنهن جي ڪيٽي کان بيزار ٿي ماڻس چيس، "ابا، اها تہ رڳي آٻڏي ٿو ڪرئين."

آٻڏي تہ واقعي ڪريو وينو هو ٻوتي ڏسي تہ ٻوتي گُهري، وري چوي تہ کير ڏيو ڪنڌ پيل کير ملي تہ چوي: ڦڪو کير ڪپي، ڦڪو کير ملي تہ چوي: منو ڏيو. اهو ٽيو هرويرو دڏڙ ۾ دڙو هٽڻ. ماڻس پوري موقعي تي اهو ٺُز لفظ استعمال ڪيو. منهنجي ذهن تي انهيءَ لفظ چڱو اثر ڇڏيو. لفظ اهڙي ماڻهوءَ جي زبان مان نڪتو هو جنهن کي سنڌيءَ ڪانسواءِ ٻي ٻولي تہ ڇا، پر سنڌيءَ جي ٻئي ڪنهن لهجي (Dialect) جي بہ پروڙ نہ آهي. مون لفظ لکي ورتو ۽ اُن پيري ڳوٺ کان وريس تہ اهڙا ويهارو ٻيا بہ لفظ چوپڙيءَ ۾ اتڪايو آيس. اهو هڪڙو مشغلو مستقل ڪٽي ٻڌايم.

آءٌ خود اهڙا انوکا ۽ مقامي لفظ ڳالهايان ٿو ۽ لاڙ جي پوچڙ جو رهاڪو هجڻ ڪري، اهڙن لفظن کان واقف تہ آهيان، پر شهر جي پُرتڪلف جُڙتُو ۽ نقلي ٻوليءَ جي اثر کان پاڻ بچائي نہ سگهيس. 1968ع وارو سڄو سال هھڙن مقامي لفظن کي گڏ ڪيو اٿم. انهن ۾ ڪي اصطلاح بہ آهن. بنيادي طرح هتي، جن لفظن جي اُپٽار ڪرڻي آهي، سي لاڙي آهن. ڪِن جي استعمال جو دائرو ٿر ۽ ڪڇ تائين وسيع آهي، ڪي وچولي تائين بہ عام هوندا آهن ۽ چند اهڙا بہ تي

سگهن ٿا. جيڪي سنڌ جي هر ڪنهن حصي ۾ هڪ جهڙا مستعمل هجن.

هنن چند لفظن کي لاڙ جي پهرين سوکڙي سمجهڻ کپي. جيئن ئي ٻي قسط جو مصالحو گڏ ٿيو ته قدردانن جي اڳيان پيش ڪيو ويندو. تنهن وچ ۾ پارکُن جي راءِ به معلوم ٿئيم ته آءٌ پنهنجي محنت جو اندازو لڳائي سگهان.

**آبڏي ڪيتو:** هرويرو جو رُسامو (آبڏي ڪرڻ = ڪيتو ڪرڻ يا رُسڻ. ضد ڪرڻ)

**ريجالو:** اهڙو (پار) جنهن کي مائٽن جي بيجا لاڏ ڪوڏ خراب ڪيو هجي ارڏو هجي. اڏنگو. نڪمو ٻي ڇيو.

**ڏقير:** مروڻ جي شڪار ۾ 'ڏقو' ڪم آڻبو آهي، هڪڙو 'ياليي' جو قسم آهي. جنهن شڪاريءَ جي هٿ ۾ ڏقو هجي، اُن کي 'ڏقير' چئبو آهي. لاڙ ۾ عام طور 'ڏقيڙ' اُن ماڻهوءَ کي چئبو آهي، جيڪو ٻن ۾ ڦيٽاڙو وجهي. خود ڦيٽاڙي ۽ جهيڙي توڙي اڻ بڻت لاءِ به 'ڏقير' لفظ ڪم ايندو آهي. مثال:

"ڦلاڻا پاڻ ۾ ڪو نه ڳالهائين. اهڙو ڪو منجهن ڏقيڙ پيو آهي."

مون کي ياد آهي. اسان جو استاد چتون مل صاحب. جنهن ڇوڪري تي ڪاوڙبو هو اُن کي چوندو هو 'ڏقير.'

**ڏاب:** (1) ڏابِ هڻڻ معنيٰ ٻڪ ڪرڻ. وات هڻڻ.

(2) اسم به آهي. هڪ قسم جي گوڏ آهي، جيڪا پراڻي زماني ۾ سنڌ وارا سُٿڻ جي مٿان ٻڌندا هئا. جنهن جو مثال آخوند **گل محمد هالائي** مرحوم جي ديوان ۾ اِجهو هن ريت آهي ـــ ع

آهہ سهڻي ستر سان سُتڻ مٿي چادر جي ڏاپ،
منجهہ ڪيڻ چيني چپاڙي ڏاٽ ڏند کي ڏيڻ چاپ.

سيد فاضل شاهہ جي ڪلام ۾ بہ مٿين شعر واري معنيٰ ۾ ڏاپ لفظ ڪم آيل آهي ـ ع

ستر جي پهري سُتڻ عارف اگهڙ جي ڏار ڏاپ.

**ڦونڊا:** ٽُڪرا ٽُڪرا، پُرلا پُرلا. چيهون چيهون.

'لوئي جا لڱن تي، ڪم ڦونڊا تي ڦاٽي

**اونٽرو:** چلولو ٻار. شرارتون ڪندڙ (اونٽرائي ڪرڻ: معنيٰ پنهنجي عمل سان ٻار لُچائي وارو ڪم ڪري وجهي).

**رُنگ:** اصل ماپ کان ڪجهہ وڌيڪ (خاص طور کير ماني مٿان ٻيو چُڪو ڏيڻ کي رُنگ چئبو آهي) (2) رُنگ رکڻ جي معنيٰ آهي: اصل ڳالهہ تي ڪجهہ وڌاءُ ڪرڻ، جيئن شعر ۾ مستزاد.

**رُنگِهي:** پاڻيءَ ۾ ٽُبي هڻڻ. مٿان پاڻيءَ ۾ ٽپ ڏيئي اندر ٽُبڻ کي ٿي رُنگهي چئبو آهي. اندر رهڻ واري عرصي کي نہ.

**گِرڻ:** ڪتي جو ڪيڪرات ڪرڻ. ڪُتو رڳو ڀَير ڪري ۽ ڀونڪي تہ چئبو گِري ٿو ڪري. ع

جاڳايس جنبور، ڪُتي قريبن جي،
ٻهي ٻهڪي اُٿيو، گهڏي مٿهجانُ گوري،
سپ لاٿائين سُورَ گِري هِن غريب تان.
(شاهہ)

**ڏاڙهڻ:** لاڙ ۾ ڪُتي جي گِرڻ توڙي چَڪ پائڻ کي چئبو آهي. ماڻهو ڪنهن وٽ اچڻ وقت چوندا آهن. "ڏاتا خان ڪُتہ، کي لت ڏِج گِري ٿو." يا "ادي! ڪُتي کي آڏو تِج ڏاڙهي ٿو."

**ٽوڙهو:** رسو (Rope) خاص طرح رسي، (لاڙ ۾ رسي کو نہ چون) جي تکر کي چون 'ٽوڙهو'.

**ٽُوچڻ:** ڪي هِن لفظ جو اُچار "چوچڻ" بہ ڪن. معنيٰ اها ئي اٽس 'رسي جو تڪر' جنهن سان ڳئون وغيره کي ٻڌجي يا ڍنگ ڏجي (ونگجي).

**پِينگهو:** (1)[54] رسي جو تڪر. جنهن ۾ خاص قسم جون سِرڪ سايون (ڳنڍيون) ٺهيل هُجن ۽ مال جي ڦرن کي ٻڌڻ لاءِ ڪم اچي.

**ٿلهڙ:** وڏو لچڪڻو بانٺو ڊگهو لڪڻ. سنڌيءَ ۾ هونئن لَڪڻ چوڻ سان هڪڙو مفهوم تہ ذهن ۾ اچي ٿو پر ٿلهڙ هڪ وڏي لَڪڻ کي چئبو آهي، جيڪو تازو وڏيل هُجي ۽ لچڪيدار هُجي، سُڪل نہ هجي. سڪل کي 'بانٺو' چئبو. چار مان پٽيل تازي ننڍڙي لڪڻ کي 'چامڪ' چئبو. 'چانپو' بہ اڻ سوئيل چامڪ کي چئبو آهي، لڪڻ طور يا اُڇلي هڻڻ لاءِ ڪاٺيءَ کي 'ڏُڪو'[55] چئبو. جيڪڏهن اهڙي ڏُڪي جو هڪ پاسو مٿي وارو هجي تہ اُن کي 'گهوپاٽو' چئبو ۽ اهو سَهن جي شڪار لاءِ ڪم ايندو آهي. ٿلهي ڏُڪي کي ڏنبو چئبو ۽ اهو خاص قسم جو هجي تہ ٽاڏيل (توڙي پنگ) گهوٽڻ لاءِ ڪم اچي، لوڻ مرچ ڪُٽڻ لاءِ 'مولهڙو' ۽ ان چڙهڻ لاءِ 'موهري'[56] ڪم اچي، پر انهن جي ساخت ۾ فرق آهي. بانس جي لٺ بہ انهيءَ سلسلي جو هٿيار آهي 'ڪاتر' بہ شڪارين جي استعمال ۾ ايندي آهي.

'چابڪ' ۾ رسيءَ جو تڪر ٻڌبو آهي ۽ 'نيٽ' بہ لڪڻ جو هڪ قسم آهي.

**گانجرو وهائي ڪيڻ:** هن جي معنيٰ آهي، ڪنهن کي علي الحساب بہ چار لٺيون هڻڻ.

---

[54] پينگهو بمعنيٰ (Candle) تہ هر ڪنهن جي علم ۾ هوندو، چوندا آهن "سياڳا پٽ پينگهي ۾ پڌرا"

[55] لاڙ ۾ 'ڏکو هڻڻ' جي معنيٰ 'ٽپ هڻڻ' يا 'اندازو لڳائڻ' بہ آهي.

[56] اسان جي ناناڻن ۾ (تعلقو ميرپور بٺورو) **مهرلو ۽ مُهري** چون.

**ڇانگرا ڪرڻ:** ناز انداز ڪرڻ ۽ ڄاڻي ٻُجهي ڪا ڳالهه لڪائي وڃڻ، ۽ معشوقاڻي ناز سان هڪ جي ٻي ڪرڻ.

**جهاڻُوتجڻ:** وڙهڻ لاءِ ٻڪين پوڻ (مَلهه ۾)

**توڏجڻ:** توڏجڻ، جهاڻُوتجڻ جو اوائلي Stage آهي، ڳالهين ۾ تيزائي ڏيکارڻ، توڙي هٿين پوڻ جي معنيٰ اٿس.

**ڇاندو:** ٻه ٽي گرهه پري لسي ڍُڪ پيئڻ. خاص طور نيرن وقت.

**ڏاٻو:** سفر ۾ ڪنهن هنڌ آرام ڪرڻ يا ويساهيءَ لاءِ ترسڻ. ترسڻ جو عرصو ٿورو هجي ته **پاڳوڙي ڇنڊ** لفظ ڪم آڻبو- يعني پٽڪ (پير) جي مٽي ڇنڊي وري روانو ٿيڻ.

**گهيڙ:** هي لفظ نج مقامي ٿو لڳي، 'ڪٺ مست' واري معنيٰ اٿس. مثال: فلاڻو گهيڙ مڙس، معنيٰ پنهنجي اٽل ارادي وارو ڪٺ مست آهي.

**ناسوري:** خفتي يا اٽڪلي ۽ استاد ماڻهو.

**آڪردو:** آجو آڪردو جنهن ۾ ڪو ٻه پيو پائيوار نه هجي. هن لفظ اڳيان 'آجو' ملائڻ لازمي آهي. اڪيلو نه ٻيهي سگهندو. گهڻو ڪري زالون گفتگو ۾ هي لفظ ڪم آڻينديون آهن. مثال: "فلاڻيءَ کي ته آجو آڪردو گهر کپي." (جنهن ۾ سس ۽ نڻان جو دخل نه هجي).

**ڇِڪ:** تيل سان پريل. جڏهن مٽي ۾ گهڻي تيل وجهڻ سبب، اُهو ڪپڙن کي به خراب ڪري، ته چئبو آهي ته، فلاڻي جا ڪپڙا تيل ۾ ڇِڪ ٿيا پيا آهن.

**ٻڙادو ڪرڻ:** هُل ڪرڻ، گوڙ ڪرڻ، وڙهڻ، وڏ واتو ڳالهائڻ، بغادو ڪرڻ.

**ٺِپي:** ڪل، ڪلڪو ڪرڻ، چلولائي، (ڪل جو ٺِڪو به چئبو آهي).

**پُٺاڏ:** پنيون پاسو جيئن: ڍڳي گاڏيءَ جي ٺانٺي، جو پويون حصو.

**سُنٺالو:** عام معنيٰ اٿس 'نرم' ٻي معنيٰ اٿس 'وڏيڪ' مثال: "ادا! سُنٺالو تورج." (يعني تور ڪان ٿورو وڏيڪ ڏِج).

**ڪونٺرو:** نرم، 'پير پٺا ٺئي ڪونٺرا، ڏونگر مٿي ڏي' (شاه)

ڪو ماڻهو مجبور تي، پنهنجو ضد ڇڏي، پوري پير تي اچي ته
چوڻ "هاڻي ڏسو ڪيئن نه ڪونٽرو ٿيو آهي."

اُڇاترو: هي لفظ نهايت ئي دلچسپ آهي، مختلف جملن ۾ مختلف معنائون اٿس: 'هو آچاترو هلندو اچي' معنيٰ ڪنهن جذبي هيٺ زمين کان بہ اِنچ مٿي پيو اچي. لفظي معنيٰ بہ 'مٿي' اٿس. ڪڏهن 'اُڀرائيءَ' جي معنيٰ بہ ڏئي ٿو.

چاڙِڪ: طعنو، ٽُنڪو ۽ ميهڻو (پر اهڙو جو اڱلي کي ڇُهندڙيءَ وانگر لڳي.)

پسُوري: پهريائين هي مثال وٺو 'اڄ وري ناني واري پسُوري آئي اٿس.' يعني اهي ساڳيا پير ڪڍڻ، جن جي ڪري سندس ناني بہ عيب واري هئي. 'پسوري پڌري ٿيڻ' مان بہ اها معنيٰ وٺي سگهجي ٿي. بار روئڻ بند نہ ڪري تہ بہ ماڻس ڪڪ تي چوي 'اڄ الائي ڪهڙي پسُوري آئي آهيس؟' يا چوڻ 'فلاڻي نيٺ پنهنجي پسُوري پڌري ڪئي.'

مجيجي: اُهي ماڻهو جيڪي ذڪر ڪيل ڪنهن شخص جي ذاتي تاريخ کان باخبر هُجن ۽ ڪنهن بہ وقت اُن جا وَڪا پڌرا ڪري وجهن، اُن ڪري چئبو آهي 'مائٽ مري وڃن، مِجيجي نہ مرن'، هر هنڌ ڏسو تہ جوڙي ڪٽيو بيٺا آهن. (مونث: مجيجياڻي).

پونچڄڻ: مُنهن گُهنجائڻ، عجيب صورت بنائڻ.

ڪِرگان: پوڙهي عورت.

هارياڙ: (الف) ياجوڪڙ ۽ بداخلاق عورت. (ب) (هاري [Farmer] لفظ جو جمع. مراد اٿس هاري طبقو. مثال طور جي زميندار ڪنهن دعوت ۾ سڀني هارين کي گهرائي ٿو تہ چوندا 'سڀ هارياڙ کي ڪارايائين) 'هارياڙ عورت' جي معنيٰ وارو بيو لفظ پناٽڙي آهي. يعني اُها عورت، جا اخلاق جي ڪِريل هجي، اُن کي 'ٻاهرپيري' بہ چوڻ. مذڪر 'ٻاهرپيرو).

چانپِ ڳڏو: ٻارن جي راند. ڳڏوڪارو، ٽپوتار ۽ گوڙ.
ڳُڏ: ڏڙهي، (ٻال) جا ٽپ، ٻال ڳُڏائڻ.
ٻِڏَ: ٽپ ڏيڻ.
ڪانچڻ: آئوٽ (Out) ٿيڻ.
ڇَهرڻ: ڪنهن سُهڻيءَ عورت کي ڏسي اندر ۾ ڇِڄرڻ، Temptation ٿيڻ.
ڪامَ ڪوسڙو: اهو شخص، جيڪو دل جو ڪوتو هجي ۽ حسد وچان ڪي ڪم ڄاڻي ٻُجهي غلط طريقي سان ڪري. ائين به چوڻ ته: ’فلاڻو ڪام ڪوسڙائي ٿو ڪري‘
ڏاڍ ڪرڻ: وڏي واڪي وڙهڻ، ٻڙادو ڪرڻ.
ڪَٽر: اها مينهن يا ڳئون، جيڪا مِڙڻ مهل لت هڻي. چوڻي: ڪَٽرَ پنهنجو ٻه هاري ۽ پرايو ٻه. سارنگ ۾ شاه صاحب چيو آهي_ع

وَسي تڏهن وَس، مُند مڙيئي مينهن جي،
ڪَٽرن ڪيتا ڇڏيا، جي مِڙيون ٿي مَس،
ڳابا مٿي ڳس، ڏک نه ڪندا ڏيرا.

اُلار يا اولار: بيل ڳاڏيءَ ۾ ٺاٺني جي آخري حصي ۾ گهڻي بار سبب پئي گهڻو بار پوي ۽ پانڄاري آڇاتري بيٺل هجي ته چئبو: ’ڳاڏي اولار آهي‘. ضد: ڏاٻائون.
ڇَري: مرڻي پرڻي جي ديگ رڌڻ وقت ديگيون چاڙهڻ لاءِ چُلهي جي ڪڏ ۽ جاءِ جي بنياد رکڻ لاءِ زمين ۾ مقرر اونهائيءَ ۾ کوٽڻ.
ڪڙائڻ: ستائڻ، هٿ ڪٽائڻ. ڪنهن ماڻهو سان اهڙي هلت ڪجي، جو ٻڙ ٻالهو ڪري وجي، مثال: ’فلاڻو تنهنجو ڪڙايل آهي وري هيڏانهن منهن ڪو نه ڪيو ائس‘.
موڙهاٽ: پنهنجو شوق، هُرڪُر، جنسي بُک.

ڊِٻ ڊانڪو: 'ڊِٻ' يعني زمين جي سطح کان اُڀريل ننڍو دڙو. پر ٻنهي لفظن جي گڏيل معنيٰ تي 'هيٺاهين مٿاهين'.

پڙڇ: تڏو ڪجيءَ جي ڦڙهن جو ٺهيل Mat.

ڇڇڪو: ٻير جو ٻج.

ڪڙيا ڪانٽا: واهه وغيره. ٻلِ واٽر ڪورس.

آجڪو/ آجڪو: ڏکيو مشڪل.

مُني: وڏو ڪِلو.

ٺنگهو: ڪاٺ. جيڪو وڻاڻ جي ڪڙاهه (لنگهه) تي رکجي. يا وڻاڻ جو ڪو ڪُتل ڪاٺ.

ڪڙو: ناڻو 'اڄ مينهن کي ڪڙو آهي (سُياڻ مِڙندي)' ٻئي مهلون مڙندڙ مينهن سڀيري چون. ڪنهن خاص ماڻهو تي ٻوڙي. ڊِڪي ۾ آسري مِڙندڙ مينهن کي اوسَرَ چون.

ناڻ ڪرڻ: مينهن کي پُڪار.

آلوڙي: نئين وڻايل.

ڳُندرو: پاڻيءَ ۾ تَرڻ ۾ هڪٻئي سان 'ڇُو ڇِٽائي راند ڪرڻ.

جهاوا وجهڻ: جهپا هڻڻ (واجهائڻ جي معنيٰ ۾ به ڪڏهن ڪڏهن هي لفظ ڪم ايندو آهي)

مِسڪڙو: فلاڻو ماڻهو مُنهن جو مِسڪڙو آهي، اندر ۾ ڇُريون اٿس. رڳو ظاهر نماڻائي ٿو ڏيکاري

ياڻگوري ٻارڻ: وري وري گهر ڪرڻ. ٻنڊي ٻارڻ.

شاهوڙ: وڏو.

لاهه ڪيڻ: بنياد تي ٻٽي ڇڏڻ.

آڙيڪاپ: چالاڪ. حرفت باز.

ٻڪل: پوتيءَ يا اجرڪ وغيره سان مُنهن ڍڪڻ. رڳو اکيون ظاهر رکڻ.

**رُونٽڙو:** جنهن جي ٻانهن سڙيل (يا سڪل) هجي.
**تارو هجڻ:** چٽلينج ڏيڻ. مثال: 'سَت ٽارا اٿئي هي ڪم ڪري ڏيکار'.
**ڪانهار ڪرڻ:** مينهن کي ٻُٽن ۾ ڪنڌ تي هٿ ڦيرڻ ۾ ڪنهڻ.
**آپاڪ:** (آپاڪي) اوچتو.
**گُڪو:** جُهڪيل ماڻهو جيڪو سِڌو بيهي نہ سگهي.
**ٻبار:** نج. جنهن ۾ ذرو بہ ملاوت نہ هجي.
**ڳوٽرو:** ٿيلهو (ٻيو اُچار: ڪوٽرو)
**ڏُوڪَ:** پاڻيءَ جي گهٽائي. مثال طور: ٻوڙ ۾ گهٽو پاڻي پئجي وڃي ۽ لاس گهاٽي نہ ٿئي تہ چئبو ٻوڙ 'ڏُوڪَ' تي ويو.
**مِنڌو:** ڍرڙو (Slow) هلڻ، ڪاٺڻ يا ڪنهن بہ ڪم ۾ ڍرائي ڏيکارڻ واري کي مِنڌو چئبو آهي. (مونث: منڌي)
**اُنهمون ٿيڻ:** روئي ٻي حال ٿيڻ يا ڊوڙي ٿڪجڻ ڪان پوءِ جي حالات کي ڏسي چئبو آهي تہ 'فلاڻو اُنهمون تي پيو آهي.'
**ڪُتاڻو:** ڪُتي هاڻو = ڪُتي جو وجايل ٽانو وغيره. اهڙي ريت ٻيا بہ لفظ ٺهن ٿا. ٻلاڻو يعني ٻلن جو وجايل.
**رت هاڻو:** معنيٰ رت ۾ ٻريل، متيءَ هاڻو ڪڪيءَ هاڻو_ع

ڪڪيءَ هاڻيون ڪاريو چيچيءَ هاڻا چيچ.
(شاهہ: سُر ڪاموڏ)

**وڍ ڪري ڪائڻ:** معنيٰ ڍءَ ٿيڻ ڪان پوءِ بہ مانيءَ مان هٿ نہ ڪيڻ.
**ٻيت تي پوڻ:** هن اصطلاح جي معنيٰ سمجهڻ لاءِ مثال ڏجي ٿو: هڪڙو ماڻهو هجي، عجيب طبيعت جو ۽ ڏنگو بہ هجي. عام خيال هي هجي تہ ساڻس گڏجي ڪو بہ ڪم ڪري ڪو نہ سگهندو پر ڪنهن جو ساڻس اچي واسطو پوي، ۽ اُهو ماڻهو وري ساڻس نباهہ ڪندو رهي، تہ چوندا 'هي سندس ٻيت تي پئجي ويو آهي' يعني ها ۾ ها ملائي ٿو يا

هُن واريون عادتون اختيار ڪيون اٿس، يا هُن جي طبيعت ڪي سمجهي ويو آهي.

**لاٺون:** گهٽ، معمولي (Inferior)

**گوهِپي:** رنجهه، ڪِنجهه، پاراٺو ڪيتو.

**ٻؤنٽ:** رونشا.

**سَرو:** ٿولو سامين (فقيرن) جو ٿولو.

لنگهي ويو نؤڪنڊ ڪُون، سامين جو سَرو.

**جهولڻ:** ڍري جهول واري جهڙوڪ: ڍري واٽيل ڪٽ لاءِ هي لفظ استعمال ڪبو. ٻار مچي پڪڙڻ لاءِ گوڏ يا پوتاري جي جهولڻ جهليندا آهن.

**چارا:** چپارا يا آهلون ڪرڻ، مُنهن ڦتائي نقل ڪرڻ.

**متقي:** ضروري ڪونهي ته تقويٰ واري کي ئي متقي چئجي. لاڙ ۾ ماٺهو بلا ناغي ڪو ڪم ڪندو رهي ته به چوندا ته فلاڻو متقي (يعني هميشه) هي ڪم ڪندو رهي ٿو:

متقي محبوبن جي در تي دانهيان ٿي.

(گل سومرو)

**ها مشڪا:** اچي، مچي، وٺ وٺان، پيڙ ڪرڻ. مثال: 'هو هٽ هٽَ تي رکيو ويٺو هو مون وجي کيس 'هامشڪا' ڪئي، تڏهن ڪم ۾ هٽ وڌائين.

**ماترائڻ:** پرچائڻ. گهڻو ڪري ٻار کي پرچائڻ لاءِ چون. 'ٺگارڻ' به چون.

**حسيني وجهڻ:** مار ڏيڻ.

**متي وجهڻ:** (1) لنگهي وڃڻ (2) بدلائي وڃڻ.

**پيجارو:** ڳڪڙ جو اُهو ٻچو جنهن کي 'ڪُهڻ يا وڪڻڻ جو ارادو نه هجي پر افزائش نسل لاءِ پالجي.'

**پاندا:** مينهن وغيره جي کير جون آخري سيڙهون.

پانڊُور: ٽاريون، خاص طور تي جهوني وڻ (ٻڙ) جا لڙڪندڙ پانڊُور:

ڪي ڏينا، ڪي ڏاريون، ڪي پن، ڪي پاندورَ

(سانوڻ)

ڳوڏو: ننڍڙو ٻار وڏو ٿئي ته ان کي چرچي ۾ چئبو 'هيڏو ڳوڏو ٿيو آهين'

رَڏڻ: ڏڪڻ.

رڏائي: ڏڪڻي.

نکوتر نڪرڻ: لاهه نڪري وڃڻ. گفتگو ۾ ڪنهن لاءِ چئجي ته فلاڻي جو خانو خراب ٿي ويو آهي. اِتي خانو خراب جي معنيٰ اٿس. ڪو ٻار ڏاڍو ٻي چيو ۾ ارڏو هجي ته چوندا: 'ڇوڪري جو لاڏ ڪوڏ سان جاڻي ٻجهي نکوتر ڪڍيو اٿن.'

ٻوهي چڙڻ: روڪي وجهڻ.

لَڙهڻ: گهوٽڻ.

برڪت: (برڪت) ڳڻپ ۾ هڪ بدران برڪت، برڪت يا برڪ چوڻ.

جهڙوڪ: برڪت، ٻه ٽي، چار.

رٿو ڪرڻ: رونشو ڪرڻ، جاڻي ٻُجهي ڪو ڪم دستور جي خلاف ڪرڻ.

ماندري: همراهه. مثال: ماندريا وارو ڪر.

[شهطي ڪتابي سلسلي 'اکيون آرسيون' تان کنيل]

◆

# لاڙ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي آوسر جو مختصر تاريخي جائزو

ـ مشڪور ڦلڪارو

سنڌ جو ڏاکڻيون لاٽ وارو يا لڙيل حصو جنهن کي لاڙ يا سنڌ جي ساحلي پٽي به سڏبو آهي. تاريخي طور هر لحاظ کان اهميت جو حامل رهيو آهي. سنڌ جو هي علائقو تاريخي طور واپار جو مرڪز رهيو آهي. جتي هڪ طرف ساموندي بندرگاهي رستن سبب ڏيساور سان واپاري لاڳاپا رهيا، ته ٻئي طرف اوير ۽ اولهه طرف جي ملڪن سان واپاري خشڪي رستي هلندڙ قافلن جو اهم رستو به هتان کان ئي گذرندو هو. ٽئين طرف سنڌوندي ذريعي ٻيڙين جو عظيم درياهي رستو به هتي اچي ختم ٿيندو هو.

سنڌ، دنيا جو اهو ملڪ آهي، جتي زرعي پيداوار جي گهڻائي، سماجي ترقي ۽ ضرورتن جي وڌندڙ ارتقا، واپاري ڪلچر کي جنم ڏنو. سنڌ جا واپاري قافلا هڪ طرف خشڪي رستن ذريعي چين، روس، ۽ يورپ جي شهرن جي واپاري منڊين تي ڇانيل رهيا، ته ٻئي طرف ساموندي واپاري پنهنجا غوراب پري ڪاري جا ڪيڙائُو بڻيا. پرڏيهه ۾ سنڌي واپارين پنهنجا شهر اڏيا ۽ رهائش به اختيار ڪئي. انهن سنڌي واپارين جي اڏيل شهرن ۾ نيمروز، دمشق، بغداد، بصره، ۽ موصل اڄ به دنيا جي نقشي تي موجود آهن. انهيءَ مان اها شاهدي ملي ٿي، ته سنڌي واپاري دنيا جي ملڪن جي مختلف حصن ۾ واپاري بيلڪون ٺاهي وينا ۽ اُتان جي واپاري مرڪزن تي ڇانيل رهيا. نتيجي ۾ پرڏيهي واپارڪندڙ سنڌي واپاري، جيڪي تاريخ جي مختلف حادثن ۾ سنڌ

ڪان وچڙي ويا. سي هن وقت پوري دنيا جي مختلف ڀاڱن ۾ رولاڪ قبيلن طور جپسي سڏجن ٿا. انهن جي ٻوليءَ ۾ جيڪي سنڌي ٻوليءَ جا هڪ هزار ڪان مٿي لفظ موجود آهن. سي لاڙ واري سنڌي ٻوليءَ جا آهن. مثال طور هندستان جي مشهور محقق راهل ساڪرتياين. جي جپسين تي ڪيل مشهور تحقيقي ڪتاب، "جپسي فارگيٽن چلڊرين آف انڊيا" ۾ ڏنل جپسي ٻوليءَ جا ڪجهه لفظ نموني طور ڏجن ٿا. جيڪي سنڌي لفظ هي آهن : ٻيڻ- ٻَڪ - ڏُک - ڳاٽو- ڄيڀ- ڇيپ- سِروٽو - سِرو- ڪن - سالو - ڏيتي ليتي - گهوڙو - اگلو - لُوڻ - مرٽو - پرٽو - شمهڻ - ڇُري - سُڻ - ٻُڌ- اوري - ٻڙو - تون - ڪر - ٻُرو- مُڙسالو- ڪارو وغيره. جو تہ اُهي جپسي، جيڪي اصل ۾ سنڌ ڪان وچڙي ويل واپاري آهن. سي سنڌ جي لاڙ وارن سامونڊي بندرن يا اُتان ڪان روانو ٿيندڙ واپاري، خشڪي قافلن سان گڏ. پرڏيهہ ۾ ويا هئا. صديون گذرڻ بعد ٻين ٻولين جي اثرن جي باوجود بہ سندن ٻوليءَ ۾ هڪ هزار سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي موجودگيءَ مان اهو چٽي طرح ثابت ٿو ٿئي، تہ انهن پنهنجي وطن دوستي ۽ وجود جي بقاءَ لاءِ ڪيڏي نہ وڏي ويڙهاند ڪئي آهي. جيڪا وطن دوستي هو سنڌ ڪان وچڙڻ وقت ڪٺي پرڏيهہ ڏانهن روانا ٿيا هئا.

سنڌ جي ساحلي بندرگاهن توڙي خشڪي رستن ذريعي اولهہ جي عرب ملڪن ڪانسواءِ ٽُرڪيءَ ڪان يورپ ۽ آفريڪا تائين، اتر ۾ سنڌو درياهہ ۽ شاهراهہ قراقرم ذريعي روس ۽ چين تائين، اوڀر ۾ سريلنڪا، جاوا سوماترا تائين، سنڌ جي واپاري لاڳاپن جي شاهدي عربي، چيني، هندي ٻوليءَ جي قديم ڪتابن ۽ سفرنامن ڪانسواءِ انگريزي ڪتابن ۾ بہ وڏي تفصيل سان ملي ٿي. مطلب تہ لاڙ وارو علائقو واپاري لحاظ ڪان بين الاقوامي اچ وڃ ۽ واپاري لاڳاپن سبب، سنڌ جي ٻين علائقن ڪان، جتي اقتصادي طرح تاريخي طور خوشحال

رهندو پئي آيو اُتي ماڻهن جي ميل ميلاپ سبب ٻوليءَ جي جوڙجڪ ۾ شاهوڪاريءَ جو سبب پڻ بڻيو. انساني لاڳاپن سبب روزانو سوين نوان لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿيندا رهيا. ۽ ساڳيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ جا لفظ پڻ ٻين ٻولين ۾ شامل ٿيندا رهيا. انهيءَ ڪري لاڙ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ اوسر جا موقعا وڌيڪ هُئڻ ڪري، هي علائقو معياري سنڌي ٻوليءَ جي تعمير ۾ نمايان رهڻ ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ جو سبب بڻيو.

لاڙ جا سامونڊي بندر صدين تائين ڏکڻ ايشيا جا اهم بندرگاه رهيا. انهن بندرگاهن جون واپاري گوديون انساني ميل ميلاپ جون مرڪز رهيون، عرب مورخن، جاحظ بشاري مقدسي، سليمان سوداگر، مسعودي، شريف ادريسي جي ڪتابن جي مطالعي سان اها ڳالهه معلوم ٿئي ٿي تہ لاڙ جي سامونڊي بندرگاهن جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ عاليشان اوطاقون، مسافرن جي ۽ عام ماڻهن جي ڪچهرين جا مرڪز رهيون. جتي پرڏيهي واپارين جون سنڌي واپارين طرفان وڏيون دعوتون ڪيون وينديون هُيون. انهن دعوتن ۾پرڏيهي مهمان سنڌي طعامن جي ذائقي کانسواءِ سنڌ جي ذات ڏٽين جي ڪلام کان پڻ لطف اندوز ٿيندا هئا. انهن مهمانن جو استقبال پڻ دهلن ۽ شهناين جي ردم تي مردانہ رقص سان ڪيو ويندو هو. سنڌي مردانہ رقص، جنهن ۾ پلٽي بازي، ڏانڊئي جي ٺاهوءَ ۽ هو جمالو جي ڦيريدار تاڙي وڄائڻ جي ردم وارو رقص مهمانن تي وجد طاري ڪري ڇڏيندو هو. سامونڊي بندرگاهن جي ويجهڙائيءَ وارن ڳوٺن جي اوطاقن جون ڪچهريون، پرڏيهي معلومات، انساني روين، ڏاهپ جي مٿاسٽا، وندر وِرونهن جي ذريعن جي اوسر کي مضبوط ڪرڻ لڳيون. انهن ڪچهرين ذريعي ڪيترين ئي لوڪ ڪهاڻين جو جنم ٿيو. شاعري، رقص و سرود، گيتن

۾ مشاهدن جي معلوماتي متاسٺا ذريعي ادبي صنفن جي فن جي پڻ اوسر ٿي. اهڙي ريت صدين تائين هي علائقو سنڌي ٻوليءَ جي وُسعت ۾ واڌارو ڪندو رهيو.

تاريخ جي مطالعي سان اها خبر پوي ٿي ته. سنڌ ۾ سال جون ٽي موسمون ھونديون هيون. سياري جي ختم ٿيڻ سان، اُترين جبلن تي برف ڳرڻ جي شروعات سان سنڌو ندي جي پاڻيءَ ۾ اضافو ٿيڻ شروع ٿيندو هو. اڳتي هلي سانوڻيءَ جي برساتن ۾ سنڌو نديءَ برهاڙا ڪري وهندي هئي. سموري سنڌ ۾ پاڻي آل جال ٿي ويندو هو. جنهن سبب سنڌ ۾ فصلن جي پوکائي جي شروعات ٿي ويندي هئي. هن موسم کي "جل ٽنپ" سڏيندا هئا. انهيءَ بعد پاڻيءَ جي گهٽائي سبب سموري سنڌ ۾ فصل پوکجي ويندا هئا ۽ ڊنيون، ڊورا پاڻيءَ سان ڀرجي ويندا هئا. سموري سنڌ ۾ ساوڪ ئي ساوڪ ٿي ويندي هئي. انهي مند کي "کڙ ٽنپ" سڏيندا هئا. جڏهن فصل پچي راس ٿيندا هئا ۽ گاهه جي گهٽائي سبب چوپائي مال جا ولر جهنگ ۾ چُرندي چڙن جي چُونگار سان ماحول ۾ رنگينيون پيدا ڪندا هئا، ۽ سياري جي شروعات ٿي ويندي هئي، انهي مند کي "سوئا ٽنپ" سڏيندا هئا. انهي مند ۾ سنڌ ۾ پيداوار جي لهڻ سان خوشحالي ٿي ويندي هئي . بي انتها خوشيءَ سبب سنڌ جون اوطاقون، شهر ۽ بندر گاهه جهومي اُٿندا هئا ۽ ميلا مچي ويندا هئا.

سنڌو درياءَ جي وهڪرن متاثر سبب يا زلزلن سبب لاڙ جا سامونڊي بندر ڦٽندا ۽ وري نوان ٺهندا رهيا، اهو سلسلو به پوري تاريخ جي سفر ۾ جاري رهيو پر هن علائقي جي واپاري سگهه ۽ آمدورفت تي ڪي وڏا اثر نه پيا. لاڙ ۾ سياري جي موسم پيداوار جي فراوانيءَ سبب واپار ۾ تيزي آڻيندي هئي، ٻئي طرف سمنڊ ۾ لهرن جي ماٺي ٿيڻ سبب

وڻجارا وڪر وِهائڻ لاءِ پنهنجا غوراب پري پرڏيهه اچڻ ۽ وڃڻ جي شروعات ڪندا هئا. سياري جي مند، لاڙ جي سامونڊي بندرگاهن تي واپاري شين جي اچ وڃ ۽ مٽاسٽا جي موسم هوندي هئي. شين جي واپار ۾ تيزي آڻڻ ۽ شين جي نيڪال لاءِ هن علائقي ۾ ميلا لڳائڻ جو پڻ رواج ڪافي آڳاٽو پيو اهوئي سبب آهي، جو اجا تائين لاڙ جي علائقي ۾ سنڌ جي ٻين علائقن کان وڌيڪ سياري جي مند ۾ ميلا لڳندا رهن ٿا. جيڪي هن علائقي جي قديم واپاري منڊين جي باقيات طور يادن کي تازو ڪن ٿا. لاڙ ۾ لڳندڙ اُهي واپاري ميلا پڻ ٻوليءَ جي اوسر ۽ فنون لطيفه ۾ واڌاري ۽ نمايان ڪرڻ جو سبب بڻيا. هنن ميلن ۾ فنڪارن، شاعرن، سگهڙن، پهلوانن، رانديگرن، ۽ هنرمندن جا ڪيئي مانڊاڻا مچندا هئا. جتي مڃتا انعام ۽ شهرت سان منجهن وڌو فني اُتساهه پيدا ٿيندو هو.

لاڙ جي قديم بين الاقوامي اوطاقن جي حيثيت رکندڙ اوطاقن ۾ ٿيندڙ ڪچهرين ۽ انساني ميل جول جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ طرف نون لفظن جو اضافو ٿيو ته ٻئي طرف انهي انساني لاڳاپن جي ذريعي خيالن جي مٽا سٽا سنڌي لوڪ ادب جي شاهوڪاريءَ جو سبب بڻي. مثال طور انهيءَ مٽا سٽا جي نتيجي ۾ اولهه ۽ اوڀر جي ملڪن جا ڪيترا قصا سنڌ جي اوطاقن جي ڪچهرين ۾ ورجائجڻ لڳا، شيرين فرهاد، سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال، روپ بسنت، طوطو مينا، جان عالم ۽ انجمن آرا، ليليٰ مجنون، داستان امير حمزو ۽ عمر عيار ايران جي قباد بادشاه، راڻي دل آرام ۽ سندس عقلمند وزير بزر جمهر جون ڪهاڻيون، نوشيروان عادل جا داستان، حاتم طائي، ممتاز دمسان چار درويش، سنڌ باد سيلانيءَ جا ست سفر وغيره کان سواءِ عربي ادب جي الف ليلوي داستانن جي ڪيترين ڪهاڻين، لاڙ جي

اوطاقن ۾ ڪچهرين دوران سنڌي قصن جو رُوپ ورتو. انهن قصن جي مقبوليت سبب اهي قصا پڻ اڳتي هلي سنڌي لوڪ ادب جو حصو بنجي ويا. سنڌ جي ڀانن وري سنڌي ٻوليءَ ۾ نثر ۽ نظم جي سنگم سان داستان گوئيءَ جي فن ۾ اضافو ڪندي، سنڌ ۾ ڳاهن سان ڳالهيون ٿاهي لوڪ ادب جي سونهن ۾ اضافو ڪيو. هن مان سنڌ جي ذات ڏٽين جي ڪلا جي اوچائي ۽ تخليقي سگهہ سان گڏ ٻڌندڙن جي رنگين مزاج ۽ دلچسپيءَ جو پتو پڻ پوي ٿو. اهي ڳاهن واريون ڳالهيون واپاري قافلن جي سفر دوران وڏي وندر بڻجي ويون. جنهن مان اڳتي هلي سنڌي شاعريءَ ۾ وري نثر بيت جي ڪچهرين جو رواج پيو. نثر بيت جي ڪچهرين ۾ وري بيت جي آخر ۾ هونگارو هڻڻ وقت سڄي ڪچهري ۾ شريڪ ماڻهن جي شرڪت، گڏيل دلچسپيءَ جي هڪ اعليٰ اظهار جو نمونو آهي، جيڪو ايراني ۽ سنڌي تهذيب جي سنگم جو وڏو اهڃاڻ آهي، عربي ادب کان متاثر ٿيندي سنڌيءَ ۾ رزميہ داستانن جي شاندار اوسر ٿي، جنهن ۾ پنرو ٻڌاماڻي، تاجن منڌرو ۽ دودي چنيسر جو داستان، سرفهرست آهي. ايراني ۽ عربي عشقيہ داستانن جي ساحرانہ اثرن سنڌي ٻوليءَ جي لافاني عشقيہ داستانن، ۽ سماجي اظهار جي نمائندگي ڪندڙ ڪردارن بابت لافاني ڪهاڻين کي جنم ڏنو جن ۾ وري ڏُمڻ سونارو، ڄام ڄراڙ ۽ ٻُوبنا، لاکو ڦُلاڻي ۽ اوڏڻ، ڍولا مارُو ٻروو ۽ رِپ، سسئي پُنهون، سورٺ راءِ ڏِياچ، لِيلا، چنيسر، سُهڻي ميهار، مُومل راڻو عُمر مارئي، دولهہ دريا خان ۽ هَمُون ٻائي، ڄام اُڏو ۽ هوٿل پَري وغيره جهڙن داستانن جو لاڙ جي ڪچهرين ۽ ميلن جي محفلن ۾ وڏو ورجاءُ رهيو جن قصن جي ڪردارن ۽ حالتن ۾ انساني ڪمزورين، بهادرين، وفا، ويساهہ، لالچ، ۽ قربانيءَ جهڙن روين کان علاوه، سنڌ جي ويجهڙائيءَ وارن علائقن، بلوچستان، پنجاب، ڪڇ، گجرات، راجستان

وغيره سان ويجهڙائي وارن سماجي لاڳاپن ۽ ميل جول، وڻج واپار جا اُهڃاڻ ملن ٿا. انهيءَ مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ لاڙ ۾ لڳندڙ واپاري ميلا ۽ انهن ۾ ٿيندڙ انساني ميل ميلاپ پڻ سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاري جو سبب بڻيو. جنهن سان پڻ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۾ شاندار اضافو ٿيو . شاه صاحب جي شاعريءَ جي ستن سُورمين ۽ ڏهن ڏاتارن جون سموريون ڪهاڻيون ۽ انهن جا ڪردار پڻ لاڙ جي ڪڇهرين ۾ جنم وٺندڙ داستان آهن. جيڪي داستان شاهہ صاحب لاڙ جي بندرگاه 'علي بندر' ۽ قديم خشڪي ذريعي اولهہ ۽ اوڀر جي ملڪن کي ڳنڍيندڙ ڪڇ جي رڻ جي ڪناري واري رستي تي موجود قديم اوطاق "ٻڙ جي ڀوري" تي ٻڌا. شاهہ صاحب هن ئي رڻ جي ڪنڌي واري تاريخي اوطاق تي ايندڙ ويندڙ مسافرن جي واتان، ڀڳت ڪبير، دادو ديال، تلسيداس جي شاعري ٻڌي، ان ڪانسواءِ شاهہ صاحب لاڙ جي خشڪي واپار تي صدين کان ڏاڪو ڄمائيندڙ جتن، ۽ سامونڊي رستن تي حڪمراني ڪندڙ ملاحن، ۽ سامونڊي گودين تي مزدوري ڪندڙ ۽ واپاري حساب ڪتاب رکندڙ نوحاڻي، منڊرن، ۽ چمڙي جو واپار ڪندڙ ۽ چمڙي مان شاندار شيون ٺاهيندڙ مينگھواڙن کان پڻ شاهہ صاحب ڪيترائي ماضيءَ جا داستان ٻُڌا ۽ هينئين سان هنڊايا. اڄ بہ لاڙ جا نوحاڻي، منڊرا، مينگھواڙ جت، ملاح، سوناراِ راهمان، سومرا، سما، مهيري، چالڪا ۽ ڀيان، وغيره سنڌي ٻوليءَ جا اهڙا انيڪ لفظ ڳالهائن ٿا، جن کي اڃا مڪمل طور گڏ نہ ڪرڻ ڪانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جي لغت اڻ مڪمل سمجهي ويندي. سنڌي شاعريءَ جي قديم شاعر ٺٽي جي اسحاق لوهار ( آهنگر ) کان وٺي ماموئي فقيرن، مرڪان شيخڻ، مائي جنان جتڻ، مائي سُڪان اوڏڻ، ڀاڳو ڀان، شاهہ ڪريم، خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري، خليفي نبي بخش 'قاسم'، حافظ حامد، مياں عيسي،

محمد هاشم مخلص، احمد فقير مستان، سونو خان لغاريءَ کان ٿيندي ويجهڙائيءَ جي لاڙ جي شاعرن، مولوي احمد ملاح، شمشيرالحيدري، ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي، محمد خان مجيدي، ڪيڙ چانگ، مُبين ٻِنائِي، وغيره جي شاعري ۾سنڌي ٻوليءَ جي نِج لفظن جو اڻکٽ ڀنڊار موجود آهي، جنهن ۾ اڄا به ڳولا ڪرڻ سان ڪيترا سنڌي ٻوليءَ جا نوان لفظ نڪري نروار ٿيندا. جن تي سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ ادارن کي توجهه ڏيڻ گهرجي. انهيءَ ڪري اهو وڏي واڪي چئي سگهجي ٿو ته نه صرف شاه صاحب جي شاعري، پر سموري سنڌي ادب جو ٿنو حصو لاڙمان جنم وٺي سنڌي ادب جو حصو بڻيو.

سنڌو درياهه تي بئراج ٺهڻ بعد جڏهن هن علائقي ۾ ٻُڪ ۽ بدحالي، تاريخ ۾ پهريون ڀيرو قدم رکيو، ته وري هن علائقي کان سمورا انساني رابطا ڪٽجي ويا. انهي ڪري هتان جي ٻوليءَ تي ٻاهريون اثر گهٽ پيو. انهي لاءِ هن علائقي جي ٻولي، اڄ به ميلي مان وچايل ٻار جي ٻوليءَ جيان نج ۽ شاهوڪار آهي.

هن سموري جائزي وٺڻ بعد انهي نتيجي تي پهچجي ٿو ته لاڙ سنڌ جو اهو علائقو آهي، جتي تاريخي لحاظ کان بين الاقوامي طور انساني ميل جول ۽ رابطو وڏيڪ گهرو رهيو. هتي نه صرف سنڌي ٻولي لفظن جي خزاني سان مالا مال ٿي، پر لاڙ جي علائقي ۾ سرجندڙ سنڌي ٻوليءَ جا نشان اڄ به پوري دنيا ۾ موجود آهن. جن جي بنياد تي نه صرف ٻولي، پر سنڌي سماج جي وڃايل وجود جا پيرا کڻي، پنهنجي تاريخ نئين سر جوڙي سگهجي ٿي.

# حوالا


1. سنڌو سئووير ـ گنگارام سمرات.
2. ڀٽائي جا بديڻ تان ڀيرا ـ محمد سومار شيخ
3. بدين ضلعي جو مطالعو ـ مرتب: محمد سومار شيخ
4. عرب و هند ڪي تعلقات ـ علامہ سليمان ندوي
5. سنڌ ۾ ميلن جو ڪردار مقالو: مشڪور ڦلڪارو لاڙ صدين کان سيمينار ۾ پڙهيل، ترتيب: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو.
6. تاريخ تمدن سنڌ ـ رحيمداد مولائي شيدائي
7. لاڙ جا بيت ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
8. ڳاهن سان ڳالهيون ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
9. ڪلام مرڪان شيخڻ ـ محمد سومار شيخ
10. ٿر جي لوڪ ڏاهپ ۽ سائنس: مشڪور ڦلڪارو
11. سنڌ ۽ سچ جي ساڃاهہ: مشڪور ڦلڪارو
12. سنڌ جي تاريخ جي ڳولا جو سفر: مشڪور ڦلڪارو (اڻ ڇپيل)
13. Sindhi language and literature , by; Anwar Pirzado.
14. Sindhi Language , by ; SIRAJ
15. The Peoples and The Land Of Sindh , by: Ahmed Abdullah

# سنڌي لسانيات ۾ محمد سومار شيخ جون خدمتون

_ هدايت پريم

محمد سومار شيخ صاحب جن جي دلچسپي، سنڌي اب جي گهڻن ئي پهلوئن سان هئي، سنڌي شاعري، ادب جي تاريخ، ثقافت جي تاريخ ۽ لوڪ ادب سان گڏ لسانيات ۾ پڻ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون اٿائين. سندس لکيل ڪتابن جو ڳاڻيٽو ڇهن سون کان مٿي آهي، جن مان چوٿائي کن مس ڇپيل آهي ۽ ٻيا قلمي نسخن جي صورت ۾ محفوظ آهن. (1) هونئن ته محمد سومار شيخ صاحب جي لکڻين ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ڪافي ڪجهه لکيل نظر اچي ٿو پر جن ڪتابن ۾ لسانيات جي حوالي سان ڪاوشون ڪيل آهن، تن مان مکيه طور هي آهن: ڪڇين جا قول، آريائي زبانون، سنڌي ٻولي 5 هزار ورهيه اڳ، سنڌي ۽ پراڪرت، سنڌي اور پراڪرت (اردو) سنڌي ۽ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ آوازن جا تبادلا.

"ڪڇين جا قول" ڪتاب ۾ محمد سومار 'ڪڇ جي ٻوليءَ' جي سري هيٺ، ڪڇ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ تي ڪوجنائي مضمون لکيو آهي، ڪڇي يقيني طور تي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ Dialect محاورو آهي، اهڙو اظهار محمد سومار به ڪري ٿو:

"ڪڇي ٻولي، اسان جي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ننڍو دفمو آهي ۽ اهڙو درجو رکي ٿي، جهڙو سنڌ ۾ ترين، لاڙي، اترادي وغيره لهجا رکن ٿا.(2)

ڪڇي محاوري جون، سنڌي ٻوليءَ جي معياري محاوري سان ڀيٽ ڪندي، ترتيبوار نحوي بناوتون، تلفظ ۽ اکرن جي مٽا سٽا جا

مثال سلسليوار ڏنا اٿائين. جيڪو سندس محنت جو بيمثال ثبوت آهي. اکرن جي متا ستا ۾ "س" ۽ "هه" جي متا ستا تاريخي اعتبار کان جاچائي اٿس. جنهن جا نهڪندڙ مثال پيش ڪيا اٿس. معياري سنڌي ۽ ڪڇي جي متا ستا وينجن توڙي سُرن جي تفصيل سان ڏني وئي آهي. جنهن جو داد ڏيڻ گهرجي.

جهڙي طرح محمد سومار شيخ صاحب کي ادب ۽ ثقافت سان لنئون لڳل هئي، تهڙي طرح لسانيات سان به سندس پيچ پئجي ويو هيءُ موضوع عام طور تي هڪ خشڪ موضوع سمجهيو ويندو آهي. پر هن موضوع کي پنهنجو حسن به آهي ته رنگينيون به آهن. بشرطيڪ ڪجهه بنيادي اصولن ۽ قاعدن قانونن جي مناسب ڄاڻ هجي. جيڪا شيخ صاحب وٽ موجود هئي. هن موضوع جي باري ۾ شيخ صاحب پاڻ لکيو آهي:

"لسانيات به هڪ عجيب گورک ڌنڌو آهي. جنهن کي ان جي چس آئي، سو ڄڻڪ هميشه انهيءَ جو ٿيو. موضوع سخت خشڪ آهي، پر منهنجي خيال ۾ تحقيق موجب منجهس جيڪي چاشنيون آهن ۽ قومن جي چرپر آهي، سا ڏسيو هڪ لاثاني ناول کان به وڌيڪ سليس ۽ سهڻو موضوع ٿيو پوي ۽ ڏکيائي ته ذري جي به نظر نه ٿي اچي، اُلٽو شوق ۽ ذوق، رات ڏينهن انهيءَ شوق کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪتابن پٺيان ڪتاب ٿو ڪٺائي، ۽ هڪ ڳالهه مان ٻي ڳالهه پيدا ٿي ٿئي، جو ڳالهه مان ڳالهوڙو ٿيو ٿو پوي. مون رڳو "س" ۽ "هه" جي تبادلي کي ڏسڻ شروع ڪيو ته اُن مان ايترا ته موضوع ڦُٽي نڪتا جو عمر ساري رُڳو انهن تي پيو پڙهان ۽ لِکان ته به ٿورو آهي. انهيءَ ڏس موجب مون سنڌي سنسڪرت جهڙي ڏکئي موضوع کي هٿ ۾ کنيو آهي. وس وڌا ڪيا اٿم. پر ڪٿي تيڙ ڪائي ويو هوندس ته شڪ نه آهي." (3)

ٿيڙ تہ شيخ صاحب ڪونہ ڪاڏا آهن. پر افسوس هي آهي تہ شيخ صاحب پنهنجا زرين خيالات ۽ نظريات صرف ٽن اُصولن تي مرڪوز ڪيا آهن. تن مان بہ هڪ غير لسانياتي آهي. حالانڪہ لسانيات جي ڪِن تمام اهم ڪتابن جا حوالا ڏنا اٿائين. جن کي پڙهڻ بعد سندس لسانيات جي ڄاڻ ۾ معلومات وسيع ٿي چڪي هئي. 'ڪڇين جا قول' ڪتاب ۾ لساني جاگرافيءَ جي اُصولن تحت تجزيو ڪيل آهي. پر اصل ۾ لسانيات جي موضوع تي شيخ صاحب جا اهم ڪتاب 'سنڌي ۽ سنسڪرت'. 'سنڌي ۽ پراڪرت'. 'سنڌي ٻولي 5 هزار ورهيہ اڳ' ۽ 'سنڌيءَ ۾ آوازن جا تبادلا' آهي. سندس نظريا ٽن اُصولن تحت قائم ڪيل آهن:

1. هڪ قوم۔ هڪ ٻولي
2. آوازي تبادلا
3. مختلف رسم الخطن جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪرڻ.

ٻولين جي قديم توڙي جديد تاريخ جاچڻ. پرکڻ نج لسانياتي ڪم آهي. جنهن ۾ ثابتين ۽ شاهدين بہ لسانياتي ڏيڻ گهرجن. اهڙو رايو اڄڪلهہ مجيل آهي. جديد تحقيق مطابق هاڻ هڪ قوم۔ هڪ ٻوليءَ جو نظريو رد ٿي چُڪو آهي. اِنَ بہ ڪيترين ئي قومون هڪ ٻولي ڳالهائين ٿيون ۽ هڪ قوم ڪيترين ئي ٻولين استعمال ڪري ٿي. اهڙا مثال ملن ٿا. قومن (Races) جو مطالعو بہ جديد طور تي ٿي رهيو آهي. قومن جي قدامت کي ٻولين جي قدامت سمجهڻ بہ درست تصور ڪونہ ٿو ڪيو وڃي. تاريخي لسانيات جا اصول لسانياتي شاهدين جي تقاضا ڪن ٿا ۽ غير لساني شاهدين کي پروسي جوڳو تصور نہ ٿو ڪيو وڃي.(4)

'آوازن جا تبادلا' شيخ صاحب جو محبوب مشغلو معلوم ٿئي ٿو. 'سنڌيءَ ۾ آوازن جا تبادلا' ڪتاب ۾ بيحد دلچسپ آوازي تبادلا ڏنا

اٿس. ٻوليءَ ۾ آوازن جي بدل سدل لاءِ وڏا ٽي سبب ڄاڻايا اٿس، سي هي آهن:

1. پراڻي رسم الخط
2. غلط اچارڻ
3. ڏار ڏار لهجا/محاورا. (5)

ٻوليءَ ۾ آوازن جي تبديل ٿيڻ جا ٻيا به ڪيترائي مکيه ڪارڻ آهن. جهڙوڪ: مختلف ٻولين ڳالهائيندڙ قومن جو پاڻ ۾ ميلاپ ۽ سماجي دٻاون جا اثرات وغيره به آهن. سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کي ثابت ڪرڻ ۽ شيخ محمد سومار مذڪوره آوازي تبادلن کي پڻ بنياد بڻايو آهي.

"سنڌي ۽ سنسڪرت" ڪتاب ۾ شيخ صاحب، الف- بي وار صوتياتي ڦيرگهير تي وضاحت سان نظر وڌي آهي ۽ سنڌس چواڻي، سنڌيپ جي قديم رُخ تي پهچڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ قديم سنڌي خط کي پڙهڻ جي وڏي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ اڪثر ڪري ديوناگري، گجراتي، هٽي، خوجڪي، ڪروشني، برهمي ۽ رومن اکرن جي لکت واري صورت جي پيٽ ڪئي وئي آهي ۽ اُنهن مان نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن، "ڪ" اکر جو ذڪر ڪندي، نامور ماهرين لسانيات گِرم ۽ ورنر جي قانون –اصل ٻوليءَ جو "ڪ" ٻين ٻولين ۾ "ک" ٿيو موجب سنڌيءَ ۾ "ڪ" آواز اڳ ئي موجود آهي، جيڪو سنسڪرت ۾ به ڦري "ک" ٿي چڪو آهي، اُن جا ڪيترائي مثال ڏنا اٿائين. (6) اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي سنسڪرت کان وڌيڪ قديم ٻولي ثابت ڪئي اٿائين.

'سنڌي ۽ پراڪرت' ڪتاب شيخ صاحب جي ڄاڪوڙ جو هڪ بيحد اهم دستاويز آهي، هن ڪتاب جو بنياد هيٺين ٽن اُصولن تي رکيل آهي:

دنيا جي قديم بستي—سنڌ.

سنڌ جون قديم قومون.

قديم سنڌي رسم الخط

شيخ صاحب موجب: "تحقيقاتي ۽ تاريخي نڪتہ نظر سان هيءَ حقيقت واضح آهي تہ سنسڪرت کان سنڌي گهڻو قديم هئي ۽ سنسڪرت تي صوتياتي اثر اٽڪل روءِ 75 سيڪڙو سنڌيءَ جو ڇانيل هو." (7)

پراڪرت جي لاءِ شيخ محمد سومار پنهنجو هڪ منفرد نظريو رکي ٿو سندس خيال موجب:

"سنڌي زبان لاءِ ٻہ انقلاب وڏا آيا. هڪ آرين کان اڳ وارين اينڊرٖ قومن وارو انقلاب ۽ ٻيو آرين جي اچڻ وارو انقلاب. انهن ٻنهي انقلابن مان ۽ ٻولين جي ميل ميلاپ مان هڪ نئين مبهم ٻوليءَ جنم ورتو جنهن جا آثار آرين کان اڳ بہ موجود هئا ۽ آرين جي اچڻ وقت اُهي آثار گهرا ٿيا ۽ انهيءَ ڪري هڪ نئين ٻولي پيدا ٿي، جنهن کي پراڪرت ٿو چئجي." (8)

دراصل 'پراڪرت' لفظ جي معنيٰ آهي، غير مصنوعي يا فطري زبان. جنهن جي ڀيٽ ۾ سنسڪرت جي معنيٰ آهي. 'صاف ڪيل' يا 'پاڪيزه ٻولي' قديم ڀارتي ناٽڪن ۾ بادشاهہ وزير ۽ امير سنسڪرت مڪالما ڳالهائيندي ڏيکاريا ويا آهن. ڪلاسيڪي سنسڪرت، ويدن جي زماني واري ويدڪ سنسڪرت مان ترقي ڪري برهمڻن ۽ پنڊتن جي علمي ڪوششن سان پاڪ پوتر ۽ مذهبي ٻولي بڻي.

هند آريائي ٻولين جي تاريخ جي مطالعي مان هيءَ ڳالهہ صاف ظاهر ٿئي ٿي تہ اشوڪ اعظم جا اڪر ڪرايل ڪتبا (250 ق-م) ۽ پاتنجلي جون تحريرون (150 ق-م) ظاهر ڪن ٿيون تہ ٽين صدي قبل مسيح تائين هڪ آريائي زبان اتر هندستان ۾ رائج هئي. (9)

سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ قدامت جي باري ۾ شيخ محمد سومار هڪ اهم نظريو قائم ڪيو آهي، جيڪو ڏيان جوڳو آهي، شيخ صاحب جي چوڻ مطابق:

"موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ تمدن کان پوءِ آريا آيا ۽ اهي قديم قومن سان مليا، انهن جي تهذيب، مذهب ۽ ٻوليءَ تي سنڌيپ جو تمام وڏو اثر پيو. انهن جي مقدس زبان" ديوباني" به سنڌي لفظن جي اجمتاع جي سامهون سينو ساهي نه سگهي ۽ پنهنجو وجود وڃائي ويٺي. "(10)

ساڳئي ڪتاب ۾ وڌيڪ صفحي نمبر 121 تي لکيو اٿس ته:
"آرين کي بيشڪ پنهنجي زبان هئي ۽ هو پاڻ سان پنهنجي زبان کڻي آيا هئا. مگر پنجاهه سالن کان پوءِ انهيءَ تي ايترو اثر رهيو اهو اثر سنڌي ٻوليءَ جو هو جو هوءَ اصل واري ٻولي ڏري گهٽ سمجهه کان مٿي تي وئي. خود اها آرين جي قديم زبان اجا پڙهجي نه سگهي آهي. هاڻي جي ئي ڳالهه ڪهڙي، خود انهيءَ ويدن واري وقت ۾ به آرين جي قديم زبان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان صاف انڪار ڪيو."(11)

شيخ صا حب جي خيال ۾ آريا اول اول سنڌ ۾ اچي رهيا ۽ آرين جي ٻوليءَ کي بگاڙيو ۽ وڌايو سنڌي ٻوليءَ ئي هو. جنهن جي هنگامي ۾ اچي آرين جي ٻولي ختم تي وئي، مگر سنجوڳ مان جيڪا وچان ٻولي پيدا ٿي، جهڙوڪ پراڪرت ۽ پوءِ ان مان پيدا ٿيل ٻيون ٻوليون. انهن تي سڌيءَ طرح نه، مگر اڻ سڌيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جو بنيادي اثر بذريعي سنسڪرت حائل آهي. سنسڪرت ۽ ان کان متاثر ٿيندڙ ٻولين تي سنڌي جو اهو رنگ پراڻي وقت کان چڙهيل آهي ۽ سنسڪرت جو جنهن به ٻوليءَ تي اثر هوندو انهيءَ تي سنڌيءَ جو اثر ازخود شامل ٿيو وڃي ٿو. چو ته سنسڪرت جو بنيادي ڍانچو سنڌ ۾ ئي سنڌي ٻوليءَ جي سنجوڳ مان ٺهيو هو.(12)

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت معلوم ڪرڻ لاءِ نوس دستاويزي ثبوت يعني لکيتن جي غير موجودگيءَ ۾ بيحد پيچيده ۽ ڏکيو عمل آهي. سنڌي ٻولي ٻه هزار ورهيه يا ٽي هزار ورهيه اڳ ڪهڙي روپ ۾ هئي،سندس صوتياتي، غوياتي ڍانچو ڪيئن هو ڪوبه احوال معلوم نه آهي. 5 هزار ورهيه پراڻن سنڌو سڀيتا جي کنڊرن مان مليل مهرون پڙهڻ جون ڪجهه ڪوششون ضرور ٿيون آهن، پر ان ٻوليءَ کي صوتي قدرن ۾ تبديل نه ٿو ڪري سگهجي، ان جي رڳو معنوي پهلوئن تي روشني وڌي وئي آهي. اها سنڌ جي آڳاٽي ٻولي ته ضرور هئي. پر ان جو موجوده سنڌي ٻوليءَ سان رشتو قائم ڪرڻ ناممڪن ته نه پر دشوار ضرور آهي. آوازي تبادلا ۽ قديم رسم الخط جي پيٽ ڪرڻ ناڪافي ثبوت فراهم ڪن ٿا. تاريخي لسانيات جي ڪجهه اهم اصولن جهڙوڪ صوتي، صوتياتي، غوياتي، معنوياتي ۽ سماجياتي پهلوئن جو تاريخي اعتبار کان مطالعو ڪرڻ ۽ ٻين انهن سمورين ٻولين جا اثرات جانچڻ جيڪي تاريخي دورن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان واسطي ۾ رهيون، ان سموري ڪم بعد ئي سنڌي ٻوليءَ جي اهڙي قدامت واري هام هڻي سگهبي.

شيخ محمد سومار جون سنڌي لسانيات ۾ ڪيل خدمتون بيحد اهم آهن ۽ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سدائين يادگار رهنديون. خاص ڪري "سنڌ ۽ پراڪرت" ۽ "سنڌي ۽ سنسڪرت" ڪتاب ۾ ڏنل وڏا تفصيل (Exhaustive Data) جيڪي سنڌي، سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظن جو هڪ ڀنڊار آهي، آئينده تحقيق لاءِ هڪ مفيد بنياد فراهم ڪري ٿو. سندس اڻ ڇپيل ڪتابن کي ڇپائڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي، بلڪ سندس نظرين کي اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرڻ گهرجي.

# حوالا


1. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي ادب جي تاريخ" 1983ع ص:300.
2. محمد سومار شيخ، "ڪڇين جا قول" 1977ع. ص: 49.
3. محمد سومار شيخ، "سنڌي ۽ سنسڪرت" (اڻ ڇپيل) ص: 7 _ 8
4. بائنن، ٿيوڊورا، "هسٽاريڪل لنگئسٽڪس" ص: 74_ 262.
5. محمد سومار شيخ، "سنڌيءَ ۾ آوازن جا تبادلا" ص:7
6. محمد سومار شيخ، "سنڌي ۽ سنسڪرت" (اڻ ڇپايل) ص: 178.
7. محمد سومار شيخ، "پراڪرت" (اڻ ڇپيل) ص: 6.
8. محمد سومار شيخ، "سنڌي ۽ پراڪرت" (اڻ ڇپايل) ص: 18.
9. ڊاڪٽر عبدالحق مهر، "ملتاني زبان اور اس ڪا اردو سي تعلق" ص:28.
10. محمد سومار شيخ، "سنڌي ۽ پراڪرت" ص:113.
11. محمد سومار شيخ، "سنڌي ۽ پراڪرت" ص:121.
12 _ محمد سومار شيخ، "سنڌي ۽ پراڪرت" ص: 123


[ڪتاب لاڙ جو مطالعو تان ورتل]

✦

# ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جون سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ ڪيل خدمتون

-ڊاڪٽر تهمينه مفتي

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو جنم 26 نومبر 1935ع تي ڳوٺ فتح شاهه ۾ ٿيو. سندس ننڍپڻ رواجي ٻارن وانگر گذريو. تعليم جي حوالي سان 1946ع ۾ هڪ انگريزي اسڪول ۾ چار درجا پاس ڪيائين. کيس اُن دور ۾ اهڙا استاد مليا، جن جي تعريف به ڪئي اٿس. سندس استاد عبدالجبار جمالي ۽ سائين هيرانند جن کيس انگريزي سنڌي پڙهائي، ۽ کيس ٻولين جي گرامر بابت تعليم ڏني، جنهن جو اظهار تحريري ۽ علمي ادبي ڪچهرين ۾ ڪيو اٿائين. تان جو 1960ع ۾ سچل ڪاليج ۾ جونيئر ليڪچرر مقرر ٿيو. ٻن سالن کان پوءِ 21 آگسٽ 1962ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. 1974ع ۾ 'سنڌي شاعريءَ تي فارسيءَ جو اثر' جي عنوان سان تحقيقي مقالو لکي، پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ڪيترن ئي عهدن تي رهيا. سنڌي شعبي جا چيئرمئن سربراه، پوءِ ڊين فيڪلٽي آف آرٽس، سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمئن، 1993ع ۾ به ٿيا. 1995ع ۾ پروفيسر ۽ ڊين جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ 2003ع ۾ لاڙ ميوزيم جا سربراهه ڊائريڪٽر مقرر ٿيا. سنڌ جي هن ناليواري محقق جون ادب جي ميدان ۾ علمي خدمتون گذريل پنجاهه سالن جي دور جون ثمرات آهن. 73 ڪتابن جي مصنف، ڊاڪٽر عبدالجبار

جوڻيجي جا پسنديده موضوع ٻولي، لطيفيات ۽ ڪيترائي علمي موضوع شامل آهن. سچل، سامي، اياز ۽ تنوير عباسيءَ تي پڻ قلم کنيائون. سرائيڪي، فارسي، چيني، انگريزي ۽ اردو ٻولين جا ماهر هئا. مختلف موضوعن تي تحقيق ڪرڻ جي رٿابندي ڪرڻ، سندن پسنديده ڪم هو. تنقيد علمي ڏانءَ ۽ اُن مطابق ٻوليءَ جو استعمال، سندن لکڻين مان ظاهر آهي. "ڪنز الطيف" اُن جو مثال آهي ۽ ٻيا ڪيترائي مقالا اُن جي ساک ڀرين ٿا. ادب جي تاريخ تي ڪيترن ئي عنوانن سان لاڳيتو سنڌي ادب جو دامن ڀري ڇڏيائون. 'سنڌي ادب جي مختصر تاريخ' 1975ع ۾، ۽ پوءِ اُن جو هڪ سلسلو ۽ وري ادبي تاريخ جا ٽي جلد سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپيا. سي ڪنهن کان گهٽ ناهن. مضمونن ۽ مقالن جا مثال: مالهين جو دڙو جهپسي، ملڻ ڪوٽ ۾ ٻه ڏينهن، سنڌي الف ـ ب جي ارتقا، وزن جو مسئلو شاهه جي شعرن جو وزن، حيدرآباد جو قلعو ۽ هڪ گذارش هن دل جي، اهي ئي چند مثال آهن، جيڪي سندن علميت ۽ ادب جي خدمت کي ظاهر ڪن ٿا.

ماهر لطيفيات، تاريخ دان، تنقيد نگار ٻولي ۽ لسانيات جي ماهر جي حيثيت ۾ سندن ڪم بي مثال ۽ فني آهي. خاص طرح، لاڙ جي ٻولي، محاورا، لغات ۽ سنڌس ٻوليءَ جي مختلف علائقن جا اُچار "ٻه ڳالهيون اُچارن بابت" ٻوليءَ جي ماهيت اهم علمي جاکوڙ آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجين لکڻين جو آغاز شعر لکڻ سان 1951ع ۾ ڪيو. شعر، افسانا، مضمون ۽ مقالا لکيائين. سندس پهرئين تصنيف 'سوڪڙي' 1956ع ۾ منظر عام تي آئي. هي سماجي حقيقتن تي ٻڌل ڪهاڻين جو مجموعو آهي. 1976ع ۾ 'مرگهه ترشنا' جي نالي سان سندن شعري مجموعو شايع ٿيو. ٻيو مجموعو 'مردنگ' 1995ع ۾ ڇپيو. ٻارن لاءِ ٻه شعر ڇپيائين. هو سنسڪرت کي

سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد سمجهي ٿو. اهو خيال سندس تحريرن مان معلوم ٿئي ٿو.

’ڪنمال‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران 2002ع ۾ ڇپيو جنهن جي ابتدا ئي نهايت اهم موضوعن سان ٿيل آهي. ”سنڌي هڪ قديم زبان“، ”پيار جي ٻولي“، ”لاڙي محاورا: هڪ جائزو“، ”قديم سنڌي شاعريءَ جو جائزو“ وغيره. جهڙوڪ هن مجموعي ۾ 63 مختلف مقالا شامل آهن، جن ۾ مختلف علمي موضوعن تي بحث ڪيو ويو آهي. هر هڪ موضوع جي تحقيق ۽ فني طرح خوبين خامين کي بيان ڪيو ويو آهي. جديد توڙي، ڪلاسيڪي موضوعن تي طبع آزمائي ڪيل آهي. مصنف ”قديم سنڌي شعر جو مطالعو“ ۾ هن ريت پنهنجي خيالن جي پٺڀرائي ڪندي هيءَ دعويٰ ڪري ٿو:

”سنڌ، پراڻي زماني ۾ جيتري پکيڙ ۾ وڏيڪ هئي، اوترو سنڌي شاعريءَ جو دائرو وسيع هو. ڪڇ، گجرات، راجستان ۽ لس ٻيلي مان مليل سنڌي شعر اُن جو ثبوت آهن.“[1]

[جوڻيجو عبدالجبار، ’ڪنمال‘ صفحو: 40]

ثابتي طور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ محمد سومار شيخ جي ڪيل تحقيقي ڪم کي اهميت ڏيندي هندي شعر ۽ سنڌي شعر تي بحث ڪيو اٿس.

تصوف ۽ ويدانت، حقيقت ۽ مجاز جا عڪس هندي توڙي سنڌي شاعريءَ ۾ ڇانيل آهن. ۽ دوهو، سورٺو ٻڙو دوهو ۽ تنويري دوهو- هندي، گجراتي، ۽ سنڌيءَ ۾ هڪجهڙو آهي. تنقيدي حوالي سان، محرم خان سان اختلاف ڪندي پنهنجا دليل ڏنا اٿس. جيڪي علمي ۽ وزنائتا آهن. هڪ تنقيد نگار ۽ محقق جي حيثيت ۾ سندن تحقيقي ۽ فڪر انگيز خيال ۽ علمي، بحث وزن دار ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. ڪين ٻولين ۽ شعري اپياس سان خاص رغبت هئي. ڪين پنهنجي شهر

سان محبت هئي، ۽ ڳڻتي پڻ. ڇاڪاڻ جو ماضي وارو بدين، زوال پذير پئي نظر آيو. "بدين تاريخ ۽ تهذيب جي آئيني ۾" ۽ "واهه بديڻان تنهنجا ڀاڳ" جهڙو تخليقي مضمون لکيائون. هن مضمون ۾ لفظن جي نحوي صورتن کي طنزيه ۽ تنقيدي نموني ڄاڻائيندي لکن ٿا.

"جيتريون بدين لفظ جون نحوي صورتون آهن، اوترا ان جا مسئلا آهن. پڇبو ادا ڪيڏانهن ٿو وڃين ته جواب هوندو ته بدين، بديڻي يا بدينڻ پيو وڃان. مخاطب ائين ٿيو ته واهه بديڻان تنهنجا ڀاڳ." بدين لفظ جي نحوي صورتن کي نهايت ئي سنجيده، مسئلن جي روشنيءَ ۾ بيان ڪري ورتائون. جن اهو مضمون پڙهيو هوندو اُهي هن جي نفس، مضمون يا مواد کان واقف هوندا. "واهه بديڻان تنهنجو ڀاڳ" جي عنوان سان پهرين مرحوم سومار شيخ هڪ ننڍو ڪتابي سلسلو جاري ڪيو هو.

لطيفيات: 'پدمڻي'، 'شاهه لطيف اسان کي ڇا ٿو سيکاري'، 'شاهه لطيف هڪ مدبر استاد' جهڙا ۽ ٻيا ڪيترائي فني ۽ فڪري حوالي سان مقالا لکيائين، جن جو ذڪر پهرين ٿي چڪو آهي. "لطيفيات" جي عنوان سان، 'شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ببليوگرافي' سنڌالاجيءَ پاران ڇپرائي ويئي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو هڪ ماهر لسانيات جي طور به مڃيل آهي. ٻوليءَ تي سنڌن پسند، تحقيق، گرامر ۽ لسانيات جي اصولن موجب آهي. شاعري سنڌن پسنديده موضوع هو.

ادبي تاريخ: ادبي تاريخ جي لکڻ جو سلسلو 1973ع کان شروع ٿيو پهريون ڪتاب 'سنڌي ادب جي تاريخ' 2005 ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ڇپرايو. ادبي تاريخ جا هي ٽي جلد، نثر، ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعري، جديد نثر جي حوالي سان اهم آهن. ڊاڪٽر عبدالجبار کان پوءِ جن به تاريخ تي لکيو آهي، اُهو سنڌن ئي تاريخ تان ورتل آهي.

'ادبي تاريخ' (جنهن جا ٽئي جلد) تحقيقي، تنقيدي ۽ علمي طرح سان پنهنجو هڪ معيار ۽ مقام رکي ٿي. سنڌي ادب هڪ مطالعو ۽ پيا بہ سلسلا جاري ڪيائين. ادبي ۽ تاريخي سلسلا، ڪاليج جي سطح ۽ ملازمتن لاءِ اعليٰ امتحان ڏيندڙن جي علمي ڪوٽ کي پورو ڪن ٿا.

سنڌن هڪ ٻئي ڪتاب 'زنبيل' ۾ علمي، ادبي، مضمون، مقالا، سفر ۽ ملاقاتون، شخصيتون ۽ جائزا، تاثر ۽ تبصرا شامل آهن، جن جو تعداد ڪُل ملائي 107 ٿيندو. هي مواد علمي مسئلن ۽ مونجهارن کي سلجهائڻ ۾ مددگار آهي ۽ ان سان گڏوگڏ، مصنف جي ادبي ذوق، علميت ۽ محنت کي ظاهر ڪري ٿو جيڪو ڪم سنڌن شخصيت کي اعليٰ مقام ۽ درجو بخشي ٿو.

زنبيل ۾ بہ مقالا ٻوليءَ بابت، سنڌي زبان جي لاڙي محاوري جا ڪي پهلو ۽ لاڙي محاوري جو هڪ جائزو اُن ڪانسواءِ شاعرن جي ڪلام عام چوڻين، ۽ لاڙي محاوري بابت مقالا منهنجي خيال ۾ لاڙ جي لغات جو ڪن علمي ۽ فني نڪتن تي اڳتي وڌايل سلسلو آهي. ڪن اهم شاعرن جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ لاڙي محاوري کي بيان ڪيو ويو آهي. ڪنمال ۾ آيل مقالو 'پيار جي ٻولي' ۽ 'زنبيل ۾ 'سنڌي ادب زبان ۽ ايڪيهين صديءَ جون ضرورتون' اهم تنقيدي مقالا آهن. 'پيار جي ٻولي' مقالو 'استار اخبار' ۾ ڇپيل حليم بروهيءَ جي مضمون Sindhi an Emposed Language جو جواب آهي، جيڪو پهرين جولاءِ 1987ع تي ڇپيو. ڊاڪٽر جوڻيجو لکي ٿو تہ: "هڪ ليکڪ کي بيشڪ حق آهي تہ پنهنجي راءِ ظاهر ڪري، پر هي ليک بنيادي طور سنڌي ٻوليءَ خلاف زهر اوڳاڇڻ لاءِ لکيو ويو آهي. بنيادي طور ڳالهيون بہ سڀ غلط آهن. آءُ مختصر طور سنڌس خيالن کي رد ڪريان ٿو. افسوس جو ليکڪ نفرت کان ايترو تہ اکيون بند ڪيون آهن، جو بلوچن،

سرائيڪي ڳالهائيندڙن. گجراتين ۽ ڪاٺياواڙين سان گڏ سومرن ۽ سمن جي لاءِ بہ خيال اٿس تہ هو ڪڇي آهن. ڇا نہ ڪل جهڙو خيال آهي. سماٽ جي ٻولي سڀ کان اڳ سنڌي آهي، جيڪڏهن ڪي سومرا ۽ سما ڪڇ ۾ رهيا يا لڏي ڪٿي بہ رهيا تہ انهن جي ٻولي ڪڇي آهي، اُن ڪري سيني کي ڪڇي سڏڻ ڪنهن بہ طرح مناسب ڪونهي." هي نهايت، علمي، تاريخي بحث هو جنهن کي ڊاڪٽر جوٽيجي نڀايو.

حليم بروهي پنهنجي مضمون ۾ لکيو تہ "ڪولهي ۽ ڀيل، گجراتي ۽ ڪاٺياواڙي ڳالهائين ٿا." تنهن جو جواب ڊاڪٽر جوٽيجي هن ريت ڏنو:

"اِهي قبيلا پنهنجيون مخصوص زبانون ڳالهائين ٿا، جيڪي دراوڙي زبانون آهن، انهن سان ننڍا گروپ آهن. ڍاٽڪي ۽ مارواڙيءَ سان انهن جو لساني رابطو آهي. ڪيس خبر ٿي ناهي تہ پرواربون مڪمل ٻوليون، ايراضيءَ کان ٻاهر جون ٻوليون عام طرح محاورا نہ ٿينديون آهن. ڪڇيءَ جو صرف و نحو ۽ فعلي صورتون ساڳيون هئڻ ڪري سنڌي جو محاورو ڇاتو ويو سو بہ هڪ علمي معاملو آهي، اُن ۾ ڪا برماريت يا استحصال جي ڳالهہ ناهي. حليم بروهي کي شڪايت ۽ افسوس اهو هو تہ هر حڪومت سنڌي ٻوليءَ کي وڌايو آهي، اُن جي جواب ۾ ڊاڪٽر جوٽيجو چوي ٿو:[2] [ڪنمال: ص:15]

"سنڌ ۾ آباد ٿيندڙن، جي سنڌيءَ کي اختيار ڪيو تہ پيار جي ٻوليءَ طور ڪيو انهن تي مڙهي ڪونہ وئي، هي اسپرانتو نہ آهي، جو ڪنهن جي وڏائڻ سان وڌي ويندي هي پيار جي ٻولي آهي، پيار جي فطري ڌارا سان وڌي ٿي. ايجاد ڪيل مصنوعي deviced نہ آهي. سچل، بيدل، رکيل شاهہ ۽ ٻين ڪيترن ئي سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ ٻين ٻولين ۾ ڪلام چيو."[3]

[ڪنمال، ص 13،15]

زنبيل جي اهم مقالي 'سنڌي ادب زبان ۽ ايڪيهين صديءَ جون ضرورتون،' جنهن ۾ ڊاڪٽر جوڻيجي ڊڪشنرين جي ڇپجڻ جي تاريخ، ضرورت، اهميت ۽ انهن عالمن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جن هن ميدان ۾ ڪم ڪيو. ڊڪشنرين ۽ لغت جي ابتدا سترهين صديءَ کان شروع ٿي. ملا عبدالرشيد ٺٽوي وفات (1670) لغتون لکيون، جيڪي فارسي ۽ عربيءَ ۾ هيون، اُن سلسلي ۾ پهريون مقالو پروفيسر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو آهي. ٻيو اهم بحث هن مقالي ۾ زبان جي صحيح استعمال ۽ اُچارن بابت آهي. ريڊيو ٽي. وي، اخبارون ۽ عام گفتگوءَ کي دُرست ڪيئن رکجي، مثال: مورو ۾ هي واقعو ٿيو. بدران، موري ۾ هي واقعو ٿيو. لکيو پيو وڃي، اخبارون اهڙن خطن کي شايع نٿيون ڪن، جن ۾ سندن غلطين جي نشاندهي ٿيل آهي. دليل ڏيندي لکن ٿا: 'آءُ گهوڙي تي چڙهي مورو ويس'، جي اوهين آساني سان چئي سگهو ٿا تہ پنهنجو دليل اول رکو. اهڙي ريت 'مٺاڳ بدران مٺاڳ'، 'پڪو پهہ بدران ٻُهہ'، 'ڏياري موڪليو بدران موڪلي ڏياريو' وغيره مٿيان جملا ٻوليءَ ۾ بگاڙ پيدا ڪري رهيا آهن. جڏهن اسان ٻوليءَ جي فطري هئڻ ۾ يقين رکون ٿا تہ پوءِ ٻوليءَ جي فطري تبديلي کي اهميت ڏيڻي پوندي. سندن خيال اردو ٻوليءَ جي فطري تبديلي، ترقيءَ جو حصو آهي! ڊاڪٽر جوڻيجي سنڌي ادب جي تاريخ تي پڻ پنهنجو رايو ڏيندي رٿا کي پيش ڪيو.[4] [زنبيل ص 289، 290، 291]

ڊاڪٽر جوڻيجو اُن ڳالهہ ۾ يقين رکي ٿو تہ سنڌي ٻولي پنهنجي اڻ کُٽ قدرتي ذخيرن ۽ صوتياتي نظام جي ڪري زنده آهي. هوندي بہ سائنسي منطقي ۽ روشن خيالي ۽ حقيقت پسنديءَ جي هن دور ۾ جتي دهشت ۽ مذهب جي بنياد تي ڪوس پيو ٿي، اُتي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ اڳيرائي ڪرڻ، رٿا بندي ڪرڻ، هڪ اهڙي

شخصيت ئي ڪري سگهي ٿي، جنهن ۾ مستقل مزاجي هجي ۽ تنقيدي نظر هجي. اهي ٻئي سندن شخصيت جو جُز هيون.

لاڙ جي لغات: هي موضوع لسانيات جي حوالي سان آهي. هي نهايت اهم ڪتاب آهي. سنڌ جي لاڙ سان، واسطو رکندڙ محاوري جي اهميت ۽ ٻوليءَ جي وسعت کي ظاهر ڪري ٿو. سنڌ ۾ سماجياتي رنگ، انهن محاورن جي ڪري آهن. سندن رهڻي ڪهڻي، پنهنجن ڏڻن، جذبن ۽ گهاريندڙ زندگيءَ جو جواز آهن. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي لکن ٿا:

"ڪنهن به قوم ۽ ملڪ جي مادري ٻولي ان قوم لاءِ آرسيءَ سمان آهي، جنهن ۾ اُن قوم جي سماجي زندگي سڀيتاجو اولڙو ۽ عڪس نمايان نظر ايندو آهي. ٻولي ملڪ جي ماڻهن لاءِ اهڙو هٿيار ۽ ذريعو هوندي آهي، جنهن سان قوم جو هر فرد پنهنجن احساسن، اُمنگن، قومي لاڙن ۽ ضرورتن کي بيان ڪري سگهندو آهي. انهن حالتن ۾ ڪنهن به اديب، عالم پاران مادري ٻوليءَ جي خدمت ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڄاڻي ويندي." [5][جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، لاڙ جي لغات، مهاڳ،ص:19] هي لغت لفظن جي گروهن تاريخي پس منظر يعني لاڙ جي تاريخ ۽ جاگرافي ۽ ثقافت کي بيان ڪندي لاڙي محاوري جي پاڙيسري محاورن کي سمجهائي ٿي، جيڪو نهايت ئي ڳوڙهو ۽ پيچيده، تحقيقي موضوع آهي. ٻوليءَ جي حوالي سان نهايت ئي اهم تحرير آهي، جنهن ڪيترن ٻين محاورن جي مطالعي لاءِ رستو ڏَسيو آهي. ٻين لفظن ۾ ان ڪم جي ابتدا ڪئي وئي آهي. اُن سلسلي ۾ ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جو 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ'، اهم سرچشمو آهي. ڊاڪٽر جوڻيجي جي مٿين ڪتاب تي ڊاڪٽر الانا تنقيد پڻ ڪئي. 'سندس خيال موجب، هي مواد ليکڪ جو (لفظن جو

مطالعو) ذاتي اپياس آهي. اهڙو اظهار پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي' ۾ ڪيو آهي.

هي مڃيل اُصول آهي تہ تحقيق ذاتي خيال، ذاتي تجربي، علمي ۽ سائنسي اِدراڪ سان ئي شروع ٿيندي آهي. اسحاق نيوٽن بہ باغ ۾ صوف کي هيٺ ڪِرندو ڏٺو هو اُن تي سوچ ڪندي، خيال آيس تہ صوف هيٺ ڪِرڻ جي بجاءِ، مٿي ڇو نہ ويو! اُن ذاتي خيال ۽ ذاتي تجربي ڪشش ثقل (Low of gravity) جي قانون کي جنم ڏنو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، لفظن جي چونڊ لاءِ بيت ۽ لفظن جي قسمن کي بيان ڪيو آهي، لکن ٿا:

"جن لفظن کي مقامي يا مخصوص لفظ سڏيو وڃي ٿو تن ۾ ٽن قسمن جا لفظ آهن. هڪڙا اُهي لفظ آهن، جيڪي معياري محاوري (Standard Dialect) ۾ موجود آهن. پر لاڙي محاوري ۾ انهن جو اُچار ٻيو آهي. ٻيا لفظ اُهي آهن، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن ٻئي محاوري ۾ آهن. ۽ ٽيان اُهي لفظ آهن، جيڪي فقط لاڙي محاوري ۾ آهن. هي ٽيئي گروهہ وڏيڪ اهم آهي. ان گروهہ جا لفظ ئي گهٽي مان گهٽا هن لغت ۾ آندل آهن."[6]

[جوڻيجو عبدالجبار 'لاڙجي لغات' ص:79]

ڊاڪٽر صاحب هن لغت ۾ گهڻن لفظن جي ڳالهہ ڪئي آهي ۽ ان جو تعداد 600 کان مٿي آهي، منهنجي خيال ۾ تعداد اجا بہ وڏيڪ هئڻ گهرجي ها.

پنهنجي هڪ مقالي 'سنڌي ٻوليءَ جا محاورا' (مهراڻ ۾ ڇپيل) ۾ لکن ٿا:

"اڪثر محققن محاوري کي لهجو بہ چيو. گهڻن محاورو ئي سڏيو. اُن ڪري معنيٰ جي فرق کي ذهن ۾ رکندي محاورو Dialect ۽

لهجو Accent ۾ جدا جدا اصطلاح ڄاڻڻ کپن. هونئن تہ محاورو ڏنل ٻوليءَ جي هڪ ايراضي ۾ هڪڙو تہ ٻي ايراضيءَ ۾ ٻيو ٿئي ٿو پر لسانياتي تجزيي مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ڪي بہ ماڻهو هڪ جهڙو ڪونہ ٿا ڳالهائن. ۽ ذاتي اُچار کي Idiolect چئبو." [7] [ص 142، مهراڻ 3/1992ع]

متئين مقالي ۾ ٿي 'سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي'، (مصنف ڊاڪٽر غلام علي الانا) تي محترم عمر چند ۽ ڊاڪٽر جوڻيجي تنقيد ڪئي. ڄاڪاڻ تہ ڊاڪٽر الانا جي ڪيل تحقيق سنڌ کان ٻاهر جتي سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، ان جي ڦهلاءَ ۽ وسعت کي بيان ڪيو نہ ڪي ايراضي وار لسانياتي تجزيو ڪيو ويو. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻوليءَ جي محاورن تي عوام جي لڏپلاڻ يا جتي سنڌي قوم رهي ٿي جي ڪري ڪهڙا نحوي ۽ صرفي فرق پيدا ٿيا. جيئن پاڻ، گجرات ۽ ڪڇ جو ذڪر ڪيو اٿن. ڪين سنڌي ٻوليءَ جا لهجا ڪري مڃين ٿا. جڏهن تہ مٿي محاورو Dialect لهجو Accent ۽ ذاتي اُچار کي Idiolect ڄاڻايو ويو آهي.

جيئن اڳ ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ سنڌي زبان جي لاڙي محاوري جا ڪي پهلو ۽ لاڙي محاورو هڪ جائزو (شاعرن جي ڪلام ۽ عام چوڻين جي حوالي سان) لاڙجي لغات جو وڌايل سلسلو آهي. لاڙي محاوري جي حمايت ۾ لکن ٿا:

"لاڙجي ٻوليءَ کي بگڙيل بہ سڏيو ويو آهي اٿين تہ ٻيا محاورا بہ معياري محاوري کان مختلف/ بگڙيل آهن." [8] [جوڻيجو عبدالجبار، 'زنبيل' ص:277]

مقصد تہ هر محاورو پنهنجي ايراضي، ماحول، سماجي زندگيءَ جي وهنوار کان متاثر ٿئي ٿو. جيئن، سنڌ ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پهرين، آزاديءَ سان آبادي جو لڏڻ ۽ اچڻ وڃڻ پڻ نهايت ئي اهم رهيو آهي. ڊاڪٽر جوڻيجي هن مقالي ۾ انهن شاعرن جو ذڪر لاڙي ٻوليءَ جي استعمال سان بيان ڪيو آهي. پهريون مثال شاهہ

ڪريم جي ڪلام مان ڪنيو اٿس. شاھ ڪريم مٿين شاعرن کان علاوه آهي:

مُٺ پيڙائي پلي، جي اُپٽي تہ واءُ
جي پڌر وڌءِ ڳالهڙي، ڇڏي وڃي ساءُ.

مثال: اُپٽڻ مان اُپٽي: "مصدر کي ڪولڻ بدران اُپٽي ڪري آندو ويو آهي." ٻوليءَ جي حوالي سان شاھ عبداللطيف ڀٽائي بہ مٿيون لفظ هن ريت استعمال ڪيو آهي. "ڊاڪٽر جوٽيجي، شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي مان مثال ڏنو آهي:

موڪيءَ مٺ اُپٽئا، آٽي اُتر واءُ،
متارا تنهن ساءُ، اڇن سِرَ سنبهايو.

(بيت 19 سر يمن داستان 6)

اُپٽي ۽ اُپٽئا جي استعمال سان، لفظن جي ڪيفيت ۽ معنيٰ ظاهر آهي. مصدر مان فعل ٺهڻ جو خوبصورت استعمال ٻوليءَ جي سونهن ۾ اضافو ڪري ٿو. ڊاڪٽر جوٽيجي کان اُپٽيا لفظ وارو مثال ڏيڻ کان رهجي ويو. مولوي احمد ملاح جي شاعري، قرآن پاڪ جي سنڌي ۾ ٿيل ترجمي مان بہ مثال ڏنا اٿس، جڻ تہ لاڙي محاوري جي بي ساختہ ۽ فطري (natural) سونهن کي سمجهايو اٿن.

(1) چوٿي: ڏٺي نہ پچاري (2) جمع جو صيغو.

' مڙ نيان' (سيني کان) لاڙي لفظ آهي، جنهن کي جمع جي صيغي ۾ آندو اٿس. ضمير حاضر جا مثال: اوهان، اوهين، اوهان جو ۽ اوهان جي بدران، لاڙي محاوري ۾، آن، آئين، آنجو ۽ آنکي چئبو آهي. تن جا مثال ۽ ضمير مخاطب جون صورتون هن ريت بيان ٿيل آهن:

ماڳ ڏينداسون ملڪ ۾ آن کي اُن کان پوءِ
آن کي پنهنجون آيتون، ٿو ڏيکاري ڏاتار.

اِنهيان پوءِ اوهان جو ٿيا قلب وري ڪٺور.
آس آهنجي واس جي، احمد ڦري ٿو آس پاس.

لاڙي محاوري ۾ بسم الله جو ترجمو:

آول نام الله جو ڏيندڙ ڏيهہ ساري،
ڏيئي نہ پڇاري، مڙنيان مهربان گهڻو.

محمد سومار شيخ جي والد جي شعر جو مجموعو ’ڪليات الله بچايو شيخ‘ جو بہ ڊاڪٽر جوٽيجي پنهنجي هن مقالي ۾ ذڪر ڪيو آهي. محمد سومار شيخ جي ٻن مجموعن ’ڄراٽيس ڄيري‘ ۽ ’دوها ۽ دونهان‘ مان بہ مثال ڏنا آهن.

قومي شاعرن محمد خان مجيدي، مريم مجيدي، ابراهيم منشي ۽ سرويچ سجاولي وڏي وٽ ۽ نالي وارا آهن. جن لاڙي محاوري کي زنده رکيو آهي. سرويچ سجاولي سنڌ جو وڏو شاعر آهي. عوام سان محبت ۽ عشق ۾ ڪا ڪمي ڪانہ اٿس. سندس مجموعو ’آليون اکيون آٿيا وار‘ ۽ سندس قومي نظم ’ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون‘ جن ۾ سنڌو سان عشق جي اُتل آهي، نہ صرف سنڌو جي، پر ٻوليءَ جي بہ اُتل آهي.
سرويچ هڪ چوٽيءَ کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

سانگيئڙا هي ساٿيئڙا هي سارو ڏينهن ڏُک سُور،
ڳَٽيءَ ڳوهيل ڳوناٺا تا ڳاراٺي ۾ روز ڳرن چرن.

سندس شاعريءَ مان هڪ ٻيو مثال:

جي ٿول پاٺي ٿيون ٿِلن، تان ساڙ ۾ ٻيلون جلن،
هو ديس تان گهوريو گهمن ۽ ملڪ جي مٽي چُمن،
هو ديس جي خاطر جيئن ۽ ديس جي خاطر جمن،
شل جيئنديون ٻئي جڳ رهن، هي جوڏيون مهراڻ جون،
جنت الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون.

سنڌي ٻولي پنهنجي اڻ کُٽ قدرتي (natural) لفظن يا صوتياتي نظام ۾ آوازن جي ڪري زنده آهي. ٻيو وڏو سبب سنڌ جا رهواسي زراعت يعني ڌرتيءَ سان (معيشت جي حوالي سان) جُڙيل آهن. صنعتي ترقي نہ هجڻ جي برابر آهي ۽ شعر اڃا بہ ڀهراڙين سان لاڳاپيل آهن. تعليم جو حال پورو آهي، جنهن ڪري سنڌي ٻولي پنهنجي اُن قدرتي وِرثي کي پاڻ سان ڳنڍيو اچي. شعري انداز ۾ رهڻي ڪهڻيءَ جي اثر جي ڳُلپ ڪجي تہ اهو گهڻي قدر نظر ايندي بہ ٿورائي ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ نهايت ئي بنيادي نُڪتن کي بہ واضح ڪيو ويو آهي. جيئن محاورا ۽ انهن جا ننڍا محاورا اُپ ڀاشائون (Subdialect) زبان جي ايراضي واري اندروني نظام جو اڀياس مثال آهن. تنهن کي سمجهڻ لاءِ جيڪو فرق زبان ۾ خطي وار آهي، اُهو ظاهر ٿئي ٿو. اُن مناسبت سان 'لاڙ جي لغات' لسانياتي جاگرافي جي زمري ۾ اچي ٿي. جيتوڻيڪ مصنف پنهنجي تحقيقي ڪتاب جو نالو 'لاڙ جي لغات' رکيو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي هيٺئين لڙيل حصي يا لاڙ جي لاڙي محاوري جو اڀياس آهي. هن ۾ زير بحث زبان جي اندروني نظام ايراضي وار تبديليءَ سان، اُن ۾ لفظن جي معنيٰ ۽ اُچارن جي فرق تي بحث ۽ اهميت کي ظاهر ڪيو ويو آهي. آخر ۾ ڊاڪٽر جوٽيجي جي لفظن ۾: "لاڙ جي شاعرن مولوي احمد ملاح جو اثر ورتو آهي. ٻيا بہ ڪي شاعر آهن، جن هي وکرو وَهايو آهي. ڪلام ۾ لاڙي محاوري سان گڏ ڪن پهاڪن ۽ چوڻين جو ذڪر ٿيو آهي." [9] [زنبيل ص 286]

مقالي جي آخر ۾ هي پيغام ڏنو اٿس تہ هي مختصر جائزو آهي ۽ اُن تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ۽ تحقيق جي ضرورت آهي. سنڌ جي هن اعليٰ شخصيت سنڌي ٻوليءَ جو دفاع ڪندڙ (defender) محقق، تنقيد نگار، لطيفيات جي ماهر، لسانيات جي ڄاڻوءَ، شاعر، ڪهاڻيڪار 12 جولاءِ 2011ع تي وفات ڪئي. سندس جسد خاڪيءَ پنهنجن وڏڙن جي پِڙ ۾ بدين ۾ آرامي آهي.

## حوالا

1. جوڻيجو ڊاڪٽر عبدالجبار 'ڪنمال' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڇام شورو سال 2002ع ـ ص: 40
2. ساڳيو ساڳيو ـ ص:15
3. ساڳيو ساڳيو ـ ص: 13
4. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، 'زنبيل'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سال 2002ع — ص: 291، 290، 289
5. ساڳيو 'لاڙجي لغات'، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد سال 1975ع — ص:19
6. ساڳيو ساڳيو — ص: 1
7. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جا محاورا'، رسالو مهراڻ 3/1992ع — ص: 142
8. ساڳيو 'زنبيل'، سنڌي ادبي بورڊ، سال 2002ع، ص: 277
9. ساڳيو 'ڪنمال' ص ـ 9، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سال 2002ع
10. ساڳيو ساڳيو — 286

### مددي ڪتاب

1. آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ، (1993ع ڇاپو چوٿون)
2. الانا، پروفيسر، ڊاڪٽر غلام علي، سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ٽيون ڇاپو 1995،
3. جوڻيجو پروفيسر، ڊاڪٽر عبدالجبار، سنڌي ادب جي تاريخ 3 جلد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سال 2005.

[سيمينار ۾ پڙهيل مقالو]

✦

# حاجي احمد ملاح جي شاعري، سنڌي ٻوليءَ جي وسيع تناظر ۾

-ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ

سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي لهجي بابت هي سيمينار منعقد ڪيو ويو آهي، پر حقيقت هيءَ آهي تہ لاڙ جي ٻوليءَ وارو لهجو ئي سنڌي ٻولي آهي. سرتاج شاعر ڀٽ ڌڻي جي ٻولي بہ لاڙي آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب لکي ٿو تہ: "شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۾ لاڙي محاورو نمايان ملي ٿو." (1)

اهڙيءَ طرح ٻين بہ ڪافي دانشورن اها ئي راءِ رکي آهي. مولانا حاجي احمد ملاح جي ٻولي بہ لاڙي آهي. سندس سڄي شاعري لاڙي لهجي ۾ آهي، جيڪا لطيف سائينءَ جو هڪ تسلسل آهي، جنهن اڍائي سؤ سالن کان پوءِ لطيف سائينءَ واري ٻوليءَ ۾ شاعري ڪري، اُن ٻوليءَ کي نئين سِر نِروار ڪيو ۽ جيڪي ٻوليءَ جا لفظ سماج مان ختم ٿي چُڪا هئا، انهن کي ٻيهر جياپو ڏنو ۽ ان ٻوليءَ جي حفاظت ڪئي.

مون پنهنجي 'نور القرآن' واري ٿيسز جي هڪ باب جي هڪ فصل ۾ 'شاهہ لطيف ۽ مولوي احمد ملاح' جي ٻوليءَ تي تفصيل سان لکيو آهي، ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، حاجي احمد ملاح بابت نهايت ئي اهم خيال پيش ڪيو آهي. جوڻيجو لکي ٿو تہ:

"مولوي احمد ملاح لاڙي محاوري جو هڪ وڏو نمائنده شاعر آهي. سندس اثر نندين همعصر ۽ پوين شاعرن تي نمايان آهي، اهڙن شاعرن ۾ ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي، محمد خان مجيدي،

مرتضيٰ شاهہ ڏاڏاهي، ڊاڪٽر آڪاش انصاري، عبدالمبين پنائي، حاڪم ٽالپر ۽ ٻين شاعرن جو وڏو سلسلو ڳڻي سگهجي ٿو. بهرحال ان کان بہ انڪار ڪري نٿو سگهجي تہ سنڌ جي مختلف حصن ۾ ڳالهايا ويندڙ لهجا ۽ محاورا بہ سنڌي ٻوليءَ جا ئي لهجا آهن.“

مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعريءَ جو سنڌي ٻوليءَ جي وسيع تناظر ۾ جائزو وٺڻ کان پوءِ مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد چئجي تہ ڪو وڌاءُ ڪونهي. مولوي صاحب جي شاعري واري ٻولي ايتري وسيع آهي، جيتري سنڌي ٻولي وسيع آهي. سنڌي ٻولي ۽ شاعريءَ واريون سموريون خوبيون مولوي صاحب وٽ اعليٰ درجي تائين آهن. مولوي صاحب ٻوليءَ جو شهنشاهہ آهي. مولوي صاحب وٽ ٻوليءَ جي لفظن جو اٿاهہ ڀنڊار آهي، جنهن وٽ لفظ هٿ ٻڌي غلام جي حيثيت ۾ قطار ۾ منتظر هوندا آهن. هن جي زبان ڄڻ ڇري تي تہ لفظن جو وهڪرو جاري ٿئي ٿو جنهن ڪري هو لفظن جو محتاج نہ پر لفظ وٽس محتاج هوندا آهن. اهو لفظن جو وهڪرو درياہ جي موجن وانگر ڇوليون هڻندو آهي. انهيءَ ڪري تہ سنڌ جي هڪ وڏي ڏاهي ۽ مفڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب کي بہ چوڻو پئجي ويو تہ: ”جيستائين مولوي صاحب حيات آهي، تيستائين اسين سنڌي لغات مڪمل نہ ٿا ڪري سگهون، ڇاڪاڻ تہ هو هر ڏينهن نوان نوان لفظ آڻيندو رهي ٿو.“

مولوي صاحب کي اسان صرف مذهبي شاعري تائين محدود ڪيو آهي، جيڪو حقيقت جي ابتڙ آهي. مولوي صاحب مذهب کان وٺي عام انساني قدرن کي اهڙي تہ سهڻي انداز ۾ شاعريءَ ۾ سمايو آهي، جو ان جو مثال ٿي نٿو ملي. هُو واقعاتي شاعري، منظرنگاري، ناصحانہ شاعري، عشقيہ ۽ رومانوي شاعريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

مولانا جي شاعري، هن جو علم، هن جي ٻولي، هن جي سوچ، هن جو فڪر ۽ هن جي خيال جي اُڏام هماليه جبل جي بُلندي نه پر ستن آسمانن کان مٿي عرش واري بلنديءَ تائين پهچي، سچي جڳ کي جرڪائي ڇڏيو آهي.

مولانا غلام محمد گرامي صاحب لکي ٿو ته:

"مولانا حاجي احمد ملاح هڪ ڪامل الفن شاعر جي حيثيت سان عظيم مقام حاصل ڪري چُڪو آهي. سندس فن، سنڌي شاعريءَ جي دنيا ۾ انفرادي حيثيت حاصل ڪئي آهي. مولانا احمد ملاح جو ڪلام سلاست ۽ بلاغت جو هڪ حسين پيڪر آهي، جنهن ۾ وڏ ڦڙي مينهن وانگر نادر خيالات جي اوت آهي. لاڙ جي سرزمين اهڙي باڪمال شاعر جي فن تي فخر ڪري سگهي ٿي." (3)

عبدالواحد آريسر لکيو آهي ته:

"شاعري ڪرڻ ڪا معمولي ڳالهه ناهي، حقيقت اها آهي ته شاعري آسمانن مان ستارا ٽوڙي انڌن جي اکين ۾ نور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش آهي، ۽ جڏهن اها شاعري احمد ملاح جي قلم تي ايندي آهي ته انهيءَ وقت لفظ ائين رقص ڪندا آهن، جيئن گلاب جي گل جي ڪنڊي تي ماڪ جو ڦڙو رقص ڪندو آهي!" (4)

هنن سٽن ۾ اهي لفظ مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ ڪيئن رقص ڪن ٿا.

مينهن! ٿڏڙا ڏينهن تنهنجا، مينهن! وَس وَس، مينهن! وَس،
ڏينهن ٿڏڙا، واءَ ٿڏڙا، مينهن! وَس، اڄ ڏينهن وَس.
سُور سانگيڙا، سنڌين ۾، سانگ سانگيئڙا ويام،
يار نازڪ، ناز واري جي، نهوڙيم نينهن وَس (5)

مولوي صاحب جي شاعري عوامي شاعري آهي. هو عوامي شاعر آهي. هو ان ٻوليءَ ۾ ڳالهائيءَ ٿو جيڪا عام واري ٻولي آهي،

جيڪا جهرجهنگ ۾ هر واهڻ ۽ وستيءَ ۾، ننڍي ۽ وڏي، عام ۽ خاص، عالم ۽ جاهل ۽ ڏوٿين ۽ ماروئڙن جي ٻولي آهي، جنهن لاءِ خود مولوي صاحب چيو آهي تہ:

شعر 'احمد' جو اسان کي آهي، ويٺو منجهہ وجود،
نہ تہ ڳليءَ هر ڳوٺ ۾ ڳالهيون گهڻا ڳائين پيا. (6)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب 'ٻيلاين جا ٻول' ڪتاب ۾ عوامي شاعريءَ جي وصف ۽ خوبيون هن طرح لکيون آهن:

"عام شاعري لغت جي اڻ کٽ کاڻ آهي، عام جو شاعر سرزمين سنڌ جي هر خطي ۽ ماحول جو نيپاج آهي. هو عام فهم ۽ ان جي اصطلاحن جي علاوه پنهنجي تر ۽ ڄوءِ جي خاص لفظن ۽ محاورن جو بہ ماهر آهي، جن کي هو پنهنجي شعر ۾ فطري طور اُن جي اصلي ۽ حقيقي خواهہ اصطلاحي معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو." (7)

ڊاڪٽر متين اصولن ۽ خوبين جي روشنيءَ ۾ لکي ٿو تہ:

"انهيءَ معنيٰ ۾ اڄ جي شاعرن مان مولوي ثناءُ الله ثنائي ۽ مولوي احمد ملاح عام جا شاعر آهن." (8)

مولوي صاحب جي عوامي شاعري، عوامي رنگ ڍنگ ۽ پيشڪش بہ عوامي آهي، جنهن جو هڪ مثال:

سَجڻ مُنهنجو سدا سُهڻو سِٽيءَ جو ڦُل! اُ ها ها ها!
مٺو محبوب من مُهڻون، مٺيون ٻي مُلهہ! اُ ها ها ها!
لڳو اُن حسن جو هُل، هُل، ڪتي ڦُو ڦُو ڪتي ڦُل ڦُل،
ٻُرن بلبل، چون گل گل، سُخن صُل صُل! اُ ها ها ها! (9)

مولوي صاحب جي عشقيہ ۽ رومانوي شاعري بہ اعليٰ درجي جي آهي، جڏهن هو عشقيہ شاعري ڪري ٿو تہ مولوي لڳي ٿي ڪونہ ٿو:

سائين محمد صديق مرهم لکي ٿو تہ:

"عشقيہ ۽ جذباتي شاعريءَ ۾ مولوي احمد ملاح هڪ بلند جڳهہ والاري ٿو. غزل گو شاعرن ۾ سندس مقابلي جو شاعر اڃا تائين پيدا ٿي نہ ٿيو آهي. سندس خيال سادا، انداز بيان اعليٰ فخر سان، آسمان سان ڪلهو هڻندڙ آهن." (10)

مولوي صاحب جو هڪ غزل ۽ اُن ۾ محبوب جي ساراهہ، لفظ سادا ۽ اندازِ بيان نرالو هن طرح آهي:

پکين لاتون وري لايون، ٻڌ مُلالن للا لا لا،
گهميو گلزار ۾ گل ڦُل، ڪڻن ٿا لال للا لا لا،
جڏهن ڪاڪل ڪلهن لاهن، تہ ڪوڙين قيد ۾ ڪاهن،
اکيون آهُن مثل آهِن، ڀرون ٻڇيون ڀلا ڀالا (11)

يا وري هن طرح چوي ٿو:

منجهہ قيامت ڪنڊ ۾ پيو ٿئي، قتل منهنجي جو ڪيس
ٽِر ڪُنڊين ڪارين اکين ڪُل ڪيس بدلائي ڇڏيو. (12)

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ لکي ٿو تہ:

"شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس شعر عربي، فارسي، سنڌي، اردو ۽ سرائيڪي زبان ۾ چيل اٿس." (13)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو تہ:

مولوي صاحب فارسي، عربي، اردو سرائيڪي ۽ سنڌي ۾ مهارت رکندو هو. سنڌي ۾ هڪ بهترين شاعر هو. سندس شاعري، ٻولي، لغت جي ڄاڻ ۽ ٻين انيڪ خوبين سان ڀريل آهي. (14)

مولوي صاحب جي شاعري ۾ تسلسل ۽ لفظن جو تڪرار بي مثال آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار صاحب لکي ٿو تہ:

"مولوي احمد ملاح جي ڪلام ۾ پهرين خوبي لفظن جي موزونيت ۽ ترنم آهي. پڙهڻ سان نہ رڳو شعرن ۾ تسلسل ۽ ترنم پڌرو ٿئي ٿو بلڪ پيش ڪيل خيال ۾ درياهہ جو وهڪرو بہ نظر اچي ٿو ۽ وري لفظن جو تڪرار بہ نمايان آهي." (15)

مولوي صاحب جي اهڙين خوبين جو هڪ مثال هتي پيش ڪجي ٿو:

دل سڪي تو لاءِ دلبر! يار دم دم، دم بدم،
ور وريا غمگين تي غمخوار! غم غم، غم بغم،
گل، گهٽي ٿننجي مٿي، پانيان، تہ ڪر بيٺو رهان،
پر چون خر خار، ماريو خار، رم رم، رم برم،
دل ڪي منهنجي دام پيو لالن ڪلهن سر لاڙيا،
وار خوشبوءِ دار ۽ خمدار، خم خم، خم بخم (16)

مولانا صاحب تجنيس حرفيءَ جو بادشاهہ آهي، پنهنجي شاعريءَ ۾ تجنيسن جو خوب استعمال ڪري شاعريءَ جي حسن ۾ چار چنڊ لڳايا آهن، جنهن سان پڙهندڙ لطف حاصل ڪندو آهي. جنهن لاءِ تاج جويو صاحب لکي ٿو تہ:

"تجنيس حرفيءَ جي حوالي سان لطيف، لطيف آهي، پر احمد ملاح بہ جيڪا تجنيس حرفي استعمال ڪئي آهي، اها بہ عروج تي آهي. احمد ملاح جي تجنيس حرفي بيت ۾ بہ ڪمال جي آهي." (17)

تجنيس حرفيءَ جو هڪ مثال:

تار تند، تن، من ۾ تون تون، تون تہ تون، تون، تون لڳي،
لال لهسڻ منهنجي لون لون، تہ لون لون، لون لڳي،
دم دريچہ مان بيهي ديدار دلبر جو ڪيم،
تان هڪل هر پار هُون هُون، تہ هُون هُون، هُون لڳي،

مون ڇيس ڇُمي ڪپي، اي نور نيڻن! نون ريءَ
تان اڳيان انڪار اُون اُون، اُون تہ اُون اُون، اُون لڳي. (18)

تجنيس مرڪب جو هڪ مثال:

پريم! اهنجي پسڻ جا پور، پيامن تي، پيامن تي،
وري سِڪ جا ٽيا ساوا، سلامن تي، سلامن تي،
ڏکايو مون ڏُکيءَ جو ڏِيل، ڏُوراپنڌ، ڏوراپن تي،
ڪيا غفلت سبب غم، غُل غُلامن تي، غلامن تي.(19)

مٿئين غزل ۾ مولانا صاحب جي ڪاريگري تہ ڏسو هڪ لفظ مرڪب آهي ۽ ٻيو مفرد آهي. اهڙي تجنيس مرڪب تي مولوي صاحب جا ٻيا بہ ڪيترائي غزل آهن.

تجنيس ناقص جو هڪ مثال:

تون هڪ لَک، لوڪ سارو لِک، تون خوشبوءِ خلق ساري ڪِک،
مٿي ڪر ڏُک سندم ڪي ڏِک، تہ مرڪان ڊول وٺ ڊٺ پٺ (20).

مولوي صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ نيٺ سنڌي لفظن جو تمام گهڻو استعمال ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو محلن ۾ رهندڙ شاعر نہ پر پونگين ۾ رهندڙ شاعر هو جنهن جو تعلق عوام سان هو جنهن ڪري هن جي شاعراڻي ٻولي نيٺ ۽ نج سنڌي لفظن تي مشتمل آهي ۽ وري ٻوليءَ جي رواني درياه جي ڇولين وانگر نظر اچي ٿي.

غلام حسين رنگريز صاحب لکي ٿو:

"سنڌي ادب ۾ شاعريءَ جي حوالي سان پنهنجي تيز رواني، نج سنڌي لفظن جي ٺُز استعمال، تجنيس حرفيءَ جي ڪمال دسترس ۽ اظهار جي بيباڪيءَ جو ٻيو نالو آهي، مولوي احمد ملاح." (21)

هتي مولوي صاحب جي نج سنڌي لفظن جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو جيڪو هن جي هڪ ٽيهه اکري مان آهي، جنهن مان مولوي صاحب جي ٽيهه اکري واري شاعريءَ جون خوبيون به ظاهر ٿين ٿيون:

"نون" نِت نِت دور نئون، نئون عمر ناهي ارڻ نئون،
ڳپ ڳيهڻ ۾، پوءِ ڳيرو پوءِ ڳاڙهو ڳرڻ نئون،
پوءِ ڪرڙود، پؤ ڳراڙو پوءِ ڪنڌ تي ڪرڻ نئون،
سرس تبه سڻ سال، تنهن ۾ دم صحت، دم سرڻ نئون،
گم پروڪا گاه، گل ڦل، بير ٻاجهر ٻرڻ نئون،
هيڪڙي جي هار ٻي کي هار سمجهي ڇا سگهان! (22)

جيتري قدر مولوي صاحب جي بيباڪيءَ جو تعلق آهي ته اهو لنواريءَ واري واقعي مان ظاهر آهي، جو وقت جي فرعونن کي ائين للڪاريندو رهيو جو فرعونن ۽ ظالمن جي ايوانن ۾ زلزلو اچي ويندو هو.

اي اميرو! عام آهون، رنگ لائيندين ضرور،
نت نماڻن جون نگاهون، رنگ لائيندين ضرور،
ڪن ٻلاهون پيٽ ۾، پر پيٽ ڪِن جا ٿيا ٻلا،
هي ٻلا ۽ هي ٻلاهون، رنگ لائيندين ضرور (23)

مولوي صاحب منظر نگاري ۽ واقعات نگاري ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ڪوئيٽا وارو زلزلو سنڌو نديءَ واري اُڇل، جهمپير واري ريل گاڏيءَ وارو حادثو وغيره ائين بيان ڪري ٿو جڻڪ ته هو اُتي بيٺل هجي. هتي صرف منظرنگاريءَ جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

جُهڙ جهميو جهوري لٿي، جهانگين وسايون جهوپڙيون،
پڊ پروڪا، کير پاريون، واه! قدرت رب ڪريم،
ڇا چوان ڇانچر ڇنن ۾! ڇا ڏسان ڇانئون ڇَمر!

چا ٻڏان ٻوليون پياريون، واه! قدرت رب ڪريم،
وس ٿئي واسي وريا، واسيا ولين وڻ ٽڻ ولهار،
ٻوه ڀھڪن، ٿوه ٽاريون، واه قدرت رب ڪريم،
واه چينگاريون چڙن جون، منجهه ڇلر ڇيها ڇُرن،
ڪئين ڪڪيون، ڪنڊيون ۽ ڪاريون، واه قدرت رب ڪريم (24)

مولوي صاحب وٽ لفظن جي جوڙجڪ جو انداز بہ عجيب آهي. مولوي صاحب چوي ٿو:

حورون پريون، حيرت ڀريون، درسن دريون، ڪليون ڪريون،
بجليون ٻريون، اکڙيون ٺريون، جلوه گريون ڇنسار آهہ
ڀهتا پلڪ، طوبيٰ تلڪ، گهميا فلڪ، مُلڪ و مَلڪ،
بر بحر، لک جلوا، مهلڪ، چوڏس ٻلڪ چمڪار آهہ (25)

مٿئين غزل جون سِٽون اندروني وارو وار قافئي جو بہ مثال آهن. مولوي صاحب ذُوقافيتين تي بہ خوبصورت شاعري ڪئي آهي. جنهن تي هن ڪيترائي غزل چيا آهن. هڪ غزل جا ٻہ بند نموني طور هتي پيش ڪجن ٿا:

بنايو هن حُسن حاڪم، هزارن تي، حبيبن ڪي،
ڏنم محبوب جي منهن لئي، منارن تي، مجيبن ڪي
ڇُپن ٿا تير جيئن تارا، سندن گهٽ، گهُور ڪيا گهارا،
خطا ڪن، زلف خم وارا، خمارن تي، خطيبن تي (26)

مولوي صاحب 'نورالقرآن' ۾ ترجمي لاءِ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي، جيڪي صنعتون استعمال ڪيون آهن. جيڪا ٺيٺ ٻولي استعمال ڪئي آهي، ان جو تہ ڪو مثال ئي ڪونهي، جنهن مان ٻوليءَ جي وسعت ظاهر ٿئي ٿي، اُن جو تہ ڪو اندازو ئي ناهي. جو عربي ٻوليءَ جي هڪ لفظ جي معنيٰ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جا 18 کان 20 لفظ استعمال

ڪيا آهن. جيڪو مولوي صاحب وٽ ٻوليءَ جي وسعت جو هڪ اعليٰ ۽ ڪليو ثبوت آهي. مون پنهنجي ٿيسز جو هڪ باب مولوي صاحب جي ٻوليءَ جي وسعت جي حوالي سان لکيو آهي، جيڪو مطالعو ڪري سگهجي ٿو. نورالقرآن واري ترجمي لاءِ ڊاڪٽر تهمينہ مفتي صاحبہ لکيو آهي تہ:

"ترجمو سنڌي ٻوليءَ لاءِ اساس آهي، اهو ان ڪري جو اهڙي اعليٰ ترجمي سان سنڌي ٻوليءَ جا گڻ ۽ اُن جي وسعت نمايان آهي." (27)

سنڌ جي هڪ وڏي عالم علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب لکيو آهي:

"بيتن کي پڙهندي حضرت شاهہ عبداللطيف جي ٻوليءَ جي سِڪ لهي ٿي." (28)

نورالقرآن جي ترجمي بين الاقوامي سطح تي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مان مٿانهون ڪيو آهي، مٿي ذڪر ڪيل حقيقتون ٻڌائين ٿيون تہ مولوي احمد ملاح سنڌ جو هڪ عظيم عوامي، انقلابي، رومانوي، اصلاحي ۽ مذهبي شاعر آهي. جنهن جي ٻوليءَ جي وسعت سمنڊ وانگر آهي، جنهن جو ٻيو ڪنارو ڳولهي نٿو سگهجي. بهرحال جنهن شخصيت تي PhD وارا مقالا لکجن، اُتي هيءَ مختصر مقالو مولوي صاحب جي شاعراڻين خوبين بابت نامڪمل چئي سگهجي ٿو.

آخر ۾ آءٌ سنڌ جي هڪ انقلابي شاعر سرويچ سجاوليءَ جو هي شعر مولوي صاحب کي پيش ڪندس تہ:

> ويا سنڌ کي موڙون ٻڌي، ملاح توڙي شاهہ ٻئي
> تي هڪ چيو بيتن اندر مون آيتون پائي ڇڏيون،
> ۽ ٻئي چيو مون آيتون بيتن ۾ سڀ ڳائي ڇڏيون.
> هو ويا لکي سنڌيءَ ۾ ڏس ڪامل ڪلام الله ٻئي،
> ويا سنڌ کي موڙون ٻڌي ملاح توڙي شاهہ ٻئي.

## مددي ڪتاب ۽ حوالا


1. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، 'ڪنمال'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 2002ع، ص 22
2. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، 'زنبيل'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 2010، ص 189
3. گرامي، غلام محمد مولانا، ديوان احمد "تقريظ"، عبدالغفور نيوزپيرا ايجنسي بدين 1974، ص 7
4. آريسر، عبدالواحد، 'موحد شاعر'، مرتب: تاج جويو سنڌ ماٽڪ موتي تنظيم، حيدرآباد 2003 ص 98_97
5. ملاح، مولوي احمد 'ديوان احمد'، عبدالغفور نيوز پيپر ايجنسي بدين، 1974ع ص 265
6. ديوان احمد، ص 82
7. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، 'ٻيلاين جا ٻول'، سنڌي ساهت گهر، 2008، ص 15
8. ساڳيو
9. ديوان احمد، ص 74
10. مرهم، محمد صديق ملاح، 'گلشن احمد_ مولوي احمد ملاح'، غمور نيوز ايجنسي بدين، 1997ع، ص 13
11. ديوان احمد، ص 62
12. ساڳيو، ص 429
13. مخدوم، محمد زمان طالب المولي 'درناياب عرف ياد رفتگان'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1994ع، ص 962
14. الانا، غلام علي، 'لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو 1977ع، ص 323
15. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب جي تاريخ'، ص 2، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2005، ص 214
16. ديوان احمد، ص 310

17. موحد شاعر، ص 18
18. ديوان احمد، ص 499
19. ديوان احمد، ص 497،
20. ديوان احمد، ص 136
21. هٿ خط
22. گلش احمد ص 82
23. ملاح، مولوي احمد، 'گلزار احمد'، اسلاميه پريس حيدرآباد 1957، ص 15
24. ملاح، مولوي احمد 'بياض احمد'، غفور نيوز پيپر ايجنسي بدين، 1982، ص 47
25. گلشن احمد، ص 33
26. ديوان احمد، ص 496
27. مفتي، تهمينه ڊاڪٽر، 'حاجي احمد ملاح جون خدمتون'، لاڙ صدين کان سيمينار ادبي ڪميٽي بدين 2001ع، ص 108
28. قاسمي، غلام مصطفيٰ علامه، 'مهاڳ: تفسير هاشمي'، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو حيدرآباد، 1987ع، ص 5


[سيمينار ۾ پڙهيل مقالو]

# خليفي نبي بخش 'قاسم' جي شاعريءَ
# ۾ لاڙي لهجي جو استعمال

-پروفيسر ڊاڪٽر قادر بخش مگسي

اڄ اسين ضلعي بدين ۾ اچي گڏ ٿيا آهيون، جنهن کي لاڙ سڏيو وڃي ٿو. لفظ 'لاڙ' مان مراد 'لڙيل' يا 'هيٺانهون' آهي، لاڙ سنڌ جي ذڪرڻ واري ڀاڱي کي سڏيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ اڄ تائين لاڙ جي حدن جي نشاندهيءَ تي گهڻو اختلاف آهي، پر منهنجي خيال موجب اهو حيدرآباد جو هيٺيون حصو ٽنڊي محمد خان کان شروع ٿئي ٿو. بدين ۽ ٺٽو هن حصي جا مکيه ضلعا آهن. سنڌ جي هن خوبصورت خطي ۾ ماڻهو ٻوليءَ جو جيڪو لهجو استعمال ڪن ٿا، تنهن کي سنڌي ٻوليءَ جو لاڙي لهجو چيو وڃي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي ڪن عالمن سنڌي محاوري ۽ لهجي ۾ گهڻو فرق محسوس نہ ڪيو آهي، جڏهن تہ 'فيروز الغات' مطابق محاوري جو مطلب آهي، 'همڪلامي، باهمي گفتگو ڳالهہ ٻولهہ يا مشق، جنهن جي وصف کي مختصر لفظن ۾ هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو تہ: "اهڙو ڪلام، جنهن کي هم زبان لغوي معنيٰ جي مناسبت سان يا غير مناسبت سان ڪنهن خاص مفهوم لاءِ مخصوص ڪيو هجي."

ليڪن لهجو الفاظن جي آواز (Tone) کي چيو وڃي ٿو. فيروزالغات موجب، لهجو لفظ جي آواز، ڪلام جي تلفظ، ڪلام جي انداز يا گفتگوءَ جي انداز کي چيو وڃي ٿو انهيءَ ڪري مون کي لهجي ۽ محاوري ۾ فرق محسوس ٿئي ٿو. منهنجي نظر ۾ لهجو لفظن جي اُچارڻ جي ڍنگ ۽ نموني کي چوڻ گُهرجي.

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا ڳالهايا وڃن ٿا. منهنجي خيال ۾ لاڙ ۽ ڪوهستاني لهجي ۾ فرق آهي، تہ وري ٿري لاڙي لهجي ۾ بہ فرق آهي. پر اُچار جي اعتبار کان مٿين علائقن جي لفظن ۾ هڪجهڙائي بہ ملي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جو لاڙي لهجو ٿر ۽ لس کان پڻ متاثر آهي. ان جو مکيہ سبب اهو آهي تہ سنڌي ماڻهن جا پنهنجو پاڻ ۾ دوستاڻا تعلقات قائم آهن. باهمي ميل جول سبب ٻوليءَ تي اثر پڻ ٿئي ٿو اهو تجربو اسان ڪندا رهيا آهيون . مٿي پيش ڪيل حقيقت کي سمجهڻ اينترو مشڪل بہ ڪونهي. مثال طور درياهہ جي پراڙ يعني ٺٽي، گهاري، ڳاڙهي، ساڪري ۽ ڪاري چاڙ واري پاسي جي ٻوليءَ جي لهجي ۾ هتان کان نمايان فرق محسوس ٿيندو.

سنڌي زبان جي اها چوڻي سچ آهي تہ: 'ٻارهين ڪوهين ٻولي ڦري' حقيقت ۾ انهيءَ چوڻيءَ جو مطلب يا اشارو مٿي پيش ڪيل حقيقت جو چٽو دليل آهي. ٻي اهم حقيقت اها بہ آهي تہ فاصلا بہ ٻوليءَ جي لهجن ۾ تبديليون پيدا ڪن ٿا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ٻوليءَ جي صورت تبديل ٿيندي رهندي آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب ٻوليءَ کي لهجن جي اعتبار کان مختلف علائقن ۾ ورهايو آهي. جنهن کي هُن صاحب سري وارو لهجو وچولو لاڙي، ٿري، ڪڇي، لاسي يا ڪوهستاني سڏيو آهي. هتي منهنجو غرض صرف لاڙي لهجي سان آهي، جيڪو خليفي نبي بخش 'قاسم' جي شاعرانہ مزاج سان ٺهڪي بيهي ٿو.

خليفي نبي بخش 'قاسم' جو تعلق سڌو سنئون لاڙ سان هو جنهن پنهنجي لاثاني شاعريءَ ۾ لفظن جي سونهن ۽ سُندرتا کي سمائي سندن فطري حُسن کي برقرار رکيو جيڪا حقيقت سندس شاعريءَ جي مطالعي ڪرڻ سان بخوبي معلوم ٿئي ٿي. خليفو نبي بخش 'قاسم' سُر سامونديءَ ۾ چوي ٿو:

تڙ توارون پُونِ، گهنڊ گُڙندا مون سُئا
مان مون کي 'چُونِ' تو وڻجارا آئيا.
(سامونڊي 4_1)

مٿي پيش ڪيل بيت ۾ لفظ سُئا بہ لاڙي لهجي طور ڪتب آيو آهي، پر لفظ 'پُون' ۽ 'چُون' مڪمل لاڙي لهجي جي عڪاسي ڪن ٿا.

سنڌ جا عُلماءَ ماڃر ۽ سامونڊي پٽيءَ کي لاڙي لهجي ۾ شمار ڪن ٿا. ڊاڪٽر هدايت پريم لکيو آهي تہ: "سُر سامونڊيءَ جي ٻولي پڻ لاڙي سامونڊي ساحل ۽ ماڃر جي علائقي واري تمدن جي عڪاس آهي، جنهن جي وضاحت سُر سامونڊيءَ جي ٻوليءَ جو جديد لسانيات جي اصولن تحت تجزيو ڪرڻ سان معلوم ڪري سگهجي ٿو."

اسان مٿين راءِ جي روشنيءَ ۾ خليفي نبي بخش 'قاسم' جي سُر سامونڊيءَ ۾ اُن لهجي کي پرکي سگهون ٿا.

خليفي نبي بخش 'قاسم' سُر 'سسئي' ۾ پڻ لفظ 'چُون' کي استعمال ڪيو آهي، پر ان سان گڏ هڪ ٻئي لفظ 'ٻوڏ' کي پڻ استعمال ڪري لاڙي لهجي جي حُسن ۾ واڌارو ڪيو آهي. خليفو قاسم چوي ٿو:

جي جت نہ چُونِ جي، تہ آءُ ڪا ٿيان آرهي
مِٺي ٻوڏ بروچ جي، ويٺر پيرا ويهہ
ٻولي وٺي نہ ٻي، جي مون کي چُونِ مولِدان.
(سسئي: 2_8)

خليفي نبي بخش 'قاسم' پنهنجي لاڙي ٻوليءَ جي لهجي ۾ لفظ ڪِئو ڪِئا يا ڪِج کي پنهنجي بيتن ۾ جا بجا استعمال ڪيو آهي. لفظ ڪِئو جو مصدر آهي ڪرڻ اُن کي فعل يعني ڪم ڪرڻ جي صورت ۾ استعمال ڪيو اٿس. خليفو صاحب ڪرڙيءَ جي ميدان تي هڪ سُورهيہ سپوت جي واتان چورائي ٿو تہ:

کرڙيءَ ڪُپن پير، تہ مون وڏو وس <u>ڪِئو</u>
ڪوڙئين پڳا ڪيترا، ٻڏي دنگ دلير
وڏو سُڃي وِيرُ، ڪنهن پر ڪُهي ڪاتيان.
(ڪيڏارو: 1_7)

لفظ 'ڪِئو' يا 'ڪِئا' ٻنهي رُوپن ۾ استعمال ڪيو اٿس:

سر ڏنائون سٽ ۾، جام پيتائون جال
'قاسم' ڪالهہ ڪلال، پياري پر <u>ڪِئا</u>.
(ڪليات: 3_4)

يا

اڳ نہ سونهين دڳ، پڳ نہ پٽڙ هيروان
سنئين واٽ سرڳ، الله ڪِج اٻوجهہ کي.
(سسئي: 4_11)

خليفي نبي بخش 'قاسم' پنهنجي خوبصورت شاعريءَ ۾ ضميرن (pronouns) کي استعمال ڪرڻ جو نهايت دلپذير انداز اختيار ڪيو آهي. ضمير حاضر (جمع) کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪرڻ جو وٽس رنگ ئي نرالو آهي، مثلاً:

آئين= جنهن جو معياري لهجو آهي (اوهين)
آن جي = يعني اوهان جي
آن کي = يعني اوهان کي
آنهن= يعني اوهان

مٿين مِڙني لفظن کي پنهنجي شاعريءَ جي زيب ۽ زينت بڻائيندي چوي ٿو:

آئين جي ورن واريون، وڃو سڀ وريءَ
(سسئي، وائي: 2)

آن کي سُڌ نہ سُور جي، آءٌ تان جهوريس جهورڙيءَ
(سسئي، وائي: 4)

هلو جي نہ هلو مون تان وچڻ واريو
آنکي آريءَ ڄام جو جيڏيون ناهِ ڄلو
آن جو ٿئي پلو مون کي منع مَ ڪريو.
(سسئي 5_3)

-

آيل سُڌ نہ آنهن، جا، لوري لائي سڄڻين
ڪيئن ڪريان، ڪيڏهن وڃان، ڪنهن کي ڏيان ڏانهن
مونکي جهلي ٻانهن، ٻاريو هوت هٿن سان.
(سسئي: 3_19)

اهڙيءَ طرح ضمير متڪلم کي پڻ استعمال ڪرڻ جو وڏس شاندار ڏانءَ آهي، اهڙا لاتعداد مثال سندس شاعريءَ جي سونهن جو سرمايو آهن. چوي ٿو تہ:

اُپ ٿتو پوڻءِ تاڻي، ڏيل گدازو ڏينهن
قاسم! قدم ٻانهنجا، تيز اُپاڙي
ٻهتي پنهون سيئن، سمن پوري سسئي.
(سسئي: 5_11)

يا

'ٿ' سرندو هٿ ۾، مٿس لال لباس
آلاپيائين اوچتو پيرم راڳ پياس
جا رکي آيو آس، سا پوري ڪندو ٻاهنجي
(سورٺ: 1_4)

-

آسا چڏ الله جي، در در پِن مَ دان
ٻاڻ وڃائي ٻانجو ثابت ڪر سبحان
ميم ٻڌي سِر مولهيو الف ڪر اڳوان
گولپ جو گمان. 'قاسم' ڪتر اک ۾.

خليفي نبي بخش قاسم پنهنجي شاعريءَ ڪيترن ۾ اهڙا ڪوڙ لهجا استعمال ڪيا آهن، جيڪي ماڳن ۾ مروج آهن. مثلاً: هڪ لفظ 'ني' يعني 'وڻي وڃڻ' يا نيڻ طور ڪم اچي ٿو اُن جو استعمال ته ڏسو:

قاسم سير سمونڊ جي، نايون پايو ني

(سُر ساموندي، وائي)

لاڙي لهجي ۾ هڪ لفظ آهي ڪيڻ معياري لهجي ۾ جنهن کي چئبو آهي 'ڪاٺڻ'، 'ڪيندڙ' اُن جو فاعل آهي، يعني ڪاٺيندڙ. اُنهن لفظن کي خليفي 'قاسم' لاڙي لهجي ۾ استعمال ڪري، پنهنجي شاعريءَ کي چار چنڊ لڳايا آهن:

سچ ناسيندي نيڻ، سامُهان سچيا سڄڻين،
سورج قمر سِرجيو، مد سين گڏيو ميڻ،
ڪيندڙ سو ڪيڻ، سو پکي سو پڇرو.

يا (آسا: 4_8)

باروچاڻي ذات سان، جي ٿي لايو نينهن
ته ڪر سانيئي شينهن، ڪيندو ماهہ معز جو.

يا (سسئي: 7_4)

ڪيندڙ ڪاڏي خوش ٿئي، ڏني لهي نہ ٻُک،
ڪيئن پرجي ڪُک، ڪن سُٽندي ڳالهڙي

(آسا: 1_9)

سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي لهجي ۾ اکرن جي مٽا سٽا جي گُنجائش گهڻي قدر موجود آهي، جنهن جي پوري پروڙ خليفي نبي بخش 'قاسم' کي آهي. مثلاً: لفظ 'ماٺهو' جو لاڙي لهجو آهي 'ماڙهو' يعني 'ٺ' جي جاءِ تي 'ڙ' جو اکر اچي ٿو ٻيهي. جيئن ماٺهن ـ ماڙهن يا ماڙهنا وغيره. خليفي نبي بخش 'قاسم' انهيءَ لب و لهجي کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪري، پنهنجي فنڪارانہ صلاحيت جو اظهار هن طرح ڪيو آهي:

قمر پائي ڪات، ساجن آيو سنبھي،
ويا سي واڍوڙيا، ڪانہ پچائي ذات،
ڏنائين ڏات، جيائين ماڙھن مھٹو.

يا

ڪُتو ڪاھي آئيو راڳو ڪري رُوڙ
اچيو آدم زاد تي، سامھين ڪيڌي سُوڙ
ڪارايل جا ڪُوڙ متان مڃيو ماڙھئا.

(برو و سنڌي: 2_10)

خليفي نبي بخش 'قاسم' کان اڳ توڙي پوءِ وارن گھٹن ڪلاسيڪل شاعرن اڪر 'مَ' کي پنھنجي شاعريءَ ۾ ڪم آندو آھي، اھو اڪر 'مَ' خليفي صاحب جي شاعريءَ ۾ گھٹيياڳي ھر سُر ۾ سمايل آھي. 'ميم' تي زبر ڏئي، اُن جي معنيٰ انڪار ۾ ڏيڪاريل آھي. 'مَ' جنھن جو مطلب آھي 'نَ'، اھو اڪر ٻوليءَ جي ٻين لھجن ۾ بہ پوري اھميت سان موجود آھي، پر لاڙي لھجي ۾ پڻ خليفي صاحب اُن کي استعمال ڪيو آھي:

ڪنارو مَ ڪڍ، ويريءَ جي وجود مان
وڍيو وڀٹو وڍ، اُنڊو وجھي اڱرا.

(ڪيڏارو: 2_12)

-

جي تون پچي آئين، تہ اوڏو مون مَ اچ
تو ڳل ڏيان ٻانھڙي، ڪُر کي لايان ڪَچُ
مون سُھائي سَچُ، ڪوڙيون ڪانڊن ڪوڏيون.

يا (ڪيڏارو: 2_18)

ورچي منڌ وراند، اوري ڪِچ مَ ڪيچ کان.

لاڙي لھجي ۾ ھڪڙو لفظ مھند بہ آھي، ڪٿي ڪٿي اُن لفظ کي 'ماند' پڻ اُچاريو وڃي ٿو. اھو اُچار ٿر توڙي لاڙ ۾ مشترڪ استعمال

هيٺ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'اڳي' يا 'اڳيان.' خليفو صاحب سُر ڪيڏاري ۾ معنيٰ خيز انداز ۾ استعمال ڪندي چوي ٿو ته، امير غلام مرتضيٰ شاهه ميدان جنگ (پِڙ) تي پهچي ويو ڪُجهه ساٿي نه پهتا. پر مير (حڪمران) به اڳيان نه آيا. فرمائي ٿو:

اچي اُڄ امير، ڪرڙيءَ خيمان ڪوڙيا
پيچي پيڙا نه ٿيا، مهند نه آيا مير،
ڏنو سِر سُڌير، مرتضيٰ ميدان ۾.
(ڪيڏارو: 1_4)

يا ڳلنگيون ڄَن ڪپار ۾، پائي ٿن پرڪ
هٽي هٿ هاٿيءَ کي، ٻي سڀ مهندان مڪ
ويا اُڏامي ڪڪ، پِڙ تان پاهڻ نه چُري.
(ڪيڏارو: 3_6)

لاڙي لهجي ۾ ڏيج، ساريج، ۽ چئيج، اهڙا پيا به گهڻا الفاظ آهن، جيڪي روزمره جي زندگيءَ ۾ ماڻهو ڳالهائيندا آهن. اهڙن لفظن جي استعمال تي خليفي نبي بخش 'قاسم' کي عبور حاصل آهي. ڏسو:

آئون ٿي ساريان، تون پڻ ڪِي ساريج
فاذڪروني از ڪرڪم، پرين تون پاريج
توريءَ سجي سيج، مومل موران نه وٺي.

مٿين بيت ۾ 'پاريج'، 'ساريج' ڪانسواءِ لفظ 'موران' به لاڙي لهجي جي عڪاسي ڪري ٿو. خليفي وٽ لاڙي لهجي جو هڪ عمدو مثال سُر 'مارئي' ۾ پڻ موجود آهي. لفظ جي آخر ۾ 'مَ' ڳنڍي، اُن جي استعمال کي سُهڻو بڻايو اٿس. ڏسو:

مارُوءَ منهن ۾ مڪ، مون هٿ ۾ تاريون،
چونديو وجهيم وات ۾، سندي ڦلن ڦڪ،
لائون پاسي لڪ، لَڏُم لوهيڙن ۾.

(مارئي:4_11)

متين بيت ۾ لفظ 'وجهيم'لاڙي لهجي طور ڪم آيل آهي. خليفي نبي بخش 'قاسم' پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ لفظ 'سين' پڻ استعمال ڪيو آهي. اهو لفظ ٿري، ڪوهستاني ۽ لاڙي لهجي ۾ يڪسان مروج آهي. خليفي صاحب اُن لفظ 'سين' کي شاعرانہ لهجي ۾ ڪيڏو نہ سُهڻو ڪري پيش ڪيو آهي. جيئن:

ڪٿوريءَ خوشبوءَ 'سين' واسيا تن وجود.

يا

مانگ ڀڄايس مينهن، رات رمندي ڍول 'سين.'

يا هڪ ٻئي بيت ۾:

چبي تير ترنگ، پڙ ۾ پاهورا ڪري،
جُهلون رَت جهپيليون، ڪيائون سنج سُرنگ،
دعوي دار درنگ، ڪُٺا شاهہ ڪٽار 'سين،'

اُن کانسواءِ خليفي نبي بخش 'قاسم' پنهنجي شاعريءَ ۾ لاڙ جا انيڪ لفظ استعمال ڪيا آهن. مثلاً: وڏوءِ، نائج، آڪارئين، سُتا، سُڃي، ڪِيوم، سرئوم، رواں ڪال وغيره وغيره.

خليفي نبي بخش 'قاسم' جي شاعريءَ ۾ لاڙي لهجي جي اعتبار کان هزارين خوبصورتيون ۽ حُسناڪيون موجود آهن. جنهن کي هُن پنهنجي غير معمولي ذهانت سان استعمال هيٺ آڻي، اعليٰ فن جو مظاهرو ڪيو آهي، جنهن تي مستقبل ۾ سنڌي ٻوليءَ جا محقق جيترو بہ تحقيق ڪندا تہ نئين کان نيون حقيقتون پلئہ پونديون. جيڪي يقيناً خليفي نبي بخش 'قاسم' جي شاعريءَ جي فن کي اعليٰ پد تي پهچائينديون.

## حوالا

1. فيروز الدين، مولوي، مرحوم، "فيروز الغات"، جامع فيروز سنز پرائيويٽ لميٽڊ لاهور 2005ع.
2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "خليفي صاحب جو رسالو" سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 2005ع.
3. ميمڻ، حميد سنڌي "سُر سامونڊي" مرتب: حميد سنڌي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه 1997ع.
4. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر "ڪنمال" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو 2002ع.

[سيمينار ۾ پڙهيل مقالو]

# پهرين سنڌي شاعره مرڪان شيخڻ

-غلام فاطمہ ٻير

دنيا جي گهڻو ڪري سمورين ٻولين جي ادب جي شروعات شاعريءَ سان ٿي آهي. ان ريت سنڌي ٻوليءَ جي ادب جي ابتدا بہ شاعريءَ سان ٿي آهي. اها هڪ حقيقت آهي تہ ٻولي، عورتاڻي سماج ۾ جنم وٺي ٿي، ۽ وڌي ويجهي ٿي. ٻار جي پهرين معلم 'ماءُ' آهي، جيڪا، هُن کي مادري ٻوليءَ جي سُتي تنجڻ دوران ڏيئي ٿي. ان ريت پهرين شاعر بہ اُها ماءُ ئي آهي، جيڪا پنهنجي ٻار کي پينگهي ۾ لولي ڏئي ٿي. اهڙيءَ ريت سموري دنيا جي شاعري لوليءَ جي سادن ٻولن سان پِري پئي آهي. لولي، شاعريءَ جي هڪ اهم صنف آهي. دنيا جي ٻين ملڪن وانگر لوڪ شاعري، سنڌ جي اولين شاعري آهي. انسان جي سيني جذبن کان ڪومل ۽ جٽادار جذبو ممتا جو جذبو آهي. اُن جذبي جي پالوٽ شاعريءَ جو روپ ڌاريو. عورت پنهنجي جذبن جو اظهار مختلف نمونن سان ڪري ٿي. لولي، ڳيچ (ڳيا، ڳاج يا سهرا) سندس جذبن جو بي اختيار اظهار آهن. ڳيا يا ڳيچ سنڌي شاعريءَ جي آڳاٽي صنف آهي.

"ڳَين جي قديم ترين هُجڻ ۾ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش نہ آهي. سندن سادي سٽاءَ ۽ مضمون جي اندروني ڪيفيت ئي ڳيچن جي قديم هجڻ جي چٽي پڌري ثابتي آهن. ڳيچن جي گهري مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ قديم زماني جون مذهبي ۽ معاشرتي حالتون، سماجي لاڙا، ذهني ڪيفيتون، نفسياتي رجحان، عقيدا ۽

عادتون، رسمون ۽ رواج، وهم ۽ وسوا، ڀرم ۽ سنسا انهيءَ قسم جا ٻيا ڪئين ڳُهنا تاريخي يادگار ۽ قديم آثار گيتن جي مضمونن ۾ محفوظ آهن." (1)

"مرد جي ڀيٽ ۾ عورت زياده حساس آهي، ۽ ماءُ جي اولاد لاءِ محبت پڻ ازلي آهي. انهيءَ لحاظ سان غالباً پُٽ جي شادي جي ڪاميابيءَ تي ماءُ جو 'ڳيچ' موت ويلي ماءُ جو 'پار' يا 'اوسار' انسان ذات جي ابتدائي شاعريءَ جا ڪهنا يادگار آهن." (2)

"سنڌي ڳيچ اسان وٽ پراڻي ۾ پراڻي شاعراڻي صنف آهي، ۽ ڳاهہ اُن کان صدي- ٻہ صديون پوءِ پيدا ٿي آهي. ڳيچن ۽ ڳاهن جي ڀيٽ ڪرڻ مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ٻنهيءَ جي رچ ۾ هڪ اهڙو دؤر اچي ٿو جڏهن ڳيچ اوائلي بہ، ٻي صديون گذارڻ کان پوءِ پُختي ڄمار ٻنجي وڃي ۽ ڳاهہ اُتان ئي قُٿي ٻالجتيءَ جي واٽ تي اچا ابتدا ڪري رهي آهي. ان کان پوءِ ڳاهون ۽ ڳيچ يا ڳاچ ٻہ چار صديون گڏوگڏ هلندا رهيا آهن." (3)

"ڳيچ عوام جي گهرو زندگيءَ، قبائلي رسمن رواجن، شاديءَ جي سائن سئوڻن، عزيزن جي اُمنگن، احساسن ۽ سماجي زندگيءَ جي خوبين ۽ خامين جو آئينو آهن. اُن ڪانسواءِ سنڌ جي ڳيچن ۾ خصوصاً سنڌ جي اڳوڻين رسمن ۽ رواجن توڙي تاريخي اهڃاڻن جا آثار پوشيدا آهن. ٻوليءَ جي لحاظ کان ڳيچ عوام جي زباني گهرو ٻوليءَ جا اهم دستاويز ۽ دفتر آهن." (4)

"جهوني سنڌي شاعريءَ جو دائرو سومرا راڄ جي اُسرڻ کان وٺي، سندن زوال جي حدن تائين پکڙيل آهي." (5)

"اسان وٽ لوڪ شاعريءَ جون تہ اڪثر صنفون آهن ئي عورتن جون ڇيل، جن ۾ لولي، ڳيچ سهرا، لوڪ گيت، ڪوڏاڻا، انيڪ

چوڻيون ۽ پاراٽا ٻول شامل آهن، پر باقاعدي شاعريءَ ۾ ٻي سموري معلوم شاعريءَ جيان عورتن جي شاعري سومرن جي دور کان ملي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي پهرين معلوم شاعر سومرن جي دور ۾ يعني ستين صدي هجري (اٽڪل 12 صدي عيسوي) ڏاري ٿي گذري آهي، جنهن جو نالو هو **"مائي مرڪان شيخڻ"**. هيءَ شاعره درگاهه ڪرهيي پانڌاريءَ سان وابسته هئي، جيڪا سومرن جي آخري تختگاهه روپا ماڙيءَ کان ٽي چار ميل اوپر طرف آهي." (6)

"شيخ ڪرهيي پانڌاريءَ جو ميلو سنڌي 'پوهه' مهيني جي پهرئين آچر کان شروع ٿيندو آهي. هن درگاهه تي سماع سومر رات ۽ سومر جي ڏينهن ٿيندو آهي. هن سماع ۾ فقط ڪرهيي پوٽا شيخ شامل ٿيندا آهن، البت شاهه ڪرهيي پوٽا، وجيهه الدين پوٽا ۽ جميعل شاهه گرناريءَ جي سجاده نشين جي اولاد مان به ڪي بزرگ هن سماع ۾ شامل ٿيندا آهن. سڀ شيخ سومر جي رات پنهنجي بزرگ جي درگاهه وٽ اچي گڏ ٿيندا آهن. پوءِ دهل وارو اڳ ۾ پٺيان سڀ شيخ ڳچيءَ ۾ گنديون ڳراهي وانگر وجهي، ادب سان درگاهه تي ايندا آهن. درگاهه جي اُلهندي طرف لنگهي، ذڪر کان ڦري، اُڀرندي طرف ايندا ۽ درگاهه جو ادب سان جُهڪي سلام پريندا آهن. ڪجهه وقت کان پوءِ سڀ شيخ، سماع واري مچ تي ايندا آهن." (7)

"مرڪان شيخڻ، سومرن جي دور جي شاعره آهي. اها ئي سڀ کان آڳاٽي معلوم سنڌي شاعره مڃي وڃي ٿي، جنهن جي شاعري **"محمد سومار شيخ"** ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائي آهي. ڪتاب جو نالو **"ڪلام مرڪان شيخڻ"** (پهرين سنڌي شاعره) جي نالي سان 1971ع ۾ ڇپجي چڪو آهي. 'مرڪان شيخڻ' جو مرشد ڪرهيو پانڌاري ولد شاهه چنچل ولد شهاب الدين شاهه لوقه ولد جميعل شاهه گرناري، سومرن جي دور جو درويش ٿي گذريو آهي. 'مرڪان' جو اصل نسل هيٺن

هو تہ سندس مڙس 'راڏڻ' ذات جو 'چاوڙو' هو ۽ پاڻ ذات جي 'پٺياڻي' هُئي. درگاهہ شيخ ڪرهيي پانڌاريءَ سان وابستہ رهڻ کان پوءِ پاڻ 'شيخڻ' سڏي ويئي. مرڪان اٽڪل 735هہ/1335ع ڌاري وصال ڪيو ۽ پنهنجي مرشد حضرت پير شيخ ڪرهيي پانڌاريءَ جي قبرستان ۾ هميشہ لاءِ آرامي آهي.“ (8) ڪتاب 'ڪلام مرڪان شيخڻ' جي مطالعي سان پير ڪرهيي پانڌاريءَ ڪانسواءِ سندس پڙ ڏاڏي جميل شاهہ گرناريءَ بابت بہ احوال ملي ٿو. مطلب تہ هن جي شاعريءَ ۾ ڪيترائي تاريخي حوالا بہ ملن ٿا. مرڪان شيخڻ کي 'سهرن' جي 'شهزادي' چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ڇو تہ سومرن جي دور جي اڪيلي شاعره آهي، جنهن پنهنجي مرشد جي عقيدت ۾ ڳيچ چيا آهن.

## مرڪان شيخڻ جا ڳيچ

فني سٽاءُ:

مرڪان شيخڻ گهڻو تڻو شاعري، ڳيچن يا سهرن جي صورت ۾ ڪئي آهي، جنهن ۾ قافيي ۽ رديف جو گهڻ خيال رکيو ويو آهي، تنهن هوندي بہ سندس شاعريءَ ۾ خاص طور وراڻيءَ ۾ قافيي ۽ رديف جو خيال رکيو ويو آهي:

آءُ عرضياڻي، وار مَ خالياڻي،
آءُ گهوريس گهوريس دريلي جو پيٽيان!

(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص:1)

هن شعر ۾ آءُ عرضياڻي، وار مَ خالياڻي (خالي هٿن واري کي واپس نہ وار) مان قافيي ۽ موسيقيءَ جي سنگم جي خبر پوي ٿي.

لوڏي ڏي هير جو هندورو،
لوڏو ڏي پير جو هندورو.

(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 5)

هن ۾ هِير ۽ پِير 'قافئي' جو بهترين نمونو آهي.

هيءَ كانديرڙي لس،
هيءَ واسرڙي وس،
آءُ ڪِلندي ڳُڏندي اچان.

(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 4)

هن شعر ۾ 'ڪانديرڙي لس' ۽ 'واسرڙي وس' ٻنهي قافين جو خوبصورت استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪي شاعريءَ کي قاعدي ۾ آڻڻ سان گڏوگڏ موسيقيءَ جو پڻ ڪارڻ بڻجن ٿا.

## تاريخي حوالا:

مرڪان شيخڻ جي ڳيچن ۾ تاريخي واقعن جو ذڪر بہ آهي. هيٺ ڪجهہ اُن جا مثال پيش ڪجن ٿا:

ڪارو ني پالو هٿ ۾
هوندو شيخن سين همراهہ

(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 38)

هن شعر مان خبر پوي ٿي تہ ڪرهيي پانداريءَ سان هميشہ ڪارو پالو گڏ هوندو هو، شايد اُن سان ڪرامتون ڏيکاريندو هو.

## تجنيس حرفي:

تجنيس حرفي، ٻوليءَ ۾ خاص طور شاعريءَ جي سُونهن هوندي آهي. اڳوڻي زماني ۾، خاص طور سومرن جي دور ۾ تجنيس حرفيءَ تي گهڻ زور ڏنو ويندو هو تنهن هوندي بہ مرڪان شيخڻ جي شاعريءَ ۾ تجنيس حرفي نظر اچي ٿي.

پلي چائو بسم الله
لا الہ الا الله

(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 2)

هيءَ ڪانڌيرڙي سل،
هيءَ واسرڙي وس.

(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 2)

پير ولايت وارو،
هوندو شال حضور.

(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 10)

مٿين شعرن ۾ 'پلي جائو بسم الله' هيءَ 'واسرڙي وس' ۽ هوندو شال حضور جهڙا' فقرا تجنيس حرفيءَ جو سهڻو نمونو پيش ڪن ٿا.

## ٻولي:

مرڪان شيخڻ جي ڪلام ۾ ڪڇي ۽ لاڙي لهجي جو اثر آهي. هن جا تمام ٿورڙا لفظ ڪڇي آهن، جڏهن ته لفظن جي گهڻائي لاڙي لهجي سان لاڳاپيل آهي:

بيرقون مونجي پير جون،
سنڌ تي چڙهيون،
پيٽي پار وريون.

(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 15)

مٿين سٽن ۾ 'مون جي' (منهنجي) ۽ 'پار' (پائر) ٻئي لفظ لاڙي لهجي ۾ ملن ٿا:

نماڻيون اڪڙيون،
آنئين سٽيون ڪوه ڪريو!

(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 23)

هن شعر ۾ 'آنئين' (اوهين) ڪڇ سان گڏوگڏ لاڙ ۾ به استعمال ٿيندو آهي، جڏهن ته لفظ 'ڪوه'، لاڙ ۽ ڪوهستان ۾ عام جام استعمال ٿئي ٿو جيڪو 'ڇا' جي معنيٰ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. البت هيٺئين شعر ۾ 'ني' لفظ ڪڇي ٻوليءَ جو آهي، جيڪو ڪيترن ئي شعرن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي:

کارو ني پالو هٿ ۾
هوندو شيخن سي همراهہ
(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 1)

اُتي ڏسوڙي اُمتيا،
پير ڊوري وارو!
(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 11)

مٿئين شعر ۾ 'اُمتيا' وارو لفظ فقط الف اشباع جي يادگيري ڏياري ٿو پر هتي 'امتيا' ٻٽو لفظ بہ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: 'اي اُمتي،' مرڪان جي شاعريءَ ۾ اهڙي تہ سادي ٻولي استعمال ٿيل آهي، جيڪا دل تي اثر ڪري ٿي:

مريد منهنجي ٿرهيل جا،
قلبان وڃان،
اڇن وڃينءَ ويل،
جنين جو ثاني نہ ڪو ٿل،
قلبان وڃان!
(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 18)

'قلبان وڃان' وارن لفظن مان ڪيڏي نہ پنهنجائپ بکي رهي آهي، مٿي 'ثاني' جي جڳهہ تي 'نشاني'، 'قربان وڃان' جي جاءِ تي 'قلبان وڃان' جهڙا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. ٻيا مريد رڳو پيرن کي ڳائيندا آهن، پر مرڪان شيخڻ واحد اوائلي شاعره آهي، جنهن پيرن سان گڏوگڏ پيرين اُڳهاڙن مريدن لاءِ بہ چيو آهي تہ 'جنين جو ثاني نڪو ٿل'. هُوءَ سندن برابر ڪنهن کي بہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا مرڪان شيخڻ جي شاعريءَ جي ٻوليءَ جي باري ۾ لکيو آهي تہ:

"مائي مرڪان' جا جوڙيل پيراٿا، سنڌي ٻوليءَ جو اَمُلهه سرمايو آهن. هيٺ سندس جوڙيل پيراٿي جا ٻه بند نموني طور ڏجن ٿا، جنهن ۾ سڪ، سوز، تڙپ ۽ ويراڳ واريون خوبيون نظر اچن ٿيون:

هيءَ ڪانڊيرڙي لس،
هيءَ واسرڙي وس،
آءُ ڪِلندي ڳُڏندي اچان،
ڦرهيل ڏنم سُک پار ۾،
آءُ ڪِلندي ڳُڏندي اچان،
پانڊاري ڏنم سُک پار ۾،
آءُ ڪِلندي ڳُڏندي اچان،
هيءَ واسرڙي وس،
هيءَ ڪانڊيرڙي لس،
مريد ني، تنهنجا ڏس ۾،
آور جا چاما!
شيخ تنهنجا ڏيهه ۾،
ڪونئري جا چاما!
پورڙيو ڪيتم،
پير پانڊاري،
تونجو ساٿ سلامت آيو!
ساٿ سلامت آيو،
تونجو ٻيڙو ڪٺي گهر آيو.

"هن درويش مائيءَ جي ڪلام جي 'ٻولي' تمنا ۽ آس ڏيکاريندڙ سادن لفظن سان ڀريل آهي، جيئن عام ڳيچن ۾ محسوس ٿيندو آهي. مٿي ڏنل پيراٿن ۾ تڪبندي ۽ مقفيٰ واري سٽاءَ واريون

نُنڍيون ننڍيون سِٽون آهن. ڪانڊيرڙي، واسرڙي ۽ پورڙيو (پورهيڙو) لفظ اسم تصغير طور ڪم آندل آهن. هنن پيراڻن ۾ ٻوليءَ جو وياڪرڻي سٽاءُ به ساڳيو آهي. هنن ۾ ضمير متصل جو استعمال به گهڻو آهي." (9)

## فڪري خوبيون:

مرڪان شيخ جيئن ته آڳاٽي شاعره آهي، تنهن ڪري سندس فن ۽ فڪر ۾ ڪجهه کوٽ موجود آهي، پر اهڙي قسم جي شاعري، اُن ئي موضوع تي مشڪل نظر اچي. اُن ڪري اها شاعري تاريخي حيثيت رکي ٿي.

آڳاٽن سهرن ۾ 'سون جي ڳهن ڳٽن' جو ذڪر ضرور ملندو آهي. مرڪان شيخ جي شاعريءَ ۾ به اهي ڳالهيون ملن ٿيون:

مور مرشد جا،
آهن ساري سون جا،
لوڏو ڏيو هير جو هندورو،
مريد پانڌاريءَ جا،
آهن ساري سون جا.

(ڪلام مرڪان شيخ، ص: 5)

هن شعر ۾ پانڌاري جي هر شيءِ کي سون سان ڀيٽ ڏني وئي آهي. مرشد جي مورن سان گڏوگڏ، اُن جا مريد به سون جا ٺهيل آهن. هتي 'سون' لفظ ٻن معنائن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي: سون- سون (ڌاتو) سون- خوبصورت يا خوبصورت شيءِ، مرڪان جي نظر ۾ اهي سمورا 'سون' آهن، ۽ 'سون' جهڙا خوبصورت آهن. اهي ڳالهيون مرشد ۽ سندس لاڳاپيل ماڻهن ڏانهن عقيدت جو اظهار ڪن ٿيون.

محمد سومار شيخ لکي ٿو تہ: "حضرت پير ڪرهيي ياندارِيءَ جي هر ڪا وٿ مرڪان لاءِ، توڙي هر ڪنهن مريد لاءِ سوني وٿ هُئي. درگاهہ سان وابستہ هر ڪا چيز سون کان بہ وڌيڪ قيمتي آهي. درگاهہ سان وابستہ ڍورو سون جو آهي، قبو سون جو آهي، مالهاريون سون جون آهن." (10)

مرڪان جي پنهنجي پير سان ايتري تہ عقيدت هُئي، جو هو پنهنجين نماڻين اکڙين سان مخاطب ٿي جاڳڻ جي تلقين ڪري ٿي:

نماڻيون اکڙيون،
آنئين ستيون ڪوهہ ڪريو؟
ستيون ڪوهہ ڪريو!
نماڻيءَ جو ياڳ وريو
نماڻيون اکڙيون.

(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 23)

ڳيچن جي لفظن مان نماڻائي ۽ سادگي ليئا پائيندي نظر اچي ٿي.

## منظر نگاري:

منظر نگاري شاعريءَ جي سُونهن ۾ واڌارو آڻيندي آهي. مرڪان شيخڻ جي سهرن يا ڳيچن ۾ بہ منظرنگاري سُهڻي انداز ۾ پيش ڪيل آهي:

هيءَ ڪانديرڙي لس،
هيءَ واسرڙي وس،
آءٌ کِلندي ڪُڏندي اچان.

(ڪلام مرڪان شيخڻ، ص: 6)

هي لفظ ’واسرڙي وس‘ ڪيڏي نہ ڪشادي منظر نگاري ڪري ٿو. جڏهن ٻوڏ ۽ پاڻيءَ جي موسم ۾ مينهن وسڻ کان پوءِ ڏراڙ مال ڪاهي مٿانهين پٽ جي ڪنهن کليل هوا ۾ اچي ڏاٻو ڪندا آهن، ۽ مال سان رهندا آهن تہ اُن مال جي جوءِ کي ’واسرڙي وس‘ چيو ويندو آهي، جتي تازي هوا ۽ گاهن جي گلزاريءَ جا منظر پاڻمرادو اکين اڳيان ڦري اچن ٿا.

## حوالا


1. محرم خان، پروفيسر، 'سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري )آڳاٽو دؤر)'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2007ع، ص: 66.
2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'ڳيچ'، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1963ع، ص: 12
3. محرم خان، پروفيسر، 'سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري (آڳاٽو دؤر)'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2007ع، ص: 72.
4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'لاڙ جي ادبي ثقافتي تاريخ'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 2006ع، ص: 303.
5. محرم خان، پروفيسر، 'سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري (آڳاٽو دؤر)'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2007ع، ص: 56.
6. فهميده حسين، ڊاڪٽر، 'دنيا جون شاعر عورتون'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 2006ع، ص: 28، 29.
7. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'لاڙ جي ادبي ثقافتي تاريخ'، انسٽيٽيوٽ اف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 2006ع، ص: 194.
8. شيخ، محمد سومار، 'ڪلام مرڪان شيخڻ (پهرين سنڌي شاعره)'، جيلاني پبليڪيشن، بدين، 1971ع، ص: 7، 20.
9. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا'، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006، ص، 146.
10. شيخ، محمد سومار 'ڪلام مرڪان شيخڻ (پهرين سنڌي شاعره)، جيلاني پبليڪيشن بدين، 1971ع، ص: 5.


نوٽ: ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب 'پير ڪرهيي پانڌاري' ۾ لکيو آهي، جڏهن تہ سومار شيخ ۽ ڊاڪٽر فهميده پنهنجن ڪتابن ۾ 'ڪرهيي پانڌاري' لکيو آهي

[ڪلاچي تحقيقي جرنل، جون: 2014ع تان کنيل]

◆

ISBN 978-9-6962509-1-3

9 789696 250913